# مقدمه لطيفي



پروفيسر هوتچند مولچند گربخشاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

# فهرست


| | |
|---|---|
| [مقدمہ لطيفي] | 7-8 |
| **فصل ١** | |
| ٭شاهہ جي سوانح عمري | 9 |
| **فصل ٢** | |
| ٭شاهہ جي صورت ۽ سيرت | 32 |
| **فصل ٣** | |
| ٭شاهہ جو مذهب | 37 |
| **فصل ٤** | |
| ٭ ويدانت ۽ تصوف | 45 |
| **فصل ٥** | |
| ٭شاهہ جو شعر ۽ شاعري | 51 |
| **فصل ٦** | |
| ٭شاهہ جي شعر بر[illegible] جو مضمون ۽ عبارت | 56 |
| **فصل ٧** | |
| ٭شاهہ جو نظم | 79 |
| **فصل ٨** | |
| ٭شاهہ جي سنڌي | 84 |
| **فصل ٩** | |
| ٭شاهہ جون نحوي بناوتون | 94 |
| **فصل ١٠** | |
| ٭رسالي جي تصنيف ۽ تاليف | 99 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

قائم مقام پڻ صاحب ڪرامت آهي، ۽ سندس فقيرن جي سلسلي مان ڪيترا نامدار خليفا آهن.

هن ڪان پوءِ سنہ 1851ع ۾ سَر رِچَرڊ بَرٽَن صاحب پنهنجي ڪتاب، جنهن جو سرنامو 'سنڌ ۽ سنڌونديءَ جي واديءَ ۾ رهندڙ قومون' آهي، تنهن ۾ شاه جو پڻ احوال ڏنو آهي. اهو احوال، اگرچہ مير علي شير قانع جي ڏنل احوال کان بهتر، ۽ ڪي قدر حقيقتن جي مطابق آهي، پر تڏهن بہ، اهڙو خاطر خواه نہ آهي؛ از انسواءِ اهو ڪتاب هاڻ ناياب آهي.

جڏهن سَر بَارٽِل فريئر، جنهن جي نالي ڪراچيءَ جو فريئر هال سڏجڻ ۾ اچي ٿو، سنڌ جو ڪمشنر هو (1851ع -1859ع)، تڏهن سندس نياٽي جي وندر لاءِ، شاه جي سوانح عمري سنڌيءَ ۾ لکائي ويئي هئي، جا پوءِ انگريزيءَ ۾ پڻ ترجمو ڪئي ويئي. هيءَ صاحبہ هندستاني قصن ۽ ڪهاڻين جي شائق هئي، ۽ انهيءَ باري ۾ ڪيترائي ڪتاب لکي ڇپايائين. مگر ڪنهن سبب کان اهي ٻئي مسودا، سنڌي توڙي انگريزي، خطي حالت ۾ ئي رهجي ويا؛ ۽ اڄ ڏينهن تائين، ڪمشنر صاحب جي ڪتب خاني ۾ موجود آهن پر اهي مسودا بہ ڪو مستقل احوال نٿا ڏين، رڳو وهمي ڳالهين ۽ ڏند ڪٿائن سان ڇانيل آهن.

سنہ 1882ع ۾ ديوان ڏيارام گدومل، 'سگما' جي تخلّص سان، هڪ ننڍڙو رسالو نالي 'سنڌ بابت ٿورو ذڪر' انگريزيءَ ۾ ڇپايو هو، جنهن جو ڪجھ حصو شاهہ جي حياتيءَ جي احوال سان پريل آهي. هن صاحب، جيتوڻيڪ تاريخي حقيقتن ڏيڻ جي قدري ڪوشش ڪئي آهي، پر تڏهن بہ غالباً سندس بيان جو دامن قصن ۽ ڪهاڻين جي ڪَنڊن ۾ ڦاسجي ويو آهي؛ خصوصاً سنن، مڪانن ۽ ماڻهن جي نالن وغيره ۾ گهڻيون غلطيون ڪيون اٿس. گهڻن هنڌن تي تہ رڳو شخصي خيال ۽ رايا اظهار ڪيل آهن. انهن سببن ڪري، سندس ڏنل احوال تاريخي معيار تي پورو نٿو بيهي.

سنہ 1887ع ۾ سنڌ جي مشهور مصنف مرزا قليچ بيگ، شاه بابت 'سندس مريدن ۽ فقيرن کان جدا جدا جاين تان، جدا جدا خبرون ۽ ڳالهيون گڏ ڪري،' هڪ سلسليوار سوانح عمري ڇپائي هئي. ۽ وري سال 1889ع ۾ ديوان ليلارام سنگ بہ شاه ۽ سندس شعر بہ نسبت هڪ ڪتاب، مقالن جي صورت ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڇپايو هو. هڪڙي مقالي ۾ خاص شاه جو احوال ڏنل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

مذڪور ڪتابن کان سواءِ ٻيو ڪو اهڙو ڪتاب نظر نہ چڙهيو آهي، جنهن ۾ شاهہ جو مفصل احوال ڏنل هجي. انهن سڀني حوالن کي مقابل ڪري ۽ تنقيد جي ترازيءَ ۾ توري، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سلسليوار سوانح عمري ڏني ويئي آهي. قصن ۽ ڪهاڻين کي حقيقتن کان ڇني ڌار ڪرڻ جي، حتي المقدور، ڪوشش ڪئي ويئي آهي، پر تنهن هوندي بہ جتي ڪو قصو يا ڪهاڻي عقل جي ابتڙ نہ آهي، ۽ حقيقت سان همدوش آهي، يا پنهنجي پر ۾ ڪا ذاتي خوبي اٿس، سا پڻ گذارش ڪئي ويئي آهي.

شاهہ عبداللطيف جا ابا ڏاڏا، جن جو عالي نسب حضرت محمد صلعم سان وڃيو لڳي، سي اصل هرات ۾ رهندا هئا. ۽ پاڻئجي تو تہ هميشه گمناميءَ جي گوشي ۾ گذاريائون، ۽ دنيا جي بي بقا جنسار کي ترڪ ڪري، آخرت جي خزاني گڏ ڪرڻ ۾ پنهنجي همت صرف ڪيائون. مگر جنهن صورت ۾ دنيا اهڙن الله لوڪن لاءِ واجهائيندڙ ۽ ڳوليندڙ آهي، تنهن صورت ۾ وٽن هن فاني متاع جي بہ ڪمي ڪانہ هئي. پيريءَ مريديءَ جو طريقو شايد اصل کان ئي جاري هون، جنهن ڪري عام ۽ خاص ماڻهن ۾ سندين عزت ۽ رسوخ گهڻو هو. انهن گمنام سيدن مان، جن دنيا جي دفتر تي اهڙو ڪو ڪارنامو ڪونہ ڇڏيو، جنهن مان جيڪر سندن حياتيءَ جي خبر پئجي سگهي، فقط هڪ جو مختصر پتو ملي سگهي ٿو. اهو آهيسيد مير علي، جنهن امير تيمور گورگان جي ڏينهن ۾ چڱو نالو ڪڍيو. سنہ 1398 عيسويءَ ۾ جڏهن امير تيمور وڏي انبوهہ سان هرات تي ڪاهيو، تڏهن سيد مير علي، سلطان جي خدمت ۾ حاضر ٿي، شاهي لشڪر جي مهمانيءَ لاءِ هڪ وڏي رقم نذراني طور پيش ڪئي. امير تيمور مٿس ڏاڍو راضي ٿيو، ۽ کيس شاهاڻا انعام اڪرام عطا فرمايائين. سيِّد مير عليءَ کي ڇهہ فرزند هئا، جن تي پڻ شاهاڻي فيض جي نظر ٿي، ۽ جدا جدا علائقن جا حاڪم مقرر ڪيا ويا؛ پهريون مير عبدالباقي، جو اجمير جو حاڪم ٿيو، ٻيو مير عبدالواحد، جنهن کي ملتان جي حڪومت ڏني ويئي؛ ٽيون مير عبدالرزاق، جنهن کي بکر جي حڪومت ملي؛ چوٿون مير ابوبڪر، جو سيوهڻ جو والي مقرر ٿيو؛ پنجون مير شرف الدين، جنهن پنهنجي خانمان ۾ رهڻ اختيار ڪيو؛ ۽ ڇهون مير حيدرشاهہ، جنهن کي پڻ حڪومت آڇي ويئي، مگر ان نوڪريءَ وٺڻ کان ناڪار ڪئي ۽ رخصت گهري تہ پنهنجي والد سان سلطان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

جي خدمت ۾ همرڪاب ٿي رهي. سلطان سندس هيءَ عرض خوشيءَ سان قبوليو. هندستان ۾ پهچڻ کان پوءِ، ستت ئي سيد حيدر شاهه پنهنجي پيءُ کان اجازت گهري، انهيءَ لاءِ تہ پنهنجن ڀائرن سان ملاقات ڪري، ۽ پڻ نئين ملڪ جي جدا جدا ڀاڱن جو سير ڪري. پنهنجي سير جي دوران ۾، مٿيون سيد سنڌ ۾ پراڻن هالن جي شهر ۾ اچي نڪتو. اتي هو هڪ معزز ماڻهوءَ شاهہ محمد پٽ دريا خان هالي وٽ اچي مهمان ٿيو، جنهن سنديس خاطر خواهہ خدمت ڪئي. انهي وقت، اتي جي حاڪم مير محمد، ڪنهن سبب ڪري انهن ماڻهن تي 525 روپيہ ڏنڊ رکيو هو، جو هو مسڪينيءَ سبب ادا ڪري نٿي سگهيا، ۽ نهايت مايوسيءَ ۾ مبتلا هئا. سيد حيدر شاهہ کي جڏهن انهيءَ حال جي مثال ڪَنِ پيئي، تڏهن هن قياس وچان اها رقم پنهنجي هڙان ڀري ڏني. ازانسواءِ سيد حيدرشاهہ انهن ماڻهن سان ٻيا بہ گهڻائي ڀير ڪنيا، ۽ اوکي سوکيءَ ۾ مددون ڏنائين. انهيءَ ڪري اهي ماڻهو سندس نهايت شڪرمند رهندا هئا، ۽ جنهن صورت ۾ هُو عاليٰ خاندان مان هو، تنهن صورت ۾ اُن سان مائٽي ڳنڍڻ جي رغبت ڏيکاريائون، آخر سيد حيدرشاهہ جي شادي شاهہ محمد هالي جي نياڻيءَ سان ملهائي ويئي. ٻيبي صاحبہ جو اصل نالو فاطمه هو، مگر جنهن صورت ۾ سيد حيدر شاهہ جي والده جو نالو بہ فاطمه هو، تنهن صورت ۾ سندس نالو مٽائي ٻيبي سلطان رکيائون. چون ٿا تہ سيد حيدر شاهہ کي هالن ۾ رهندي، اڃا ٽي سال ٿيا هئا، ڪيس پنهنجي والد جي وفات جي خبر پهتي، جنهن ڪري پنهنجي وطن وڃڻ واجب ڄاتائين. ان وقت سندس اهليہ ڳورهاري هئي، جنهن ڪري لاچار ڪيس مائٽن وٽ ڇڏيائين، ۽ نشانيءَ طور ونس ٽي شيون ڇڏي ويو: هڪ سهڻي مُنڊي، جنهن تي سندس نالو اُڪريل هو، هڪ جڙادار خنجر ۽ هڪ قديم ڀانهي جا اصل هرات کان آندي هئائين. ۽ وصيت ڪري ويو تہ، "منهنجي اُسهڻ کان پوءِ، جيڪڏهن فرزند ڄمي تہ اُن کي منهنجي والد مرحوم مير علي جي نالي سڏجو، ۽ جڏهن ٿورو وڏو ٿئي، تڏهن انهن ٽنهي نشانين سميت هرات روانو ڪجوس، پر جي نياڻي تولد ٿئي تہ ان کي منهنجي والده ٻيبي فاطمه جي نالي سڏجو."

سيد حيدر شاهہ، هرات مان پنهنجي گهرواريءَ ۽ ٻچاءَ سان وقت بوقت لکپڙه پيو ڪندو هو. جڏهن هرات ۾ رهندي ٽي يا چار ورهيہ ٿيس، تڏهن روح ريلو ڏنس تہ هيڪر سنڌ جا وڻ وري ڏسي اچان، مگر اجل فرصت نہ


Scanned by CamScanner

ڏنس. اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ هن دنيا فانيءَ مان لاڏاڻو ڪيائين. ڪيس هرات ۾، ٻئي گهر مان ٻه پٽ هئا؛ هڪڙو سيد محمد، ٻيو سيد حسن، جن سندس وفات بعد، سڀ مال ملڪيت پاڻ ۾ ورهائي ڪئي.

بيبي سلطان کي سيد حيدر شاه جي اُسهڻ بعد جلد ئي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو سندس والد جي وصيت موجب مير علي رکيائون. جڏهن هي نينگر عمر رسيدو ٿيو، تڏهن ڪيس پڻس جون نيئي ڇڏيل نشانيون سپرد ڪيون ويون. ٿورن ڏينهن بعد، دائيءَ جي رهبريءَ سان سيد مير علي هرات روانو ٿيو. پهچڻ شرط، پنهنجي والد جي ڇڏيل ملڪيت مان، ڀائرن کان حصو گهرڻ لڳو، پر ڀائر ڦري آيس ۽ چيائونس ته، "اصل نسل جي شاهدي ڏيئي، پنهنجو حق ثابت ڪر." هن پنهنجي پيءُ جي هٿ واري منڊي ۽ خنجر ڏيکارين، ۽ دائيءَ پڻ شاهدي ڏني، مگر هو باز نه آيا. آخر اهو معاملو قاضيءَ وٽ ويو، جنهن فيصلو ڪيو ته ملڪيت جي ٽي پتيءَ کان ڪي قدر گهٽ سيد مير عليءَ جي ورثي ۾ اچڻ گهرجي. حصي وٺڻ کان پوءِ، هو اتي وڌيڪ نه ترسيو، ۽ موٽي هالين آيو؛ ۽ پاڻ سان پنهنجو چاچو سيد شرف الدين به آندائين. هتي هن سکهو ئي ٻه شاديون ڪيون؛ هڪ هالي ذات مان ۽ ٻي ترڪن مان. پهرين زال مان، هن کي هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو شرف الدين رکيائين؛ ۽ ٻيءَ مان پڻ فرزند عطا ٿيس، جنهن جو نالو سيد احمد رکيائين. سيد شرف الدين پرڻي کان پوءِ جدا حويلي ڪري رهڻ لڳو؛ باقي سيد احمد پنهنجي پيءُ سان گڏ رهندو آيو. پهرئين جو اولاد اڄ ڏينهن تائين شرف پوٽا سڏبو آهي؛ ۽ ٻئي جو اولاد ميرڻ پوٽا. اهي سڀيئي اڄا تائين مٽارِن (مٽيارن) جي شهر ۾، جنهن کي اصل متعلوي چوندا هئا، رهندا اچن. مگر اها خبر نه ٿي پوي ته اهي سادات، ڪڏهن ۽ ڪهڙي سبب کان مٽاري (مٽيارن) ۾ لڏي آيا؛ ۽ سواءِ هڪڙي جي، ٻئي ڪنهن جي احوال جي ڪابه خبر نٿي ملي سگهي. اهو هڪڙو آهي سيد عبدالڪريم شاه بلڙيءَ وارو، جو سنڌ جي مشهور اوليائن مان ڳڻيو وڃي ٿو، ۽ جنهن جو مفصل احوال 'بيان العارفين' ۾ ڏنل آهي، جو ميان محمد رضا عرف مير دريائي ٺٽوي، سنه ۱۰۳۸ هجري مطابق سنه 1628 عيسوي ۾، شاه ڪريم جي وفات کان فقط ڇهه ورهيه پوءِ تصنيف ڪيو. اهو ئي ناميارو اولياءُ هو، جنهن جي پشت مان اسان جي فخر جو باعث، شاه عبداللطيف پيدا ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

شاه عبداللطيف، سيد حبيب الله شاه جو پٽ، سيد عبدالقدوس شاه جو پوٽو ۽ سيد جمال شاه جو پڙپوٽو هو، ۽ سيد جمال، شاه عبدالڪريم جو ٽيون فرزند هو. شاه عبداللطيف حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي ۾، هالا حويليءَ جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. اهو ڳوٺ هاڻي ويران آهي ۽ ڀٽ کان اٽڪل نَوَ ڪوهه پري، سندس قتل نشان اجا ڏسڻ ۾ پيا اچن. جنهن گهر ۾ شاه ڄائو هو، اتي پوءِ هڪڙي مسجد جوڙائي ويئي هئي، جا اجا تائين قائم آهي.

شاه جي جنم جو ڏينهن پوريءَ طرح معلوم ٿي نہ ٿو سگهي. مگر قرائن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنہ ١١٠٢ هجري مطابق 1689- 1690 عيسويءَ ڌاري ڄائو هو. ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي "شاه جي رسالي" جي ديباچي ۾ چوي ٿو تہ "شاه سنہ 1680 عيسويءَ ۾ ڄائو هو، ۽ سنہ ١١٦١ هجري مطابق 1747 عيسويءَ ۾ وفات ڪيائين." جيڪڏهن اها ڳالهہ صحيح آهي، تہ شاه ٦٧ ورهيہ ڄمرو رهيو هوندو، مگر بيروني شاهدي ان جي اصل برخلاف آهي. سڀ هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ شاه ١۴ تاريخ صفر مهني سنہ ١١٦٥ هجري مطابق 1752 عيسويءَ ۾ وفات ڪئي، جنهن تاريخ تي سندس يادگار ۾ اجا تائين سال بسال ميڙو لڳندو آهي، ۽ پڻ روايت آهي تہ، سندس عمر، حضرت پيغمبر صلعم ۽ حضرت عليءَ جي عمر جيتري هئي، يعني٦٣ ورهيہ. هن مان صاف ظاهر آهي تہ، سندس جنم سنہ ١١٠٢ هجري مطابق 1689- 1690 عيسويءَ ۾ ٿيو هوندو.

چون ٿا تہ شاه عبداللطيف جي پيءُ شاه حبيب کي ڀهرئين اولاد ڪونہ ٿيندو هو. پوءِ ڪنهن وليءَ کان دعا گهريائين، جنهن خاطري ڏنيس تہ "توکي پٽ ڄمندو، جو زماني جو قطب ٿيندو، ۽ سندس نالو عبداللطيف رکجانءِ." سٽت ئي خدا جي فضل سان سيد حبيب شاه کي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو عبداللطيف رکيائين، پر اهو ننڍي هوندي ئي مري ويو. وري ٻئي گهر مان هڪ پٽ ڄائس، جنهن جو نالو جمال شاه رکيائين. جنهن جو اولاد اجا تائين ڀٽ جي گاديءَ تي وهندو اچي. وري ڀهرئين گهر مان ٻيو پٽ ڄائس، جنهن جو نالو پڻ عبداللطيف رکيائين. اهو آهي شاه عبداللطيف شاعر، جنهن جي حياتي جو احوال اسان جو مقصد آهي. شاه عبداللطيف جي والده شاه دياني جي نياٽي هئي. شاه دياني کي مخدوم عربي بہ ڪري سڏيندا هئا. ڇو تہ سندس ابا ڏاڏا اصل عربستان کان آيل هئا. هن بزرگ جي ساري حياتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

مجذوبيءَ جي حالت ۾ گذري ۽ ماڻهن جو منجهس وڏو ويساهه هو. سندس مقبرو اڃا تائين پراڻن هالن جي ايرندي طرف ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

شاهه عبداللطيف جي تولد ٿيڻ کان پوءِ، شاهه حبيب هالا حويليءَ ۾ گهڻو وقت نہ رهيو، پر جلديئي ڪوٽڙيءَ نالي هڪ ڳوٺ ۾ ، جو هاڻ ڦٽي ويو آهي ۽ پٽ کان ٻہ ڪوهہ ڪن پري آهي، اتي وڃي لڏي ويٺو. ڪهڙن سببن ڪري شاهه حبيب، هالا حويليءَ کي ڇڏي ڏنو، تن جي پوري خبر پئجي نٿي سگهي. پر يقين سان چئي سگهبو تہ شاهه عبداللطيف جي ننڍپڻ ڪوٽڙيءَ ۾ ئي گذري، ۽ ڪيس تعليم ۽ تربيت اتي ئي ملي.

شاهه عبداللطيف جي ننڍپڻ جي نسبت جيڪي اڪيچار قصا ۽ ڪهاڻيون مروج آهن، سي جيڪڏهن اعتبار ۾ آڻبيون تہ ڏسبو تہ هو ڇاپندي ئي ڇام هو. ننڍيءَ وهيءَ کان ئي وٺي، ڪڏهن ڪڏهن وجد ۽ حال ۾ اچي ويندو هو، ۽ اُن حالت ۾ غيبي مشاهدا نظر ايندا هُيس. پنهنجن جيڏن سرتن کي الاهيات جي باريڪ نڪتن تي وعظ ڪندو هو ۽ ڪين ڪيترا اچرج ۽ ڪرامتون ڏيکاريندو هو. چون ٿا تہ جڏهن پنجن يا ڇهن ورهين جي ڄمار جو ٿيو، تڏهن سندس والد ڪيس آخوند نور محمد وٽ پڙهڻ وهاريو. آخوند نور محمد ذات جو ڀٽي هو، ۽ "وائيءَ" جو وينل هو، جا ڀٽ کان ڇهہ ڪوهہ پري ۽ اڏيري لعل کان ٻہ ڪوهہ پري آهي. جڏهن آخوند "الف بي" سيکارڻ شروع ڪيس، ۽ چيائينس تہ چؤ "الف"، تہ شاهه هڪدم چيو "الف". وري جڏهن آخوند چيس تہ چؤ "ب"، تہ شاهه نہ پڇهہ جواب ڏنو تہ "ب وري ڇاجي؟" نيٺ گهٽي رد بدل کان پوءِ، نينگر کي شاهه حبيب وٽ وٺي آيا ۽ ساري روئداد بيان ڪري ٻڌايائونس. شاهه حبيب پنهنجي پٽ جي رمز سهي ڪئي ۽ خوشيءَ وچان ڀڪرانڙي پائي، پيشانيءَ تي چمي ڏنائينس، ۽ چيائينس تہ "ابا تون بيشڪ حق تي آهين. پر جنهن صورت ۾ دنيا ۾ ٻاهريون لبيس بہ رکڻ ضروري آهي، تنهن صورت ۾ ظاهري علم بہ حاصل ڪرڻ لابد آهي." يقين سان چئي سگهبو تہ سندس والد جو فرمودو اجايو نہ ويو هوندو، مگر ايترو سو چئي نٿو سگهجي تہ شاهه، آخوند نور محمد وٽ ڪيترو وقت پڙهيو، ۽ ڪيتري قدر تحصيل ڪيائين.

عام اعتقاد آهي تہ شاهه عبداللطيف کي باترتيب درسي تعليم ڪانہ ملي. اِن مان منطقي دليل سان چئي نہ سگهبو تہ شاهه، ڪو اُمي يا اڻڄاڻ هو. جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

"تحفة الڪرام" ۾ ڇاڇايل آهي، ۽ ڪن ماڻهن جو وهم آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي ڇاپيل رسالي جي مقدمي ۾ سچ چيو آهي تہ "اهڙي دعويٰ کي رد ڪرڻ لاءِ شاهہ جو ديوان ئي ڪافي ثبوت آهي، جنهن ۾ هن عربي ۽ فارسي زبانن جو اونهو محاوره ڏيکاريو آهي." بلڪ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ کي قدر درسي تعليم جي ڪري ۽ ڪي قدر پنهنجي سر تجربي ۽ مطالعي ڪري، شاهہ عبداللطيف ان زماني جي لياقت آهر، هر علم ۾ چڱي مهارت حاصل ڪئي. عربي ۽ فارسيءَ جو ماهر هو ۽ پنهنجي مادري زبان تي تہ ڪيس ڪلي ضابطو هو. نہ فقط ائين، پر ٻين ٻولين سان پڻ ڪي قدر واقفيت هيس، جهڙوڪ بلوچي، سرائڪي، هندي، پنجابي وغيره. ازانسواءِ سندس تاريخي معلوميت بہ وسيع هئي. سنڌ، توڙي هندستان جي ٻين ڀاڱن جي قصن ڪهاڻين کان بہ چڱيءَ طرح واقف هو. قرآن ۽ حديث، فقه ۽ فلسفه، تصوف ۽ ويدانت، صرف ۽ نحو وغيره جو بہ گهڻو اڀياس ڪيو ٿو ڏسجيس. قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاهہ ڪريم جو رسالو اڪثر ساڻس همراه هوندا هئا؛ ۽ روايت آهي تہ مياں نور محمد ڪلهوڙي، هڪ نهايت عمدو سوناڪاري دستخط نسخو جلال الدين روميءَ جي مثنويءَ جو، ڪيس تحفي طور ڏنو هو. هاڻ جيڪڏهن شاهہ اُمي هجي ها تہ اهڙي تحفي موڪلڻ جو ڪهڙو مقصود؟ انهن ٽنهي ڪتابن ۽ علمن مان ڪيترا مضمون پنهنجي شعر ۾ داخل ڪيا اٿس، ۽ ڪٿي ڪٿي تہ ڪن آيتن ۽ بيتن جو هوبهو ترجمو ڏنو اٿس. انهن جو وڏيڪ ذڪر پنهنجي پنهنجي جاين تي، خصوصاً معنيٰ ۽ شرح واري ڀاڱي ۾ ڪيو ويندو. اها لاجواب ثابتي آهي تہ شاهہ عبداللطيف پنهنجي زماني ۾ هڪ يگانو فاضل ۽ عالم شخص هو.

تحقيق، شاهہ ڪنهن مڪتب يا دارالعلوم ۾ باترتيب ۽ باقاعدي تعليم نہ ورتي؛ نڪو ڪو انهي زماني جي ملن ۽ مجتهدن جُھُن ڪنز، قدوري، ڪافيه وغيره جا مشڪل مسئلا برزبان ڪري، پورڙن کي برغلايو. انهيءَ علم کان پڻ واقف هو؛ مگر اهو علم سنت ئي پنهنجي دل جي فرحيءَ تان ميسارڻو پيس؛ جو تہ ڄاڻائين ٿي تہ انهيءَ علم مان قلب ۽ روح جي ترقيءَ جي اُميد رکڻ محال آهي. جو سچو علم هن حاصل ڪيو، سو ورلي ڪنهن کي نصيب ٿيو هوندو. انهي علم اختيار ڪرڻ جو هڪڙو ئي طريقو آهي، جو آهي فطرتي ۽ انساني جمال ۽ جلال تي غور ڪرڻ ۽ انهن جي اندروني ڳجهارت پروڙڻ.


Scanned by CamScanner

شاه، اهڙو علم بيشڪ اختيار ڪيو ۽ انهي ڪري ئي هو شاعرن جو شاه آهي. هزارها ماڻهو هر روز مصنوعي مڪتبن ۾ پنهنجو وقت وڃائين ٿا. گهڻا ئي ڪنڌ لوڏ ڪن ٿا، پر

"پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾."

قدرت جو نظارو ئي شاه جي مڪتب گاه هو؛

برگ درخنان سبز در نظر هوشيار
هر ورقي دفتريست ز معرفت ڪردگار.

سندس ڪَنَ قدرت جي ڪلام ڏي مائل هو. ۽ سندس آڳر هڪ حاذق حڪيم جڻن، نوع انسان جي طبع جي نبض شناس. قدرت جي رهاڻ جو ڪوڏيو هو؛ ۽ قدرت به ساڻس نيون نيون لاتيون لنئي، رمزن ۽ رازن سان آشنا ڪري، ڪيس پنهنجو ترجمان الاسرار بنائي ڇڏيو.

شڪ نہ آهي تہ شاه عبداللطيف جي ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جو ڪجھ حصو، ظاهري ۽ معنوي علمن حاصل ڪرڻ ۾ صرف ٿيو هوندو. اهڙو سليڇڻو ۽ علم وارو پٽ ضرور پنهنجي پيءُ جي ناز، ۽ سندس مريدن جي لاڏ جو سبب ٿيو هوندو؛ ۽ پڻ عام ماڻهن منجھ سندس ميڃتا ٿي هوندي.

اسان مٿي ڏيکاريو آهي تہ شاه حبيب، هالا حويلي مان لڏي اچي ڪوٽڙيءَ ۾ رهيو هو. انهيءَ ساڳيءَ ڪوٽڙيءَ ۾ مرزا مغل بيگ نالي هڪ وڏو ماڻهو رهندو هو. مرزا مغل بيگ، ارغون گهراڻي مان هو؛ ۽ سندس نسل وڃيو چنگيز خان سان لڳي. انهيءَ گهراڻي جو پهريون حاڪم شاه بيگ هو، جنهن سنہ ٩٢٦ هجري مطابق سنہ 1519 عيسوي ۾، ڄام فيروز، سمن جي پوئين حاڪم کي، ٺٽيءَ جي ميدان تي شڪست ڏيئي، سنڌ جي حڪومت پنهنجي قبضي ۾ آندي. مرزا مغل بيگ ۽ سندس خانمان جو شاه حبيب سان مريديءَ جو رستو هو ۽ منجهس گهڻو اعتقاد هونِ. جڏهن ڪو منجهانئن بيمار پوندو هو يا ٻيءَ ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿيندو هو، تہ شاه حبيب کي دعا ڦيٽي لاء وٺي ويندا هئا. هڪ لِڳا مرزا مغل بيگ جي نهايت حَسِين وَڏوَرَ نياڻي، بيمار ٿي پيئي. شاه حبيب کي ماڻهو موڪليائون، پر جنهن صورت ۾ هو پاڻ ٻي مزي هو، تنهن صورت ۾ پنهنجي فرزند شاه عبداللطيف کي وڃڻ لاء چيائين. ڇوڪري ويڙهجي سيڙهجي ڪنولي تي سمهي پيئي هئي؛ ڇاڪاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

تہ مغلن ۾ نهايت مستوري ۽ پرهيزگاري هئي، ۽ پنهنجي زناني عالم کي ڏارين ماڻهن جي منهن تي چڙهڻ نہ ڏيندا هئا. رڳو سيدن سان ئي اها خاص مهرباني ڪندا هئا. جو گهر جي چائنٺ لنگهي پنهنجي زالن ۾ اچڻ ڏيندا هئن. شاه عبداللطيف جو نينگرِ کي ڏسڻ ۽ مٿس عاشق ٿيڻ. پهرين نظر سان عشق جو تير سندس سيني ۾ چُڀي ويو. نينگرِ جي چيچ هٿ ۾ جهلي چيائين تہ "جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نہ لوڏو." اهي اکر ٻڌي، مرزا مغل بيگ ۽ سندس عزيز تپي باه تي ويا. شاه عبداللطيف کي ان وقت ڪجهہ نہ چيائون، مگر پوءِ تہ اچي ساڻس ابتا پير ڪڻڻ لڳا. شاه حبيب کي بہ اڳي جيڪو مانُ ڏيندا هئا، سو هاڻ نہ ڏيڻ لڳا. مطلب تہ سيدن کي ايترو آزاريائون، جو هو مغلن جي حويليءَ وٽان بنه لنگهي بہ نہ سگهندا هئا. ٻِئي توڙي ٻئن قومن جا ماڻهو، جن جو اڳي سيدن سان گهرو ناتو هو، سي بہ هينئر ڪانئن منهن موڙڻ لڳا. لاچار سيدن کي ڪوٽڙيءَ مان لڏي رهڻو پيو. ڳوٺ جي اتر طرف ڏانهن، ٿورو پريرو وڃي جدا پاڙو ٻڌي ويٺا.

شاه جي عمر، انهيءَ وقت شايد ويهہ ورهيہ هئي. جوانيءَ جي اوائل ۾، عشق جي ڏيکاري هڪ طرف فطرتي ڳالهہ هئي، هڪ طبيعت جي تقاضا هئي، انهي شيرين شمائل جي سودا، سندس جان ۾ هڪ عجيب بيقراري ۽ بيتابي پيدا ڪئي، ۽ پڻ انهي مجازي معشوق جي رويا، منجهس هڪ نئين قسم جو روح ڦوڪيو. شڪ نہ آهي تہ سندس شاعراڻو شعور اول انهي واقعي تي ظاهر ٿيو هجي. شاعريت، جا هيل تائين هن جي دل ۾ ڇپيل هئي، جڻ باه چقمق ۾، سا هاڻ عشق جي تاثير هيٺ پڙڪو کائي ٻاهر نڪتي. فارسي شاعر حافظ نسبت پڻ قول آهي تہ اوائل ۾ هن کي شعر چوڻ جو شوق، پنهنجي محبوب شاخِ نبات جي مشاهدي ڪري پيدا ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي شاه، ماڻهن جي گهڻِ کان گوشو ڪندو هو ۽ نويڪلائي پسند ڪندو هو. سندس پيشانيءَ مان هميشه فڪر ۽ خيال جا آثار پيا بکندا هئا، جڻ تہ ڪنهن اونهيءَ نيءَ ۾ آهي. بعضي تہ پور پوندو هوس تہ جهنگ منهن ڪري هليو ويندو هو. پر هاڻ تہ هيڪاري ڏينهن جا ڏينهن، مجنونءَ وانگي برپٽ بيابان جهاڳڻ لڳو. عاشق شيدائيءَ وانگي محبوب جي فراق ۾ بيت چوندو وتندو هو، ۽ سندس نينهن جا نعرا رڃن ۾ پڙاڏو ڪندا هئا. ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪڙي پيري، برپٽ ۾ هڪ واريءَ جي ڏڙي تي وهندي، عشق مٿس ــرو


Scanned by CamScanner

غلبو ڪيو، ۽ محبوب جي مورت ۾ اهڙو محو ٿي ويو، جو غَشيءَ ۾ اچي ويو. پنهنجي جسم ۽ جان، دنيا ۽ ماسوا جو ڪو سماءُ نہ رهيس. ٽي ڏينهن برابر اهڙي حالت ۾ رهيو. جهولن جي جهوٽن ڪان واريءَ جا ته متانس وري ويا. شاه حبيب گهٽي ئي ڳولا ڪئي پر پتو نہ پيس. نيٺ هڪ ايل پنهوار، جنهن جي نظر انهي دڙي وٽان لنگهندي، شاه تي چڙهي هئي، تنهن اچي ساڻس ڳالهہ ڪئي. شاه حبيب گهٽي اُڪير سان انهي ڏس ڏي ڊوڙيو. جڏهن اُتي پهتو، تڏهن ڏٺائين تہ شاه جو سارو ڌڙ واريءَ ۾ دز ۾ ڍڪجي ويو آهي؛ باقي سندس چادر جي ڪنڊ ٻاهر پيئي ڦڙڪي. سهي سُڃاتائين تہ سندس ڳولا جو مقصد اُتي ئي آهي،مگر گمان ٿيس تہ شايد مري ويو آهي. نهايت رقت انگيز آواز ۾ پڪاري چيائين:

"لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لٽجي."

شاه عبداللطيف، انهي دردناڪ دانهن تي، بيخوديءَ جي حالت مان چرڪ ماري اٿيو، ۽ وهلو وراڻي ڏنائين:

"پيئي ڪٺي پساهَ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي."

هن ڳالهہ ۾ البت وڌاءُ هجي ؛ مگر ان جو حاصل مطلب شاه جي هن وقت جي زندگي سان هر طرح مطابق آهي.

شاه حبيب کي پٽ جي پريشان حالت ڏسي ضرور خيال ٿيو هوندو، ۽ سندس خاطري لاءِ، هن مرزا مغل بيگ کان سڱ گهرڻ جي هر وجه ڪوشش ڪئي هوندي. مگر ڏسجي ٿو تہ سندس سعيا سجايا نہ ٿيا. شاعر نهايت نااميدي وچان ڏيس ڇڏي، پرديس جا ڏک ڏاکڙا برسر ڪنيا.

ساجن ڪارڻ سڄ، مَرُ قبولي سسئي.

هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو، مائٽن جي موڪل بنا، جهنگ منهن ڏيئي اُتي هليو. واٽ تي شايد هڪ هندو سنياسين ۽ جوڳين جي ٽولي ملي ويئي ٿي ڏسجيس، جن سان گڏجي پنهنجي محبوب جي وڇوڙي ۾، انهن جهڙي ڪفني پائي، رلندو رمندو رهيو.

اڄ مَلينديَس ماءِ، ڏاڍا ڪنديس ڪپڙا
جيجا جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهَلِ مَ پاءِ
هوت ڀروچي لاءِ، ڪَنين ڪُنرِ پائيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

بس، انهن جي صحبت ۾ گهٽيئي ملڪ ڦريو، ۽ ڪيترين سنڌن تيرٿن جون جايون ۽ تڪيا پيتيائين. لکپت ۽ گرنار تائين به ويو. جتان موٽندي، جيسلمير ۽ ٿر جو به سير ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ گنجي ٽڪر ۽ لس ٻيلي جي سرحد وارن جبلن ۾ گشت ڪندي، لاهوت، لامڪان، هنگلاج ۽ سپرسخيءَ جون زيارتون ڪيائين؛ ۽ شڪ نہ آهي تہ اتان ٿي ڪابل ۽ قنڌار ڏي بہ ويو. جتان موٽڻ بعد وري ٻيو دفعو هنگلاج ۾ آيو. هن دفعي اُتي جون ريتون رسمون پوري طرح بجاءِ نہ آندائين، جنهن ڪري جوڳين ۽ سنياسين سان البت اڻبڻت ٿي پيس. تنهن ڪري انهن کان ڇڄي ڌار ٿي، ڪيچ مڪران لتاڙي، ننگر ٺٽي ڏي رخ رکيائين. رستي ۾ هلندي هلندي، هڪڙي هنڌان هڪ دردناڪ آواز جو پڙلاءُ ڪن تي پيس. اڳيرو وڌي ڇا ڏسي تہ غار ۾ هڪ شخص، هيءُ مصرع هر هر پيو چوي؛

"هيڪليائي هيل، پورينديس پنهوءَ ڏي"

شاه عبداللطيف، اُن ماڻهوءَ جي ويجهو وڃي، سلام ڪري پڇيو تہ "اي شخص تون ڪير آهين، هت ڇا ٿو ڪرين ۽ هي ڇا پيو چوين؟" هن وراڻي ڏني تہ "آءٌ هڪ جت آهيان. مان ۽ منهنجا ٻيا بہ ستڪتي، اُٺن تي شاهوڪاري مال لڏيو پئي وياسين. اوچتو هالن جي ڪوٽ وٽان لانگهائو ٿياسين، جتي ڪن فقيرن راڳ پئي ڳايو. انهي راڳ جي هڪڙي تڪ، منهنجي دل ۾ اهڙي چڀي ويئي، جو انهي ڏينهن کان وٺي مان پنهنجو مال ملڪيت سڀ ڦٽو ڪري، رڳو اها ئي اها تڪ ڳائيندو اچي هت نڪتو آهيان." شاه کي معلوم ٿيو تہ هو ويچارو ڪو دردن جو ماريل آهي؛ ۽ کيس چيائين تہ "جي تنهنجي مرضي هجي تہ بيت جون ٻيون مصراعون بہ چئي ٻڌايانءِ." جت انهي تي ڏاڍي خوشي ڏيکاري؛ ۽ شاه ٻي مصرع چئي ٻڌايس:

"آڏا ڏونگر لڪيون، سُوريون سڄڻ سيل."

جت هي مصرع ٻڌي ويتر وجد ۾ اچي ويو ۽ شاه کي بيت پوري ڪرڻ لاءِ منٿ ڪيائين. جنهن تي شاه ٽِي مصرع بہ چئي ٻڌايس؛

"تہ ڪر ٻيلي آهن ٻيل، جي سور پريان جا ساڻ مون."

شاه جو بيت پورو ڪرڻ ۽ جت جو مورڇا ٿي ڪرڻ. شاه کي نهايت عجب لڳو ۽ ڏاڍو ارمان ٿيس. هت لائي ڏسيس تہ حياتي نهيئي ڪانہ. پوءِ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

کي اُتي دفن ڪيائين، ۽ سندس قبر اڃا تائين واتهڙن کي ڏسڻ ۾ ايندي آهي.
شاهه اڪثر چوندو هو ته "انهي جت جهڙو صادق ۽ سوخته دل آدمي، مون ڪڏهين ڪونه ڏٺو."

نيٺ شاهه ٺٽي ۾ پهتو، ۽ شهر جي عالمن ۽ فاضلن سان ملاقات ڪيائين. مخدوم معين، جنهن کي مخدوم ٺارو به ڪري سڏيندا هئا، تنهن سنديس گهڻي خاطري ڪئي. پنهي جي ايتري قدر ته پريت ٿي ويئي، جو شاهه جي پٽ وسائڻ بعد به هڪٻئي وٽ پيا ايندا ويندا هئا.

اهڙي طرح شاهه عبداللطيف، اٽڪل ٽي سال سفر ۽ سياحت ۾ صرف ڪيا، ۽ دنيا جو گهڻو تجربو حاصل ڪيائين. نيٺ اچي اهو خيال پيس ته هيڏي هوڏي رلڻ جي بدران، وري پنهنجي وطن وڃي، خدا جي بندگيءَ ۽ والدين جي خدمت ۾ گذاريان. شڪ نه آهي ته اهو خيال مخدوم ٺاري جي صحبت ۽ فهمايش ڪري اُتپن ٿيو هجيس. شاهه حبيب، پنهنجي پٽ جي وڇوڙي ۾ بيحال ٿي پيو هو، ۽ رات ڏينهن خدا جي درگاهه ۾ اها ٿي وينتي هوندي هيس ته سندس پٽ صحيح سلامت موٽي اچي. ۽ هر روز مخدوم نوح جي مقبري تي وڃي دعا پنندو هو ته "منهنجي وڇڙيل پٽ جون وطن ڏي واڳون وار". سندس عرضَ ۽ آزيون نيٺ وڃي اگهيون. شاهه عبداللطيف، هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو اچي گهر نڪتو. پيءُ پٽ، هڪ ٻئي کي وڏيءَ حب سان مليا، شادمانا ٿي ويا، ۽ ورهن جا وڇوڙا لحظي منجهه لهي ويا.

انهن ٽن ورهن جي دوران ۾ شاهه عبداللطيف، دنيا ۽ دنيا جي ماڻهن جو چڱو آزمودو پرايو. گهڻائي ڏاڪڙا ڏٺائين، جهنگل جهاڳيائين، ڏونگر ڏورياٿين، ساڌن فقيرن سان صحبت ڪيائين، ۽ ڀانت ڀانت جي ماڻهن سان ميلاپ ڪيائين. انهيءَ جو اهو نتيجو نڪتو، جو سندس قلب مان تعصب ۽ دوئيءَ جي ڪٽ ڪورجي ويئي، ۽ انسان ذات لاءِ سندس قرب ۽ همدردي زياده ٿي. انساني طبيعت جو هن ڳوڙهو اڀياس ڪيو، جنهن جو ڪافي ثبوت سندس رسالي مان ملي ٿو. هن پنهنجي دورين اک سان پروڙيو ته غريب ۽ اٽڃاڻ ڳوٺاڻن ۾، ڪي اهڙا ڳڻ ۽ خوبيون آهن، جي شاهوڪار ۽ پڙهيل شهرين ۾ ملڻ مشڪل آهن. گمنام ماڻهن وٽان هن سهڻيءَ نصيحت جا سچا موتي، ۽ حقيقت جا هار حاصل ڪيا، ۽ بلڪ خبر پيس ته پونگين ۾ رهندڙ به، سچي عشق جا قابل آهن. اگرچه ٻاهران هو ميرا ۽ گدلا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، مگر


Scanned by CamScanner

سندن دليون صاف ۽ اوجل آهن؛ ۽ ثابت قدمي، تحمل، بردباريءَ ۽ حب الوطنيءَ ۾ بينظير آهن. سندن راحت ۽ رنج، شادي ۽ غم ۾ شراڪت ڪيائين، ۽ ساڻ ملي هڪ ٿي ويو. ڏسو ته ڪهڙيءَ نه خوبيءَ ۽ لطف سان، اهي مضمون پنهنجي شعر ۾ آندا اٿس. انهن آزمودن ۽ اثرن، سندس حياتيءَ ۾ هڪ وڏي تبديل پيدا ڪئي. مجازي عشق، پنهنجو فرض پورو بجا آندو؛ ۽ حقيقي عشق کي تحرڪ ۽ ترقي ڏني. اَلمَجَازُ قَنطرَةُ الحَقِيقَتہِ. اڳيئي سون هو، مگر هاڻ پارس تي پيو؛ ۽ سندس شعر پڻ هينئر وڏيڪ چيدو، موزون ۽ معنيٰ دار ٿيڻ لڳو.

شاه عبداللطيف کي ڪوٽڙيءَ ۾ آئي اڃا ٿورو عرصو مس گذريو، ته کي دَل ذات جا شاهينگ، وجهہ وٺي، اچي مرزا بيگ جي گهر تي ڪڙڪيا. مڙس ماڻهو ويا هٿا ڪم ڪار پنيان، سو چورن کي ڀ لڳي ساڃي. جيڪو مال متاع هٿ آين، سو ٻهاري هليا ويا. مغلن کي جڏهن انهي عقوبت جي خبر پيئي، تڏهن هٿيار پنوهار ٻڌي، ڌاڙيلن پنيان ڪاهي پيا؛ ۽ سندن سارو ڏنبلو، سيدن جي پاڙي کان اچي لنگهيو. شاه عبداللطيف ڏٺو ته اهڙي مهل ۾ واهر ڪرڻ واجب آهي؛ سو ڪي ماڻهو وٺي، هنن سان همراه ٿي وڃڻ لاءِ سنيري آيو. پر مغلن، سندس مدد وٺڻ کان صفا نابري واري. شاه گهڻيئي منٿون ڪين، مگر هو هٺ کان هيٺ نہ لٿا. ايترو ڀ چيائين ته "جي آءٌ انهي ڪشمڪش ۾ مري ويس ته پاڻ اوهان جي خوشيءَ جو باعث ٿيندو؛ ۽ جي جيرو مونيس ته چٽڪ پاڙي جي ننگ جي حق ادائي ڪيم." پر مرزا مغل بيگ اصل نہ مڙيو؛ ۽ اجائي بڪ شڪ ڪيائين، ۽ شاه کي وين ڏنائين. شاه جي دل کي نهايت رنج ٿيو، ۽ چون ٿا ته سندس زبان مان بي اختيار هيءُ پاراتو نڪري ويو؛

بيگ تهجي بيگي، ڪوٽڙيءَ ۾ ڪانَ
اٿم آس الله ۾، دلَ مارينِي مَانَ.

ڪرامتن جي قائلن وٽ، فقير جو چوڻ ڪڏهن مڙڻ جو نہ آهي. پر اسان جي نظر ۾ پٽڻ ۽ پاراتا ڀ فقير جي شان وٽان نہ آهن؛ ۽ نڪو ڪو اسين اعتبار ۾ آڻيون ٿا. ته شاه جهڙي بردبار ۽ رحمدل انسان جي واتان اهڙا اکر نڪتا هوندا. خدا جي طرفان ازل ۾، مرزا مغل بيگ جي لاءِ موت لکيل هو. پاڻ ۽ سندس ساٿي دلَن جي هٿان مارجي ويا. اهو حادثو سنہ ١١٢۴ ھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

جو هنڌ خداباد هو، جو اُن وقت وڏو عاليشان شهر ليکبو هو.
مٿين ٽنهي ڌرين، شاه عبداللطيف کي نهايت ستايو. ڪيترائي دفعا ڪوشش ڪيائون ته شاه کي ماري ڪپائي ڇڏيون، پر؛

دشمن چه کند چو مهربان باشد دوست.

شاه، خدا تي توڪل رکي، هنن سان ڏکيو سکيو وقت ڪاٽيو؛ ويتر اهڙي روش هليو، جو ماڻهن جو منجهس يقين پاڻ ويو وڌندو، ۽ مڃڻ لڳا ته بيشڪ وڏو ولي آهي.

شاه عبداللطيف، شاه عبدالڪريم جي درگاه تي، وقت بوقت زيارت لاءِ ويندو هو. شاه ڪريم جو مقبرو، پهريائين هڪڙي وڏي چار جي هيٺان هوندو هو. هڪ دفعي شاه جي دل ۾ اچي پيو ته "اها چار وڍرائي، جيڪر هڪڙو قبو اڏرايان." چون ٿا ته اها چار اهڙي ڳوري هئي، جو جيڪو ماڻهو اُن مان ڪا ٽاري ڀڃندو هو، ته هڪ نه ٻئي مرض ۾ مبتلا ٿيندو هو. پر شاه، جڏهن انهيءَ وڻ کي وڍائي ڦٽو ڪيو ته ڪيس ڪي ڪين ٿيو. قبي جي لاءِ ڪاشيءَ جي سرن آڻڻ ڪاڻ ملتان ويٺو پيس؛ جتان ڪجهه جيترو سامان وٺي، سکهوئي درياه جي رستي ٻيڙيءَ ۾ لهوارو تي آيو. جڏهن خداباد وٽ پهتو، تڏهن ساهي کڻڻ لاءِ سندس ٻيڙيءَ لنگر هنيو. شهر جي ماڻهن کي جڏهن شاه جي اچڻ جي خبر پيئي، تڏهن ٽولين جون ٽوليون سندس قدمبوسيءَ لاءِ اچڻ لڳيون. ميان نور محمد ڪلهوڙي به پنهنجي طرفان هڪ قاصد موڪليو، جنهن اچي ميان جي پاران سلام ڏنا ۽ پڻ هڪ دٻلي، جنهن ۾ موتين جي معجون پيل هئي، نذراني طور عرض رکي. شاه دٻلي وٺي، مير بحر کي ڏني ته "درياه ۾ اڇلائي ڇڏ." ميان جي ماڻهوءَ عرض ڪيو ته "قبلا، اها هڪ تمام قيمتي ۽ مفيد شي آهي، سا ڪئن ٿا درياه ۾ اڇلارايو؟" پر شاه، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، دٻلي درياه ۾ اڇلائي ڦٽي ڪئي. چون ٿا ته جنهن به ماڻهو اتان پاڻيءَ جو چڪو ٿي پيتو، سو وهلو وهانجي ٿي ويو. شاه، قاصد کي هيءُ نياپو ڏنو ته "ميان صاحب کي منهنجا نياز ڏج ۽ چئج ته جي اوهان جي سوڪڙي رکو اسين ڪائون ها، ته رکو اسان کي ئي فائدو پهچي ها؛ هاڻ پل ته اُونهي عميق تائين، جيڪا خدا جي خلق آهي، تنهن کي به فيض رسي."

هن بعد، شاه عبداللطيف بلڙيءَ آيو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ قبو اڏارائي راس ڪيائين. هڪڙيءَ سر تي 'لطيف' اُڪرائي، اها دروازي جي پرسان هٽائي


Scanned by CamScanner

شاهہ عبداللطيف، قاصد کي چيو تہ ”آءُ اجهو آيس کي آيس“، ۽ هيءَ بيت سندس هٿان روانو ڪيائين:

متان ٿيين مَلُور، ڪِينَ آڳاهون آهيان
ڏسڻ ۾ ڪَرَ ڏور، حَدَ ۾ نهي جي هيڪڙي.

شاهہ حبيب جي دل کي، پُٽَ جي پيغام ملڻ شرط آٿت اچي ويو، مگر هُن جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي سندس روح وڃي پنهنجي حبيب سان واصل ٿيو ”اَلَموتَ جَسرءٌ يُوصِلُ الحبِيبَ اَلِي لِقَاءِ الحَبِيبِ.“ انهن عربي لفظن ۾ محمد صادق نقشبنديءَ، شاهہ حبيب جي وفات جي تاريخ ڏني آهي. ابجد جي حساب موجب سنہ ١١٥٥هجري مطابق 1742 عيسوي نڪري ٿو. شاهہ حبيب کي ڀٽ تي دفن ڪيائون ۽ سندس تُربت،شاهہ عبداللطيف جي قبي کان اتر طرف، اٺن نون وکن جي مفاصلي تي آهي.

شاهہ عبداللطيف کي پنهنجي پيءُ جي وفات ڪري نهايت صدمو پهتو، ۽ ڪيترا ڏينهن ماتم ۾ گذاريائين. هينئر تہ آڳي باقي ڪوٽڙيءَ مان دل کڻي ٿي پيس. سڳهو ئي سڄي اتالي سميت اچي ڀٽ وسايائين؛ ۽ دنيا جي ڪوڙي جنسار کي ترڪ ڏيئي، قناعت جي ڪنڊ اختيار ڪيائين. هاڻ سندس نالي جي هاڪ، هرهنڌ پوڻ لڳي. ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو، ڀٽ تي سندس زيارت لاءِ اچڻ لڳا. ڪيترائي استاد راڳيندڙ ڳَوَيا، هندستان جي جدا جدا ڀاڱن مان پڻ اچي نڪتا. چون ٿا تہ اٽل ۽چنچل نالي، دهليءَ جا ٻہ مشهور راڳيندڙ بہ اچي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيا. سارو ڏينهن سرود ۽ سماع لڳو پيو هوندو هو؛ ۽ شاهہ پاڻ بہ پنهنجا ٺاهيل بيت ۽ ڪافيون ڳائيندو هو. سندس مريدن جو عدد پڻ هينئر وڌڻ لڳو. انهن مان تِمر فقير سندس خاص خليفو هو، جنهن جو اولاد اڄ تائين سندس درگاہ جو مجاور آهي. ٻيو هڪڙو فقير هو، جنهن کي وَرَو يا وِڳنڌ ڪري سڏيندا هئا. ان سان پڻ شاهہ جي خاطر هئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڻس چرچو ڀوڳ ڪري، پنهنجي دل وندرائيندو هو. محمود شاهہ بہ شاهہ صاحب جي خاص مريدن مان هڪڙو هو. چون ٿا تہ هيءَ شخص اصل ۾ هڪ خاندان گهراڻي مان هو ۽ گهڻي مال ملڪيت وارو هو، مگر جڏهن شاهہ سان ڏيٺ ٿيس، تڏهن سڀ ڪجهہ ترڪ ڪري، فقط هڪ پاٽيءَ جو ڪوزو کڻي اچي سندس مريد ٿيو. شاهہ عبداللطيف کي هن شخص لاءِ ايڏي عزت هوندي هئي، جو وصيت ڪئي هئائين تہ ”منهنجي تربت هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

جي پيرانديءَ ڪان ڪجو.“ شاه عنات، جاني ڏيري، پٽ جي آسپاس رهندڙ هڪ زميندار جو پٽ به، نديڻي هوندي کان اچي شاه عبداللطيف جو مريد ٿيو هو. هو چڱو شاعر هو ۽ شاه کي سندس ڪلام مان گهڻو رَسُ ۽ مزو ايندو هو. ميون هاشم علوي ريحان پوٽو به سندس مقرب مريدن ۽ راڳيندڙن مان هڪڙو هو، ۽ لکپڙه جو ڪم به سندس ذمي هو. شاه جي هڪ ٻئي مريد سان پڻ گهڻي دل هوندي هئي، جنهن جو نالو بلاول هو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن شاه سندس ملاقات لاءِ سندس ڳوٺ ڏانهن ويندو هو. مٿين چاٽايل مريدن کان سواءِ، ٻيا به ڪيترائي سندس خاص مريد هوندا هئا، جن تي جدا جدا ڪم رکيل هوندا هئا.

شاه عبداللطيف جي حياتي، هاڻ سالن جي جدول تان هٽي، اچي مهڻ جي مُدي تي بيٺي آهي، ۽ قلب ۾ اچي ڪشش ٿي اٿس ته ڪربلا مُعَليٰ جي زيارت ڪريان. سنيري نڪتو آهي، ۽ اچي ونگ ولاسر ۾ منزل ڪئي اٿس، جتي سندس عزيز رهندا هئا. سيّد جمال شاه، سندس ڀائٽيي جي پُٽَ، سندس گهڻي خاطري ڪئي. شاه به منجهائنس ڏاڍو راضي ٿيو، ۽ ڪيس اشاري طور چيائين ته ڪائنس پوءِ پاڻ ئي گاديءَ تي وهٺو آهي. ساڻس گهڻي محبت ڏيکاريائين، ۽ پاڻ سان گڏ ساڳئي هنڌ تي سمهاريائينس؛ ۽ ائين به چيائينس ته ”ابا، پاڻ ٻنهي جي نيٺ هڪڙي هنڌ جاءِ آهي.“ ٻئي ڏينهن اتان روانو ٿيو. واٽ ۾ هڪڙو مريد گڏيس، جو پڻ خدا رسيدو شخص هو. شاه کي ڏسنديئي چيائين ته ”قبلا، هي ڇا؟ ماڻهن کي چوندا وتو ته اوهان جو ڪفن دفن به ڀِٽَ تي ٿيندو، ۽ هاڻ وري پڇاڙيءَ جي وقت نڪتا آهيو هڪ وڏي سفر تي.“ شاه جي دل ۾ اهي اکر چُڀي ويا. ڪجھ تائين ته بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي ويو. آخر ارادو رد ڪري موٽي ڀِٽ ڏانهن رخ رکيائين. پهچندي شرط، ويس ڪٽي ڪارو ڍڪيائين، ۽ ڪربلا جي شهيدن جي ماتم ۾ ’سر ڪيڏارو‘ چيائين. چون ٿا ته اهو سندس آخرين ڪلام آهي. پورا ايڪيهه ڏينهن خلوت اندر رهيو. انهي ساري عرصي ۾، ٻن ويلن جيتري ماني مس کاڌائين. جڏهن ٻاهر نڪتو، تڏهن غسل ڪري، چادري اوڍي، مراقبي ۾ ويهي، پنهنجي ربّ سان رهاڻ ۾ مشغول ٿيو. فقيرن کي سماع ۽ سرود جو اشارو ڪيائين. ٽي ڏينهن برابر اهو لقاءُ لڳو پيو هو. چوڌاري چپ چپان لڳي پيئي هئي. سيڪو سماع جي سوز ۽ ساز ۾ محو هو. آخر راڳ بند ٿيو. فقير شاه جي نزديڪ وڃي ڇا ڏسن ته شيءِ نهيئي ڪانه. سندس روحاني ڪبوتر، هن


Scanned by CamScanner

خاڪي پڃري مان الائجي ڪيڏي مهل پرواز ڪري، وڃي عالم ارواح ۾ پهتو.

سنه ١١٦٥ هجري مطابق سنه 1752 عيسوي جي صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ هئي، جڏهن هن پلاري پٽ ڏٺيءَ جهان مان رحلت ڪئي. نڪا ڪا بيماري ٿيس، نڪو ڪو درد ڏنائين، مراقبي ۾ ويٺي دم ڏنائين.

شاه صاحب جو مبارڪ لاش سندس وصيت موجب، محمود شاه جي پيرانديءَ کان دفن ڪيو ويو. سنئين سندس تربت مٿان، ميان غلام شاه ڪلهوڙي پنهنجي خرچ سان هڪ عاليشان قبو اڏايو، جو سنه ١١٦٧ هجري مطابق سنه 1754 عيسويءَ ۾، انهن ڏينهن جي ٽامياري عيدن رازي، جوڙي راس ڪيو. ٽالپرن جي راڄ ۾ مير نصير خان، انهي قبي ۽ مسجد جي چڱي مرمت ڪرائي، ۽ سندس ارادو هو ته قبي جي چوڌاري هڪ پڪي ديوار ٻڌائي، مٿس چار گنبذ رکايان؛ ۽ پڻ خيال هوس ته قبي ۾ اندر سونهريءَ ميناڪاري ڪم ڪرايان، مگر زماني جي گردش ڪري ٽالپرن جي صاحبي جلد ختم ٿي، ۽ ڪم اڌورو ئي رهجي ويو. مير نصير خان جي وڏي ڀاءُ مير نور محمد خان، قبي جي اڳيان ايوان ۾ هڪ وڏو ڪوه ڪٽايو؛ ۽ سندس سوٽ مير محمد خان، قبي کي چانديءَ جو دروازو وجهايو، جو اڃا تائين قائم آهي. قبي جي دروازي مٿان ڪيترا فارسي بيت اڪريل آهن، جن مان شاه جي وفات جي تاريخ نڪري ٿي. انهن مان هڪ محمد پناه رجا نئين واري جو چيل آهي، جو هيٺ آهي:

گفت اين رجا مريد سن ارتحال پير - گرديده محوِ عشق، وجودِ لطيف مير.

مٿئين بيت سان لڳولڳ وري هڪ ٻيو بيت آهي، جو پڻ محمد پناه رجا جو چيل آهي:

زد نعره در فراق، دگر کرده سينه چاک - شد محو در مراقبه، جسمِ لطيفِ پاک.

ازانسواءِ مسجد جي هڪ ديوار تي، جا قبي جي اتر طرف آهي، هيٺيان ٻه بيت نقش ٿيل آهن، جن جا پويان ٻه لفظ 'رضوان حق' شاعر جي وفات جي تاريخ ڏين ٿا:

شاه صاحب، ذوالمناقب، سيّدي عبداللطيف
آنکه قطب وقت خود بودست در مردانِ حق
چون ز جامِ 'ارجعي' مخمورِ نوشِ وصل شد
گفت ملهم غيب سالِ رحلتش رضوانِ حق.

●


Scanned by CamScanner

# فصل ۲

## شاه جي صورت ۽ سيرت

**شڪل شبيھ- پوشاڪ- خوراڪ ۽ آرام- بي طمعي- رحمدلي- رياضت- نئڙت- پاڪدامني- ڳائي جو شوق.**

شاه عبداللطيف جي سچي تصوير ڪٿان ملي نٿي سگهي. ڪن ڪن رسالن ۾ هڪڙي تصوير ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جا دعويٰ ڪئي ويندي آهي ته شاه جي آهي؛ مگر ائين هرگز نه آهي. اها هڪ وهمي تصوير ٿي ڏسجي، جنهن جي شاه جي شڪل شبيه سان ڪابہ مشابهت ڪانهي. چون ٿا ته شاه، جيتوڻيڪ بلڪل قداور مڙس نه هو. تڏهن بہ وچولي قد کان البت ڊگهيرو هو. ڪلها موڪرا هئس، ۽ بدنُ ۾ نڪي ڪي تمام پتلو هو ۽ نڪي ڪي تمام ٿلهو. جسماني طاقت چڱي هيس، ۽ ساري حياتي تندرست گذاريائين. سندس وار جوانيءَ جي ڏينهن ۾، ڳوڙهي ڪاري رنگ جا هئا، ۽ سندس سونهاري گهاٽي ۽ ڇاپئين هئي. سندس چمڙي ڪٽڪ رنگ هئي، مگر ٿورو سفيديءَ ڏي مائل. سندس پيشاني ڪشادي هئي، ۽ سندس اکيون وڏيون ۽ ڪاريون هيون، جي مشعلن وانگر پيون ٻرنديون هيون. سندس منهن مٽيادار هو، ۽ پيريءَ ۾ ته آڳي باقي منجهائنس هڪ نوراني جمال پيو بکندو هو. سندس اٿڻ وهڻ، هلت چلت، ڳالهائڻ ٻولهائڻ نهايت فضيلت وارو هو. نهايت خليق ۽ حليم هو. ڪڏهين ڪڏهين ڪل چرچو بہ ڪندو هو، خاص ڪري پنهنجي هڪڙي فقير وڳنڌ نالي سان، جنهن فصل ڀهرئين ۾ ڇاڻايو ويو آهي. هن تي ڪي ظريفانا بيت بہ چيا اٿس، جي 'سر بلاول' جي پيڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهن. پر اڪثر ڪري گنڀيرتا ۾ گذاريندو هو. جرات ۽ حشمت وارو ته هڪڙو ئي هو، جنهن ڪري سڀيئي سندس ادب ڪندا هئا.

ڏيک ويک سان ته پوندي ڪين هيس؛ ۽ نڪو ڪو ٺٺ ٺوپي ۽ سينڌ سرمي سان واهپو هوندو هوس. اٽلو انهن ڳالهين کان ڪيس نهايت نفرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ايندي هئي. 'سر آسا' ۾ چوي ٿو ته:

سرمو- سياهيءَ جو، رَنُن کي رِهاءِ
کانِي کارائِي جِي، مڙس ٿي مرَ پاءِ
اکين ۾ اٽڪاءِ، لالائي لالن جي.

شاه بلڪل سادي پوشاڪ پهريندو هو. اڪثر ڪري هڪ گيڙوءَ رَتي ڪفني پائيندو هو. جا ڪاري سوٽي ڌاڳي سان سبيل هوندي هئي. مٿي ۾ اڇي رنگ جي هڪ لنبي ٽوپي وجهندو هو. جهڙي قلندر پائيندا آهن. ۽ جنهن کي 'تاج' يا 'ڪُلاه' ڪري سڏيندا آهن. ڪُلاه جي مٿان ڇهه فوٽ ڪن ڪاري ڪپڙي جا، ٻني ور ڪري ويڙهي ڇڏيندو هو. جُتي پائيندو هو. مگر ڪڏهن پُور پوندو هوس ته پيرين اگهاڙو به گهمندو ڦرندو هو. هٿ ۾ هڪ وڏي لٺ ڪٽندو هو، جنهن جو مٿو جوڳين جي بيراڳڻ جهڙو هوندو هو. کاڌي پيتي لاءِ وٺس هڪ وڏو ڪشتو يا ڪشڪول رهندو هو. اهي سڀيئي شيون، اڄا تائين صحيح سلامت، سندس فقيرن وٽ پِٽَ تي رکيل آهن.

سادو کائيندو هو، سادو پهريندو هو؛ ۽ ننڊ به نهايت ٿوري ڪندو هو. ڪنهن اوچي يا سٺي بستري تي هرگز نه سمهندو هو، مگر هڪ پُراڻيءَ کٿائينءَ گودڙيءَ تي. چون ٿا ته هڪڙي ڏينهن منجهند جي وقت، آرام ۾ هو ته ٻاهران ڪنهن ٻاڪريءَ اچي هوڪو ڏنو: "سوٽا! پالڪ! چوڪا!" شاه انهيءَ آواز تي ڇرڪ ماري اٿيو. فقيرن کي عجب لڳو ۽ سبب پڇيائون. فرمايائين ته "ابا! اوهان ٻاڪريءَ جو هوڪو نه ٻڌو؟ هن چيو ٿي ته 'جيڪو پلڪَ سُتو سو چُڪو'." انهيءَ کان پوءِ وري ڏينهن ڏني جو ننڊ نه ڪيائين؛ ۽ ٻين کي به صلاح ڏيندو هو ته گهڻو سمهڻ چڱو نه آهي.

بلڪل لاطمع هو. ڪنهن ۾ به ڪنهن شيءَ جي لالچ نه رکندو هو، نڪي کي چاهيندو هو ته ڪنهن جو ٿورو کڻان. ڪنهن جي مهماني مَڙي به اڪثر ڪري قبول نه ڪندو هو؛ مگر جيڪڏهن ڪو گهڻو زور ڪندو هوس حُبَ سان دعوت ڏيندو هوس، ته لاچار ڪنڊ نه ڪيندو هو. ڳالهه ٿا ڪن ته سندس هڪڙو مريد ڪنهن ڏوراهين ڏيهه ۾ رهندو هو؛ ۽ هر سال زيارت لاءِ ايندو هو. پاڻ سان هڪڙو ڪٿو نذراني طور آڻيندو هو. هڪ دفعي مفلسيءَ سببان ڪٿي ڳنهڻ جي منجهس سمرٿي نه هئي، جنهن ڪري انهيءَ سال، حياءَ وچان وڃي نه سگهيو. ٻئي سال اصلوڪي عادت موجب ڪٿو ساڻ


Scanned by CamScanner

ڪٿي، شاهه جي ملاقات ٿي ويو. خوش خيرعافيت بعد، شاهه پڇيس ته "ابا، پر سال جو پيرو پڪيءُ؟" تنهن تي هن ويچاري وراڻي ڏني ته "قبلا پر سال تنگدستيءَ سببان ڪٿو خريد ڪري نه سگهيس؛ ۽ چيم ته هتين سڪٿو وجڻ نه جڳائي." تنهن تي شاهه فرمايو ته "اهو ڪٿو ٿي گهوريو جو دوست کي دوست ڪان سڪائي."

شاهه بلڪل تورَ گهرجائو شخص هو. زندگيءَ جي ضرورتن پورين ڪرڻ جيڪو خرچ ايندو هو، سو ڪندو هو؛ باقي بيا پئسا، غريبن ۽ يتيمن کي ڏيئي ڇڏيندو هو. نه فقط ائين، پر پاڻ کي تڪليف ۾ وجهي به ٻين جي پرگهور ۽ اُدرپُورتا ڪندو هو. رحمدل ۽ ٻاجهارو ته هڪڙوئي هو. انسان ذات لاءِ نهايت قرب ۽ همدردي هيس، پر گگدام حيوانن سان پڻ پيار هوس. پنهنجي هٿ سان ڪڏهن ڪو جانور نه ماريائين. ننڍپڻ ۾، جڏهن جيڏن سان گزڪمان راند ڪيڏندو هو، تڏهن به ڪنهن پکيءَ پکڻ کي نه ضربيائين. جهنگ جي سَهن لاءِ ته هيڪاري قياس پوندو هوس؛ ۽ ماڻهن کي هدايت ڪندو هو ته انهن کي نه آزاريو. چون ٿا ته وٽس ٻه ڪتا به هوندا هئا، جن مان هڪڙي کي 'موتي' ۽ ٻئي کي 'ڪينهو' ڪري سڏيندا هئا. انهن جي ماءُ ننڍي هوندي ئي مري ويئي هئي. سندن ننڍڙڪي حالت ڏسي، ڪيس اهڙي ڪهل اچي ويئي، جو پاڻ وٽ آڻي، پنهنجي هٿن سان پاليائين.

شاهه عبداللطيف، جيترا پنهنجي تن کي تسا ڏنا، جيترا فاقا ۽ رياضتون ڪيون، اوتريون ڪنهن ورلي ڪيون هونديون. جئن جئن وڏيڪ سختي درپيش ايندي هيس، تئن تئن وڌيڪ وهسندو هو. جڏهن للڏي وچي پٽ وساياڻين، تڏهن پنهنجي هٿن سان مزورن وانگي پورهيو ڪيائين. مٽي تي تغاريون ڍويائين، ۽ بيا به طرح طرح جا ڪشالا ۽ محنتون، چاڻي ٻجهي، خوشيءَ سان سر تي سهاياڻين. هڪ ڀيري جي ڳالهه ٿا ڪن ته سندس فقيرن شڪايت ڪئي ته "ڪتِ ۽ مڇرن اسان کي اهڙو تنگ ڪيو آهي، جو ننڊ آرام ئي حرام آهي." تنهن تي فرماياڻين ته "ابا، مڇر ته پاڻ اوهانَ جا سڄڻ آهن، جو اوهان کي غافل ٿي سمهڻ نٿا ڏين، پاڻ اوهان کي هدايت ٿا ڪن ته سستي ڇڏي سجاڳ ٿيو ۽ اٿي پنهنجي رب ساڻ اوريو."

نئڙت ۽ نماڻائيءَ جي ته مورت هو. ڪاوڙ ۽ غصي جو ته وٽس نالو به ڪونه هو. ڪنهن جي عيب جوئي يا نڪته چيني نه ڪندو هو. سيني کي


Scanned by CamScanner

صلاح ڏيندو ھو تہ تواضع ۽ خاڪساري اختيار ڪريو. جلال الدين رومي وارو مثو ھوندو ھوس؛

دربھاران ڪي شود سرسبز سنگ - خاڪ شو تا گل بُرويد رنگ رنگ.

چون ٿا تہ ھڪ لڳا ڪنھن وڻ وٽان اچي لانگھائو ٿيو. اھو وڻ اگرچ نھايت اتاھون ۽ ڪشادو ھو، ۽ ٻيلن بہ ريج واريءَ زمين ۾ ھو، تڏھن بہ سڪو ٺوٺ ٿيو پيو ھو. شاھ کي اچرج لڳو ۽ مريدن کان پڇيائين تہ "ابا، ھن وڻ جي سڪڻ جو سبب ڪھڙو؟" منجھائن ھڪڙي وراڻي ڏني تہ "قبلا، ھن وڻ کي پاڻ بيحد گھڻو ڏنو ويو تہ ڏسجي."

تڏھن شاھ فرمايو تہ "ادا آھي بہ ائين. پاڻ * اھڙي چيز آھي جو ساون کي بہ سڪايو ڇڏي."

شاھ نھايت پاڪدامن ۽ پرھيزگار شخص ھو. پنھنجي نفس ۽ شھوتن کي ماري مطيع ڪيو ھئائين. ڦوھ جوانيءَ جي وقت ۾ بہ ڪڏھين اُبتو پير نہ کنيائين. مجازي عشق بہ ماڻيائين، مگر ثابت قدم رھيو. اڄوڪي زماني جي نوخيز پيرن فقيرن جئن انڌي عشق جو غلام نہ ھو، جو در حقيقت شھوت پرستي آھي.

ڪاڪ نہ جھليا ڪاپڙي موھيا ڪہ نہ مال
جي ڇورن ڏنا ڇالَ، تہ بہ لاھوتي لنگھي ويا.

زال ذات سان گھٽي ڪانہ پوندي ھيس. سندس زال ٿي سندس لاءِ ڪافي ھئي، جنھن سان نھايت سنبنڌ ھوندو ھوس. اولاد جي ڪابہ پرواھ يا ڳڻتي ڪانہ ھوندي ھيس؛ ٿئي تہ ڇا، نہ ٿئي تہ ڇا. اگرچہ پاڻ شادي ڪئي ھئائين، تہ بہ ڇڙائيءَ جي تعريف ڪندو ھو. چوندو ھو تہ "مولي جي طالب کي جريدو رھڻ ضرور آھي، نہ تہ جئن مڪ ماڪيءَ ۾ ڦاسي پوندي آھي، تئن ھو بہ دنيا جي عيش عشرت ۾ اڙجي ويندو، ۽ پوءِ جند ڇڏائڻ مشڪل ٿيندس." سندس تڙ ڏاڏي شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جا، پڻ پرڻي بنسبت اھڙائي خيال ھئا.

راڳ تہ شاھ جي جان جو جياپو ھو؛ ۽ ساھ بہ سماع ۾ ڏنائين. چوندو ھو تہ "منھنجي دل ۾ الاھي محبت جو ھڪ وڻ آھي، جو راڳ بنا سڪيو ٿو

* ھت پاڻ لفظ ۾ ابھام آھي. ھڪڙي معنيٰ اٿس 'پاڻ' جو ھنيءَ ۾ وجھبو آھي ۽ ٻي معنيٰ اٿس 'ھٺ' يا 'وڏائي'.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

وجي." ڪلهن ڪلهن تہ ڏينهن جا ڏينهن، سماع ۽ سرود ۾ صرف ٿي ويندا هئس. اهڙي حالت ۾ پنهنجي وجود جو بہ سماءُ نہ رهندو هوس. بعضي تہ اکين مان اچانڪ لڙڪ پيا وهندا هئس. جذبو ايندو هوس تہ پاڻ بہ ڳائڻ ۾ اچي ڇڻڪندو هو؛ ۽ شايد مولانا روميءَ وانگي، انهيءَ وجد ۾ رقص جي حالت ۾ وايون ۽ ڪافيون، بي اختيار سندس وات مان نڪرنديون هيون. مجازي عشق واري مضمون جي راڳن سان ڪين پوندي هيس؛ فقط حقيقي ۽ معرفتي راڳ، ۽ صوفين جي معنوي ڪلام مان فرحت ۽ مزو ايندو هوس. نڪو ڪو فاحش عورتن جي ڳائي ۽ ناچ سان پوندي هيس. انهيءَ لاءِ تہ ڪيس بلڪل ڏڪار ۽ نفرت هوندي هئي؛ ۽ سمجهندو هو تہ اها شيطان جي چنديبازي آهي. پنهنجن مريدن ۽ فقيرن کي فهمايش ڪندو هو تہ "فاحش عورتن جي اوڏو ئي نہ وڃو، متان ڪنهن مهل سندن شيرين زبانيءَ تي موهت ٿي، عزازيل جي چنبي ۾ ڦاسي، دين ۽ دنيا کان محروم رهو."

مطلب تہ شاہ صاحب جي رهڻي توڙي ڪهڻي، هر هڪ آدميءَ لاءِ هڪ اعليٰ آدرشُ هئي. منجهس هر وجه جون خوبيون هيون. دنيا بہ هيس دين بہ هيس.

مُہ ڏنائين ماڙهين، هيُون ڏنائين هوت.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# فصل ۳

# شاهه جو مذهب

**شيعو يا سني؟ - امن لاءِ قرب ۽ خليفن لاءِ عزت - شريعت جي پيروي - حج جو ارادو - ديني آزادگي - عشق جو مذهب.**

روايت آهي تہ شاه عبداللطيف پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر سني مذهب جو هو، مگر ڪن ڳالهين ۾ سندس روش شيعن جهڙي بہ هئي. آل رسول لاءِ گهڻي محبت ۽ قرب هوندو هوس. پنهنجي ڪلام ۾ حضرت عليءَ ۽ امامن ڏانهن خاص اشارا ڪيا اٿس. 'سر ڪيڏارو' تہ سڄو امامن جي شهادت جي ذڪر سان ڀريو پيو آهي، جنهن ۾ شهيدن جي سختين ۽ ثابت قدميءَ جي نهايت چٽي ۽ رقت آميز تصوير ڪڍي اٿس. شيعن وانگر محرم جو سارو مهينو ماتم ۾ گذاريندو هو، ۽ اهو وقت ڪارا ڪپڙا ڍڪيندو هو. امامن لاءِ قرب ۽ درد هوندو هوس، تنهن جو مصداق هيٺين بيت مان ملي ٿو:

حسن مير حسين جو، جن نہ هيَنڙي جارُ
خالق رب جبّارُ، ڪين مَرهِندو تن کي.

جيتوڻيڪ خليفن ڏانهن، رسالي ۾ ڪو اشارو نٿو اچي، سواءِ ٻن ٽن بيتن ۾، جي فقط بمبئي ڇاپ واري نسخي ۾ ڏنل آهن، مگر صريحاً نامعتبر آهن؛ تڏهن بہ روايتن مان ثابت ٿئي ٿو تہ شاه کي خليفن لاءِ وڏي عزت هئي، ۽ ڪڏهين بہ پنهنجي زبان سان نڪتہ چيني نہ ڪيائين، ۽ نڪا ڪا سندن لاءِ ڪنهن بہ وقت حقارت يا نفرت ظاهر ڪيائين. ائين چوڻ مناسب ٿيندو تہ شاه نڪي سنّي هو، نڪي شيعو. چون ٿا تہ هڪ لڱا ڪنهن شخص سوال ڪيس تہ "شاه سائين، توهين سنّي آهيو يا شيعا؟" وراڻي ڏنائين تہ "ابا، آءٌ ٻنهي جي وچ ۾ آهيان." تنهن تي هن چيو تہ "انهن ٻنهي جي وچ ۾ تہ ڪي ڪين آهي." شاه جواب ڏنو تہ "آءٌ آهيان بہ اهو ڪي ڪين."

انهي هوندي بہ شاه، اسلام جي سڀني اصولن ۽ فروعن جي پوري طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

پيروي ڪندو هو. پنج ئي نمازون ساري پڙهندو هو، رمضان جا ٽيهئي روزا رکندو هو، ۽ ازانسواءِ ٻيا نفلي روزا به رکندو هو. خدا جو ذڪر ۽ تسبيح هميشه پڙهندو هو ۽ قرآن شريف جو پڻ دائما دور ڪندو هو. هڪ دفعي حجَ جو ارادو به ڪيو هئائين. واٽ ويندي، هڪ ٻاٽيءَ جي ڍوري وٽ، وڻ جي ڇانوَ ۾ ساهي کڻڻ لاءِ ويٺو هو، ته ايتري ۾ هڪڙو ٻڪرين جو ڌڻ پاڻي پيئڻ لاءِ ڍاڍيءَ سڪ سان ڀوڙندو ايندو ڏٺائين. جڏهن پاڻي پي رهيون، تڏهن ڍوري کي پُٺِ ڏيئي، ٻيهي ٻاٽيءَ ۾ مُنڻ ۽ ڦولهڙيون لاهڻ لڳيون. شاه کي نهايت عبرت لڳي ۽ چيائين:

ڏوريانِ ڏوريان مَ لهان، شال مَ ملان هوت
جيِ اندر جا لوچ، مَچُڻ ملڻ سين ماٺِي ٿئي.

ائين چئي، اڳتي هلڻ جي سَدَ ڦٽي ڪري، پوئتي موٽيو.

اگرچه شاه شريعت جو پورو پائبند هو، تڏهن به مذهبي ڳالهين ۾ نهايت آزاد خيال هو، ۽ چاهيندو هو ته هرهڪ انسان لاءِ اها آزادگي ضروري آهي، خواه هندو هجي يا مسلمان، خواه يهودي هجي يا ڪرستان، مگر سڀ ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي مذهب جي اصولن جي پوري طرح تعميل ڪرڻ گهرجي. سڪٽي ايمان رکڻ کان، زياده زور عمل تي ڏيندو هو. مسلمان کي گهرجي ته قول ۽ فعل، ٻنهي ۾ سچو مسلمان ٿي گذاري، ۽ نه رڳو مؤمن جي نالي تي فخر ڪري.

اِنَ پَرِ نه ايمان، جِن ڪلمي گو ڪوٺائين
دَغا ٿُهجي دل ۾، شرڪُ ۽ شيطان
مُهَ ۾ مسلمان: اَندر آذرُ آهين.

اهڙيءَ طرح هندوءَ کي پڻ هندوءَ جي نالي تي، ۽ خالي ڪريا ڪرم تي راضي رهڻ نه گهرجي، مگر رهڻي توڙي ڪهڻيءَ ۾، پنهنجي ڌرم جي سچن متن تي پورو هلڻ گهرجي. ۽ اگرچه مؤمن جي نظر ۾ هو ڪافر آهي، تڏهن به پنهنجي ڪفر سان ئي سچو ۽ وفادار هئڻ گهرجيس.

ڪوڙو تون ڪُفر سين! ڪافرُ مَ ڪوٺاءِ
هندو هڏ نه آهيين، جڙيو تو نه جُڳاءِ
تِلڪُ تنين کي لاءِ، سچا جي شِرڪُ سين.


Scanned by CamScanner

قرآن شريف ۾ پڻ چيل آهي 'لا اِڪراهَ فِي الدِينَ يعني 'دين ۾ زور زبردستي روا نہ آهي'؛ ۽ ٻئي هنڌ فرمايل آهي لَڪُمر دِينڪُمر وَلِيَ دِين.' يعني 'توهان لاءِ توهان جو دين ۽ منهنجي لاءِ منهنجو دين.' شاهہ صاحب جو بہ اهوئي متو هو. مولي ڪي ملڻ جا ڪروڙين طريقا آهن؛ جيترا روح تيترا رستا. گيتا ۾ اهو مطلب هنن لفظن ۾ درج ٿيل آهي؛

'جي جهڙيءَ ريت مون ڪي اوڏو اچن ٿا، تهڙيءَ ريت ئي آءٌ انهن ڏانهن وڃان ٿو. منهنجو ئي رستو وٺن ٿا، ماڻهو هر طرف ڪان، هي پارٿ!'

مولانا روميءَ، مثنويءَ جي ٻئي دفتر ۾ 'حضرت موسيٰ ۽ ريڍار' جي ڳالهہ ۾ ساڳيوئي مضمون هن طرح ادا ڪيو آهي؛

هنديان را اصطلاح هند مدح - سنديان را اصطلاح سند مدح
مابرون رانِنگريم و قال را - ما درون را بنگريم و حال را.

مطلب تہ، جيڪڏهن انسان جي اندر ۾ حق لاءِ حُبّ آهي، تہ پوءِ حرڪت نہ آهي تہ ڪهڙيءَ بہ ريت، ڪهڙي بہ نموني، يا ڪهڙي بہ زبان ۾، يا ڪهڙي بہ مڪان ۾، خدا جي بندگي ڪري سگهي ٿو. زوريءَ يا زبردستيءَ سان، ڪنهن ماڻهوءَ ڪي هڪ دين مان برغلائي ٻئي دين تي آڻڻ مان ڪهڙو سوُد؟ البت، جيڪڏهن ڪو شخص سچي نيت ۽ يقين سان ڪو دين اختيار ڪري تہ روا آهي. چون ٿا تہ شاهہ عبداللطيف، هڪ لڳا متارن (مٽيارن) جي جامع مسجد وٽان اچي لانگهاؤ ٿيو، ۽ اندران سندس ڪن تي هُل هنگامي جو پڙلاءُ پيو. اڳتي وڌي ڇا ڏسي تہ هڪ واڻئي ڪي زبردستيءَ طَهر پيا ڪن. واڻئي جي واويلا پئي پيئي. شاهہ امالڪ اندر گهڙي ويو، ۽ واڻئي ڪي ڇڏائي ٻاهر ڪڍي، مسلمانن ڪي مخاطب ٿي چيائين تہ "ادا، ڪڏهن موچڙن سان بہ ڪو ماڻهو دين تي آيو آهي؟"

جي رَهٽي رهيو نہ سپرين، تہ ڪهٽيءَ ڪبو ڪوهہ.

شاهہ جو عقيدو هو تہ جي ماڻهو پنهنجي دين يا ڌرم تي قائم رهيو، ۽ پنهنجي نفس تي ضابطو رکيائين، تہ ضرور سندس قلب ۾ هڪ نئين قسم جو روحاني جذبو اُٿپن ٿيندو، جو ڪشش ڪري ڪيس پنهنجي حقيقي محبوب جي ديدار جو مشتاق بڻائيندو. انهيءَ منزل تي پهچڻ بعد، دين ۽ مذهب هڪ معمولي ڳالهہ ٿيو پوي. پرينءَ ڪي پسڻ جو طريقو علحدو آهي، جنهن جو دين ۽ مذهب سان ڪو واسطو ڪونهي. انهيءَ حالت ۾ صوفيانو ۽ عاشقانو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

طريقو ڳهربل آهي؛ پر جيستائين شريعت جي پاڙ پڪي نه هوندي، تيستائين طريقت حاصل ڪرڻ ناشدني آهي، سواءِ خدا جي خاص مهربانيءَ سان. مولانا رومي فرمائي ٿو:

مِلّت عشق از همہ دينها جداست - عاشقان را مذهب و ملت خداست.

عاشقن ۽ صوفين جو مذهب علحدو آهي. هو نڪي هندو آهن نڪي مسلمان، نڪي مومن نڪي ڪافر. مسجد ۽ مندر، دَيرُ ۽ ديول، صوفيءَ جي نظر ۾ هڪ آهن. صوفي لاڪوفي آهي. شاه جيتوڻيڪ ظاهري طرح شريعت جي آخر تائين پيروي ڪندو آيو، تڏهين به سندس سچو مذهب صوفيانو هو. تصوف جي اصولن ۽ عقيدن جو مفصل بيان، فصل چوٿين ۾ ڏنو ويو آهي؛ ۽ پڻ ڇهين فصل ۾ شاه جي صوفياني شعر جي اُپٽار ڪئي ويئي آهي. انهن ٻن فصلن مان، اُميد ته شاه جي صوفياني روش جي پوري پوري خبر پئجي سگهندي.

جيتوڻيڪ شاه عبداللطيف اهڙيءَ منزل تي رسيل هو، جتي ڪيس شريعت جي پابنديءَ جي بنه ضرورت نه هئي، تڏهن به، جنهن صورت ۾ هو ماڻهن جو هادي ۽ مرشد هو، تنهن صورت ۾ پاڻ انهن لاءِ مثال ٿي، سڀيئي ديني فرض بجاءِ آڻيندو هو. هميشه اهو خطرو هوندو هوس ته متان ماڻهو، سندس صوفيانيون رمزون پروڙي نه سگهن، ۽ وڃي گمراهيءَ ۾ پون؛ ۽ ٻنهي جهانن کان وڃن.

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

# فصل ۴

## ويدانت ۽ تصوّف

مذهب جا ٻه پاسا: ظاهري ۽ معنوي - يورپ ۾ معنوي مَتُ - ويدانت - شنڪر آچاريه - جيو آتما ۽ پرماتما - اَهَمر برَهَمر اَسمي - سنسار - مايا - اُپاڏيون - اوديا - وديا - موڪش - تصّوف - صوفي لفظ جو اشتقاق - زهد ۽ رياضت - بايزيد بسطامي - منصور حلاجؒ - اناالحق - عشق ۽ عرفان - هستي ۽ نيستي - حدوث - عالم ۽ انسان - عشق جو رستو - معرفت ۽ وصال.

جيڪڏهين غور سان ڏسبو ته هرهڪ مذهب ۽ دين کي ٻه پاسا آهن؛ هڪڙو ظاهري ۽ ٻيو معنوي. جيتوڻيڪ مذهب گهڻا ۽ جدا جدا آهن، تڏهين ٻه سندنِ معنوي پاسي جا اصول اڪثر ڪري ساڳيا ئي آهن. انهن معنوي اصولن جو ڪنهن خاص دين يا ڌرم، يا ان جي ڪريا ڪرم ۽ ريتن رسمن سان ڪوبه واسطو ڪونهي. انهن جو مقصد آهي، حقّ جي حقيقت پروڙڻ ۽ اُن سان هيڪڙائي حاصل ڪرڻ؛ مگر نه حواسن ۽ عقل جي رستي، پر ايقان ۽ عمل جي رستي. فقط ڪنهن مذهب جي پيرويءَ ۽ تقليدَ، يا عقل جي ڪيڏ سان، انهيءَ منزل تي رسڻ محال آهي، جيتوڻيڪ اوائل ۾ انهن ڳالهين جو ٻه قدري ضرور آهي، پر آخر ۾ پاڻ ڳچيءَ جو گهنگهر بنجيو پون؛ ۽ ماڻهوءَ کي متعصّب ۽ تنگ دل ڪيو ڇڏين.

روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪَمُ
اُو ڪو ٻيو فهمُ، جِه سان پَسَڻُ پِري جو.

هر زمان ۽ هر مڪان ۾، انهن معنوي اصولن، پاڻ کي نوَن نوَن نالن ۽ ويسن ۾ ظاهر ڪيو آهي. قديم يهودين ۾ 'ايسيني' فرقو اهڙن اصولن جو قائل هو؛ يونان ۾ فيثا غورث ۽ افلاطونَ اها ساڳي تَندُ تنواري؛ ۽ عيسائي مذهب جي شروعات ۾ هڪڙو ڪوفو پيدا ٿيو، جنهن ظاهري عبادت جو رستو ڦٽو ڪري، اندر اُجارڻ تي گهڻو زور ڏنو؛ ۽ انهيءَ ڪوفي جا معتقد پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

کي ’ناستک‘ يعني ’عارف‘ سڏائڻ لڳا، ۽ وري چوڏهين صديءَ عيسويءَ ۾ جرمني ملڪ ۾ ميسٽر ايڪهرٽ ۽ پوءِ فرانس ۽ سندس مشهور چيلي؛ ماڌ مڪيئان، انهن معنوي اصولن جي نئين سر پرچار ڪئي، ۽ ڪين ’پائٽسٽ‘ يعني ’زاهد‘ جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو. پر اهو معنوي مذهب جهڙو هندستان ۽ ايران ۾ اوج تي رسيو، تهڙو ٻئي ڪنهن هنڌ نه.

هندستان ۾ آڳاٽي سمي کان وٺي اهي اصول جاري هئا، مگر عام طرح انهن جو پرچار نه ڪيو ويندو هو. پر جو ماڻهو لائق سمجهيو ويندو هو، ۽ خواهش ڏيکاريندو هو، تنهن کي سندس گورو، انهن جي رمزن کان واقف ڪري، برهم (حق) کي سڃاڻڻ جي راه ٻڌائيندو هو. برهم وديا تي گوروءَ ۽ چيلي جون رهاڻيون، اُپنشدن ۾ گڏ ڪيون ويون؛ ۽ انهيءَ مت کي ’ويدانت‘ يعني ويدن ۽ علمن جي آخرين حد ڪري ٿا سڏين. انهيءَ مَتَ جي مکيه اصولن کي بادَ رايڻ نالي هڪ مشهور رشيءَ، پنهنجي ڪتاب ’ويدانت سوتر‘ ۾ جمع ڪيو. وري هندستان جي مشهور فيلسوف شنڪر آچاريه (820-788ع) ’ويدانت سوترن‘ ۽ ’ڀڳود گيتا‘ تي پنهنجيون لاثاني ٽيڪائون لکي، ’ويدانت‘ جي مَتَ کي پوريءَ ڪماليت تي آندو.

’ويدانت‘ موجب برهم يا آتما (حق) اِنسان جي عقل ۽ سمجهه کان ٻاهر آهي؛ ۽ نڪي ڪي سندس بيان ڪري سگهجي ٿو. ’برَ هدار ٽيَڪَ اُپنشد‘ ۾، گورو پنهنجي چيلي کي چئي ٿو ته ”آتما جو تون ڪوبه بيان ڪندين ته آءٌ چوندس ’نيتي، نيتي‘ يعني ’ائين نه، ائين نه.‘“ جڏهن راجا واشڪليءَ، رشيءَ ٻاهوَ کي وينتي ڪئي ته ”ڀلائي ڪري مون کي سمجهايو ته آتما ڇا آهي؟“، تڏهن اُن ڪجهه ماٺ ڪئي. پر جڏهن راجا گهڻو ستايس، تڏهن رشيءَ چيو ته ”آءٌ ته توکي سمجهايان وينو، پر تون سمجهين نٿو. ’شانتويَم آتما‘ يعني ’هي آتما سانت آهي.‘“ رشيءَ جو اهو جواب بلڪل پورو هو.

”جَنين ڏٺي سَتَ، تَنين ڪُڇيو ڪينَ ڪين.“

مشهور جرمن فيلسوف ڪانٽ، لاجواب دليلن سان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته اسان جو عقلُ، زمانُ، مڪانَ ۽ سبب جي ٻنڌڻن ۾ اهڙو ٻڌو آهي، جو برهمَ يا حَقُ، جو انهن مڙني کان مٿي آهي، تنهن جي پروڙ اسان کي ڪنهن به صورت ۾ پئجي نه سگهندي. پر تنهن هوندي به ’ويدانت‘ چوي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

تہ برَهمَ يا حقَ، اسان کان پري ڪونهي.

"وَنَحنُ اَقربُ اِليهِ مِن حَبلِ الوَ ريدِ" يعني 'اسين اِنسان کي سندس ڪنڌ جي رڳن کان بہ ويجها آهيون.' شاه عبداللطيف فرمايو آهي تہ "سپرين ساه کان بہ اوڏو آهي" ۽

"نائي نينڻَ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو."

حَقَ جو اسان جي اندر ۾ ئي واسو آهي. پاڻ مان ئي سندس پروڙ ٿي سگهي ٿي، پر نہ علم جي رستي، مگر 'اَنڀاوَ' يا 'عين اليقين' جي رستي. جنهن کي 'اَنڀاوَ' جي رستي اِها پروڙ پوي ٿي، سو چاڻي ۽ ڏسي ٿو تہ 'آءُ خود برهمَ آهيان.' 'ويدانت' جو مول متو بہ انهن ٽي لفظن ۾ سمايل آهي: 'اَهَمِ برَهمَ اسمِي' يعني 'آءُ برهم آهيان.' اهو مطابق آهي صوفين جي 'اناالحق' جي، يا 'تَت توم اسي' يعني 'اهو تون آهين' يا جئن روميءَ چيو آهي: 'توخوداوئي.'

ولا جُستيم سر تا سر، نديدم در تو جو دلبر
مخوان، اي دل مرا ڪافر، اگر گويم تو خود اوئي.

هاڻي سوال آهي تہ هيءُ سنسار ڇا آهي؟ 'ويدانت' چوي ٿو تہ درحقيقت سنسار کي ڪا سچي هستي ڪانهي. برهمَ کان سواء ٻيو ڪي ڪين آهي. جنهن کي اسين سنسار ڪري ٿا سمجهون، سو فقط 'مايا' يعني 'وهم' آهي. هيءُ سنسار بہ رڄ مثل آهي، يا نوڙيءَ وانگر، جا نانگ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. شنڪر آچاريہ ماڻهوءَ جي حياتيءَ کي سپني سان ڀيٽ ڪئي آهي. جيستائين ماڻهو سپني جي حالت ۾ آهي، تيستائين هن جي نظر ۾ جيڪي بہ پيو وهي واپري، سو سڀ سچ آهي؛ مگر ننڊ مان اٿڻ شرط، اها ڳالهہ، جنهن کي هُن حقيقت ڪري ٿي سمجهيو، سا سڀ ڪوڙي ۽ بي بنياد ڏسڻ ۾ ايندي آهي. افلاطون بہ چوي ٿو تہ "هيءَ دنيا رڳو پاڇَن جي دنيا آهي، ۽ نہ حقيقتن جي." ۽ ڪانٽ پڻ چيو آهي تہ "هيءَ دنيا فقط سڪشو نماءُ آهي، ۽ نہ خود شيءِ."

هي سارو سنسار ۽ سندس ڪل شيون 'مايا' آهن. فقط هڪ شيءِ کان سواء، جا آهي آتما. آتما جو انڪار ڪري نٿو سگهجي. ان جو انڪار ڪرڻ ئي اِثبات آهي. پر سوال آهي تہ انسان جي آتما، جنهن کي 'ويدانت'، 'جيو آتما' ڪري ٿو سڏي ۽ برهم يا 'پرماتما' جي وچ ۾ ڪهڙو سنبنڌ آهي؟ شنڪر آچاريہ چوي ٿو تہ جيءُ، برهم جو نڪِي ڪِي جزو آهي، چو تہ برهم


Scanned by CamScanner

ڪي جزن ۾ وراهي نٿو سگهجي، ۽ نڪي ڪي برهم کان ڪا الڳ شيءِ آهي، جو تہ برهمُ هڪ آهي، نہ ٻہ، 'ايڪمَ ايوَ اَدو تييَم' ۽ نڪي ڪِي برهم جو بدليل روپ آهي، جو تہ بَرهم تبديل کان آجو آهي. مطلب تہ 'جيو آتما' ۽ 'پرماتما' ساڳي ڳالهہ آهي.

پر هاڻ سوال اٿندو تہ جيڪڏهين جيو ۽ برهم ٻئي هِڪُ آهن، تہ جيوَ ڪي پنهنجي سچي اصليت جي خبر، ڪهڙي سبب کان پئجي نٿي سگهي؟ شنڪر آچاريہ جواب ڏئي ٿو تہ "اُپاڌِينَ يعني حَدن جي ڪري." مَنَ، اِندريون، پراڻ، آپو وغيره 'اُپاڌيون' يا حدون آهن، جن ۾ جيِوُ چوڪنيو گهيريل آهي. هاڻ اهي 'اُپاڌيون' آيون ڪٿان؟ اهي 'اُپاڌيون' خود 'مايا' جو جزو آهن، ۽ 'مايا' وانگر اسان جي سياڻيڪ 'اَوديا' يعني جِهلِ جي پيدائش آهن. پر اها 'اَوديا'، جا اڻجاڻائيءَ، ڏوہ ۽ ڏک جو ڪارڻ آهي، سا خود ڇا آهي؟ انهي سوال جو جواب دنيا جي ڪنهن بہ فيلسوف نہ ڏنو آهي، ۽ نڪِي ڪِي ڏيئي سگهبو. ڪانٽ فيلسوف جي راءِ ۾، اهو سارو مسئلو بيجاءِ آهي. اها 'اودِيا'، جا سببن جي سلسلي کان مٿي آهي، تنهن جو ڪهڙو سبب ڏيئي سگهبو؟

سنسار روپي 'مايا' کي نورت ڪرڻ (وڃائڻ) جو، هڪڙو ئي رستو آهي. اهو آهي 'وديا'، يعني معرفت. 'وديا' جي وسيلي، جڏهن 'جيو آتما' پاڻ کي پنهنجين 'اُپاڌين' يعني حدن کان آزاد ڪري ٿو، تڏهين ڪيس پروڙ پوي ٿي، تہ پاڻ خود 'پرماتما' آهي. انهيءَ 'وديا' مان 'موڪش' يا نجات پراپت نہ ٿي ٿئي، پر اها 'وديا' خود 'موڪش' آهي. اُپنشدن ۾ ڄاڻايل آهي تہ جڏهين اِنسانَ اهڙي پَد کي رسي ٿو، تڏهينُ 'سندس دل جون ڳنڍيون ڇڙيو پون، سڀ ڏک ڏور ٿيو وڃن، سڀ سنسا منجيو وڃن، ۽ سڀ ڪَرم اجايا ٿيو پون.' اهڙو 'جيون مُڪت' آدمي پاڻ کي سيڪنهن شيءِ ۾ پسي ٿو، ۽ عالم جي هر هڪ جزي ۾ سندس سير آهي.

صوفي سير سين ۾، جن رڱن ۾ ساهُ.

ايران ۾ وري مذهب جي معنوي اصولن 'تصوف' جي صورت ورتي. جئن 'ويدانت' جو ٻجُ، اصل کان ئي هندن جي ويدن شاسترن ۾ ڇٽيل هو، تئن 'تصوف' جا سلا پڻ اسلام مان ئي ڦٽي نڪتا.

صوفي لفظ جي اشتقاق جون ڪيتريون ئي سمجهاڻيون ڏنيون ويندييون آهن. ڪنُ جو رايو آهي تہ اهو لفظ يوناني 'سوفاس' يعني 'سچاڻپ' مان


Scanned by CamScanner

نڪتل آهي. ڪن جو وري چوڻ آهي تہ 'اَهلُ الصُفة' مان نڪتل آهي، جي هڪ غريب مهاجرن جي ٽولي هئا ۽ مسجد نبويءَ جي صُفي ۾ خيرات وٺڻ لاءِ وهندا هئا. ٻيا وري چون ٿا تہ 'صفا'مان نڪتل آهي؛جو تہ صوفي اهوآهي،جو دل کي ڌوئي صاف ڪري. پر هاڻوڪا عالم متفق راءِ آهن تہ صوفي لفظ 'صوف' يعني 'پشم' مان نڪتو آهي صوفي کي پارسيءَ ۾ 'پشمينہ پوش' بہ ڪري سڏيندا آهن. ابن خلدون چوي ٿو تہ اسلام جي شروعات ۾، اوني پوشاڪ سادگيءَ جي نشاني هئي، بني اميہ خليفن جي ڏينهن ۾ جڏهين عيش عشرت وڌڻ لڳي، تڏهين سچن مؤمنن دنيوي ڳالهين تي ڪراهت ڏيکارڻ لاءِ، اها سادي پوشاڪ اختيار ڪئي.

ابو هاشم ڪوفي (ف 766ع) پهريون ئي شخص هو، جنهن کي صوفيءَ جي نالي سان ڪري سڏيائون؛ ۽ ذوالنون مصري (ف ٨٦٠) 'تصوف' جي اصولن کي پوري پائي تي آندو. هن وقت تائين صوفين جو گهڻو زور، زهد ۽ رياضت تي هو؛ پر جلد ئي صوفياني خيال ۾ تبديل ٿيڻ لڳي. زهد ۽ رياضت کان وڌيڪ، الاهي عشق ۽ معرفت ڏي مائل ٿيڻ لڳا. بايزيد بسطامي ۽ منصور حلاج انهيءَ تبديل جا مکيہ اڳواڻ هئا.

چون ٿا تہ هڪ لڳا، بايزيد وجد ۾ اچي چوڻ لڳا تہ 'سُبحانِي ما اعظَمَ شانِي' يعني 'ساراه جڳائي مون کي! ڪيڏو نہ وڏو آهي شان منهنجو!' جڏهين مريدن اها ڳالهہ سندس ڏيان تي آندي، تڏهين چيائين تہ "جڏهين مون کي اهي لفظ چوندا ٻڌو، تڏهين هڪدم خنجر هڻي ماري ڇڏجوم." هڪ دفعي وري اهي ساڳيا لفظ سندس واتَ مان نڪري ويا. مريدن هڪدم خنجرن جو وارو ڪيو؛ پر ڪيس ڪجهہ ڪونہ ٿيو؛ اٽلو خنجر هڻندڙ خود گهائجي، مري ويا. جڏهين اِنهيءَ عجيب رونداد جو ڪارڻ پڇيائونس، تڏهين وراڻي ڏنائين تہ "وجد جي حالت ۾ منهنجو سينو آرسيءَ وانگر اوجل ٿي ويو؛ ۽ مريدن جو جسم منجهس پئي ٻکيو. جڏهين انهن مون تي خنجرن جو مارو ڪيو، تڏهين گويا، انهن پنهنجي ئي جسم سان اها ڪار ٿي ڪئي." ڪڏهين ڪڏهين ائين بہ چوندو هو تہ "جڏهين مون پاڻ ڪان پري ٿي نظر ڪئي، تڏهين ڏٺم تہ عاشق، معشوق ۽ عشق ٽيئي هڪ چيز آهن." بايزيد بسطامي سنہ 874ع ۾ وفات ڪئي.

منصور حلاج تہ بايزيد بسطاميءَ کان بہ لنگهائي ويو. هو نائين عيسوي صديءَ جي آخر ڌاري ڄائو هو؛ ۽ چون ٿا تہ ڪيترين ئي ڪرامتون ۽ اچرج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

ڏيڪاريائين، مثلاً مردن کي جيارڻ، هوا مان سون ۽ گلَ جهَٽڻ وغيره. پاڻ کي ڳليو ڳلايو خدا سڏائي، 'اَنا الحق' جو نعرو هڻڻ لڳو، ۽ پنهنجن مريدن کي وري، اڳين نبين جا نالا کڻي ڏِنائين. انهيءَ ڪفر جي گفتن ڪري، آخر سوريءَ تي سر ڏِنائين. چون ٿا ته ڪيس پيرن ۾ نيِر وجهي، سوريءَ ڏانهن گهليندا پئي ويا، تڏهين هڪڙي درويش ڪائنس پڇيو ته "عشق ڇا آهي؟" منصور وراڻي ڏني ته "پاڻيهي اَڄ، سڀاڻي ۽ پريهن ڪلَ پونديءَ، ته عشق ڇا آهي." ائين ٿيو. جو انهيءَ ڏينهن کيس قتل ڪيائون، ان جي سڀاڻ تي سندس لاش باهِ ۾ ساڙيائون، ۽ ٽئي ڏينهن سندس رکَ هوا ۾ اُڏائي ڦٽي ڪيائون. سندس مطلب هو ته الاهي عشق مان اهڙوئي نتيجو نڪرندو. سوريءَ ڏانهن سُورِهن وانگر وهسندو پئي ويو، ته ڪنهن پڇيس ته "هي منصور! هيءَ ڪهڙي عجيب قسم جي روش آهي؟" جواب ۾ چيائين ته "سچي بادشاه جي حضور ۾ وڃڻ جي اهائي روش آهي." جڏهين سوريءَ وٽ اچي پهتو، تڏهين سندس مريدن مان، ڪن عرض ڪيس ته "اسان جي ۽ پنهنجي دشمن جي حق ۾ ڇا چوٿو اٿيئي؟" فرمايائين ته "منهنجن دشمنن کي ڏُهرا دان ملندا، ۽ اوهان کي هيڪوٽا. ڇو ته توهان کي فقط مون لاءِ ئي حسن ظني آهي، پر هنن کي نه فقط خدا جي وحدانيت جو خيال آهي، مگر شريعت لاءِ پڻ عزت آهي. شريعت ۾ خدا جي وحدانيت پهريون اصول آهي، ۽ حسن ظني، فقط فرع آهي." سندس دوستن مان شبليءَ واڪو ڪري چيس ته، "اي منصور! تصوف ڇا آهي؟" منصور وراڻي ڏني ته "جيڪي اکين سان وينو ڏسين، سو ته تصوّف جو رڳو هڪ خسيس جزو آهي." تنهن تي شبلي پڇيو ته "تڏهين ان جو اعليٰ جزو ڪهڙو آهي؟" منصور جواب ڏنو ته "اهو تنهنجي پهچ کان ٻاهر آهي."

پوءِ سڀيئي مٿس پٿرن جا وسڪارا ڪرڻ لڳا. شبليءَ به ٻين سان شامل ٿي، منصور کي هڪ ننڍو پتر هنيو. انهي تي منصور کان رڙ نڪري ويئي. هڪڙي ڄڻي پڪاري چيو ته "ڇا! پٿرن جي وسڪاري تي ٻڙڪ به ڪين ڪُڇيءَ، ۽ هاڻ هڪ ننڍي پتر لڳڻ ڪري هيڏي دانهن ڪئي اٿيئي!" منصور وراڻي ڏني ته "ماڻهن کي خبر نه ٿي پوي ته ڇا ٿا ڪن، جنهن جي ڪري مٿن ميارَ نه آهي. مگر شبلي، جو خود صوفي ۽ معرفت شناس آهي، سو جيڪڏهين اهڙي هلت ڪري، ته وڏي ڏک جي ڳالهه آهي."

جڏهين سندس هٿ وڍي ڦٽا ڪيائون، تڏهين مشڪي چيائين ته "هن ٻانديءَ جا هٿ ڪپڻ آسان آهي، مگر اُهي ٻندَ، جن مون کي حق سان ٻڌي


Scanned by CamScanner

ڇڏيو آهي، تن کي ڪپڻ ڪٺن آهي." پوءِ سندس ٻئي پير به وڍي ڦٽا ڪيائون. وري به مشڪي چيائين ته "هنن پيرن سان، آءُ هن دنيا جون مسافريون ڪندو هوس؛ پر انهن پيرن کان سواءِ مون وٽ ٻيا به پير آهن، جن سان آءُ ٻنهي جهانن جو سير ڪري سگهان ٿو. جيڪڏهين اوهان ۾ سمرٿي آهي، ته انهن پيرن کي به وڍيو." ان بعد، پنهنجي رت ۾ رتل ڪراين سان، پنهنجا ڳل ۽ ٻانهون ڳاڙهيون ڪيائين. ڪنهن پڇيس ته "ائين ڇو ٿو ڪرين؟" جواب ڏنائين ته مُنهَنَ جي زردائي خوف وچان آهي، تنهن جي ڪري ڳلن کي ڳاڙهو ڪيَمُ." وري پڇيائونس ته "ڀلا ٻانهون ڇو ڳاڙهيون ڪييءِ؟" جواب ڏنائين ته "عشق جو وضو رت سان ئي ڪرڻ جڳائي." پوءِ سندس اکيون ٻئي ڪڍيائون. انهيءَ تي ماڻهن جي مجموعي ۾ غلغلو پيدا ٿيو. ڪي زار زار روئڻ لڳا، ته ڪي وري مٿس نئين سر پٿر اڇلائڻ لڳا. جڏهين سندس زبانَ ڪپڻ تي هئا، تڏهين پُڪاري چيائين ته، "ذرا صبر ڪريو. مون کي ڪي چوڻو آهي." پوءِ آسمان ڏي منهن ڪري چيائين ته، "يا خدا، هنن ايذائن ۽ عقوبتن جي صدقي هنن ماڻهن تي رحم ڪر. ڏس ته ڪئن نه آءُ هن سوريءَ تي تنهنجو مشاهدو پيو ماڻيان." ان کان پوءِ سندس زبان وڍي ڦٽي ڪيائون، ۽ منصور مشڪيو. نماشام جو وقت هو، جڏهين سندس سرُ ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو.

منصور حلاج 'اَنَاالحَقّ' جو نعرو هنيو، پر سندس پوئين 'اناالحَق' جو نغارو وڄايو؛ ۽ تصوف ڦري، نجُ عشق ۽ عرفان جو مَت بڻجي پيو. عيسوي يارهين صديءَ ڌاري، ابوسعيد ابوالخير تصوف تي شاعرانو رنگ چاڙهيو، ۽ وري امام غزاليءَ ان کي فلسفيانو لباس پهرايو. عربن کان وڌيڪ، تصوف ايرانين جي طبع موافق هو. ايران جي زمين 'اناالحق' جي ٻج لاءِ نهايت سيراب هئي. اُتي ڦِري ڦلي شاعريت جا سهڻا گل ڪڍيائين؛ ۽ پارسي شعر جو، گويا تاجي پٽنو بڻجي پيو. ناميارن شاعرن، جهڙوڪ فريدالدين عطار، سنائيءَ ۽ جلال الدين روميءَ، تصوف جي فلسفي ۽ الاهيات کي، پنهنجي شعر ۾ تمثيلي لباس ڍڪايو. تصوف جي نج الاهيات به 'ويدانت' جهڙيئي آهي، جنهن جو اڳي ئي مٿي بيان ڪيو ويو آهي. هيءُ عالم ڇا آهي ۽ ڪيئن ظهور ۾ آيو؟ اِنسان ڇا آهي ۽ حق سان ڪهڙو لاڳاپو اٿس؟ نجات ڇا آهي ۽ ڪيئن حاصل ڪجي؟ وغيره- انهن مسئلن جو، جهڙو تمثيلي بيان مشهور شاعر جاميءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

ي ڪتاب "يوسف زليخا" ۾ ڏنو آهي، تهڙو ٻئي ڪنهن شاعر نہ ڏنو آهي.

حَقُ، جنهن کي صوفي شاعرن مجازي عشق جو ويس پهرائي، هڪ نهايت سُهڻو ۽ من موهيندڙ معشوق بنايو آهي، سو ئي 'مُطلق هستي' آهي، يعني سچو بُود اُنهيءَ کي ئي جڳائي. 'مُطلق هستي'، 'مطلق خير' آهي؛ ۽ 'مُطلق خير' وري 'مُطلق جمال' آهي. هاڻي سوال آهي تہ "هي عالمُ، جو عارضي ۽ بي بقا آهي، سو ڪيئن وجود ۾ آيو؟"

زمان ۽ مڪان جي پيدا ٿيڻ کان اڳ 'مُطلق جمال'، هيڪڙائيءَ جي حالَت ۾، پاڻ تي ئي پنهنجي نُور جو تجلو پئي ڪيو؛ مگر جنهن صورت ۾، پاڻ کي پڌرو ڪرڻ، حسن جو اصلي سڀاءُ آهي، تنهن صورت ۾ الاهي حسن ۾ پاڻ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪڙي قسم جي جنبش پيدا ٿي. "ڪُنتُ ڪَنزاً مَخفياً فَاَ حبَبتُ اَن اُعرفَ. فخلَعتَ اَلخَلَقَ لِا عرِفُ" ؛ يعني 'مان هڪ لڪل خزانو هوس. سَدَ ٿيم تہ پاڻ سڃاڻايان. تنهن ڪري مون خلق کي اُپايو تہ آءٌ سڃاڻڻ ۾ اچان.' پر اهائي پڌرائي، ڪهڙي رستي ممڪن ٿي سگهي ٿي؟ عالم آشڪار آهي تہ ڪنهن شيءِ جي معلوميت سندس 'ضِدُ' يعني اُبتڙ شيءِ مان ئي پئجي سگهي ٿي؛ مثلاً جيڪڏهين اسان کي اونده جي ڄاڻ نہ هوندي، تہ سندس ضِدُ روشنائيءَ جي، ڪابہ پروڙ پئجي نہ سگهندي. اهڙي ريت 'مُطلق هستي'، جا پڻ 'مُطلق جمال' ۽ 'مُطلق خير' آهي، تنهن جو ضِد آهي 'عدم وجود'، 'عدم حسن' ۽ 'عدم خير'. انهن کي ڪو سچو وجود نہ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ سڀ سچو وجود 'مطلق هستي' کي ئي جڳائي. 'عدم وجود' هڪ پاڇي مثل آهي، جو هڪ ٿوري عرصي ۽ ڪنهنخاص مقصد لاءِ پڌرو ڪيو ويو آهي، جنهن صورت ۾ 'عدم وجود' الاهي ذات جو ضِد آهي، تنهن صورت ۾ 'عدم وجود' پڻ 'عدم خير' آهي، يعني 'شَرّ' يا 'بدي' آهي؛ ۽ جئن 'مطلق هستي'، 'عدم وجودَ' يا نيستيءَ مان ئي معلوم ٿي سگهي ٿي تئن 'مطلق خير بہ پنهنجي ضِد 'عدم خير' يا 'شر' مان ئي پروڙي سگهبو. انهيءَ مان ثابت آهي تہ بديءَ کي ڪا سچي هستي ڪانهي، رڳو هڪ وهم يا گمان آهي.

جڏهين 'نيستي'، 'هستيءَ' جي مقابل ٿي، تڏهين 'نيستيءَ' تي 'هستيءَ' جو ڇايو پيو. انهيءَ ڇايي کي، جنهن ۾ 'هستيءَ' ۽ 'نيستيءَ' ٻنهي جون وصفون موجود آهن، 'حدوث' چئجي ٿو. اهو 'حدوث' در حقيقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

ڪي ڪِينَ آهي، يعني ’مايا‘ آهي. هي بي بقا عالَم ۽ اِنسان انهيءَ ’حدوث‘ جو حصو آهن. نيستي، گويا هڪ آرسي آهي، جنهن ۾ ’حدوث‘، ’هستيءَ‘ جو هڪ پاڇو آهي. انهيءَ ڳالهه جي مشابهت سجَ ۽ سندس پاڻيءَ ۾ اولڙي سان ڪري سگهجي ٿي. اولڙي جو سڄو مدار سِجَ تي آهي. جڏهين سج جي اڳيان ڪو ڪَڪَرُ اچيو وڃي، تہ سندس اولڙو گم ٿيو وڃي. انهيءَ مان ثابت آهي تہ اولڙي جو بقاءُ سج جي هستيءَ تي منحصر آهي؛ مگر سجُ خود اولڙي جو محتاج نہ آهي. جئن پاڻي، سجَ جي آرسي آهي، تئن ’عَدَمُ‘ بہ ’هستيءَ‘ جي آرسي آهي؛ ۽ هي عالَم منجهس اولڙي مثال آهي. جئن عالم ’عدم‘ جي آرسيءَ ۾ ، ’مطلق هستيءَ‘ جو پاڇو آهي، تئن انسانُ، اِنهيءَ پاڇي جي گويا اکِ آهي. جڏهين اِنسان پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسندو آهي، تڏهين ڪيس پنهنجي هڪ نهايت ننڍڙي شڪل، پنهنجي اکِ جي تاري ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي؛ اهڙيءَ ريت حقَ جي شڪل بہ عالَم جي اکِ، يعني اِنسانَ ۾ پيئي بکي.

اِنسان توڙي عالَمُ، هست بہ آهن، نيست بہ آهن؛ خير بہ آهن، شَر بہ آهن؛ حقَ بہ آهن، باطل بہ آهن. پر جنهن صورت ۾ اِنسان جو آدِ ياڳو، ’مطلق هستيءَ‘ مان نڪتل آهي؛ تنهن صورت ۾ پس پيش، اِنسانَ حَقَ سان هڪ آهي. اهو حقيقي جزو هميشه، ڳجهو توڙي پڌرو، پنهنجي اصل سان وري وصال ڪرڻ جي ڳولا ۾ آهي. پر جيستائين ’حدوث‘ جي حالت جاري آهي، تيستائين انهيءَ وصال ۾ پيئي رنڊڪ پوي. انهيءَ ڪري اِنسانَ جو فرض آهي تہ جيتري قدر ٿي سگهيس، اوتري قدر ’عدم‘ جي جزي کي ناس ڪري، حق سان هيڪڙائي حاصل ڪري.

پر اهو ’عدم‘ جو جزو ڪيئن ناس ڪجي؟ پاڻ وڃائڻ سان. اهو پاڻُ ئي آهي، جو اِنسانَ جي ڏکَ ۽ حق کان وڇوڙي جو ڪارڻ آهي. پاڻُ ڪيئن وڃائجي؟ عشق جي رستي. عشق جي رستي ئي ’عدم‘ جو ڪارو ڪَڪَرُ پاسي ڪري سگهجي ٿو، ۽ عشق جي رستي ئي اِنسانَ جو روحُ پنهنجي الاهي اصل کي سڃاڻي سگهي ٿو؛ ۽ عشق جي رستي ئي حق ۾ حَلُ ٿي سگهي ٿو. اوائل ۾، جيڪڏهين حقيقي عشق حاصل ڪرڻ مشڪل آهي، تہ مجازي عشق ئي روا آهي. پر جيتوڻيڪ مُنڍ ۾ مجازي عشق ضروري آهي، تڏهين بہ ان کي ڇهڻ پوڻ گمراهي آهي. ’اَلمَجَازُ قَنطَرَةُ الحَقِيقَةِ‘ يعني ’مجازي عشق حقيقي عشق حاصل ڪرڻ لاءِ پُلَ مثال آهي.‘ پر پُلِ کي کهڙي بہ سهٽي هجي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

تڏهين ٻه سالڪ کي گهرجي، تہ ٿورَ ويرَمو ٿئي، نہ تہ پنهنجي مسافريءَ جي سچي مقصد کان محروم رهنو پوندوهوس. هڪ واريءَ پَلِ لنگهي پار پيو، تہ سندس اندروني اکِ کلي پوندي، ۽ سندس دل ۾ الاهي عشق جو مَچَ ٻري پوندو. پوءِ

جيڏاه ڪريان پرک، تيڏاهَ صاحبُ سامهون.

اهڙي عاشق کي آسمان جي هرهڪ ستاري مانِ حق جو نور پيو نظر اچي، چمن جي هر گل مان حق جي حسن جي ٻهڪار پيئي اچي؛ هرهڪ موچاري منهن مان حق جو جلوو پيو معلوم ٿئي؛ ۽ هرهڪ مني آواز مان حق جو ڪلام پيو ڪَنِ پوي. پل تہ هاڻ، پاڻَ ٻہ منصور وانگي 'اناالحق' جو نعرو هڻي يا بايزيد وانگي 'سبُحاني مَا اَعظَم شَانِي' جو دَمُ هڻي.

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

# فصل ۵

## شاه جو شعر ۽ شاعري

**شعر جي زندگي - شاه ۽ ٻيا شاعر - شاه جي بزرگي - جمال ۽ حق جو مشاهدو ۽ حقيقت جي پرورش - شاعري پيغمبريءَ جو جزو آهي - شاعر جي صنعت: فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش - شاه جون مختلف لياقتون - سندس اوج ۽ زندگي.**

سنڌ ڏيهه ۾ شاعرن جي ڪمي ڪانهي. گهٽ ۾ گهٽ ٻه درجن جا شاعر ته گذريا آهن، ۽ اڃا تائين به پيا پيدا ٿيندا. جيستائين حسن ۽ حق، عشق ۽ خوبي دنيا ۾ موجود آهن، تيستائين شعر جو ميدان پڻ گرم رهندو. پر شعر کي به لاها چاڙها آهن. بعضي سندس زمين آباد آهي، ته بعضي غيرآباد. جڏهين انساني سياءُ، روحاني شين کان وڌيڪ، جسماني شين ڏي مائل ٿيندو آهي، تڏهين شعر جي بازار به البت بي رونق ٿي ويندي آهي، پر وري وري نوان نوان رنگ روپ ڌاري وڃي پنهنجي اصلوڪي اوڄ تي رسندو آهي. شعرُ، نيڪ نيِتُن، پاڪ خيالن، ۽ عشق جي اُمنگن جو ترجمان آهي، ڪير چاٽي ته ڪَرَ هاڻ پڻ ڪو وڏو شاعر فطرتَ جي ڪُکِ ۾ سمايل هجي، جنهن جي آجي ٿيڻ جو اڃا وقت نه آيو آهي.

سچل ۽ ساميءَ، بيدل ۽ بيڪس، يوسف ۽ صادقَ جا نالا هر ڪنهن سُٺا هوندا. هر هڪ جي ڪلام ۾ پنهنجي پنهنجي خوبي ۽ لذت آهي. ڪن پڙهندڙن کي هڪڙي مان مزو ايندو، ته ڪن کي ٻئي مان. پر شاه عبداللطيف جهڙو هر وجه ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر، سنڌ ۾ اڃا ڪونه پيدا ٿيو. اهڙو ڪو سنڌي خواندو مشڪل لبندو، جنهن کي سندس ڪلام جي سڪ نه هوندي؛ ۽ اهڙو ڪو هنڌ خالي نه هوندو، جتي سندس شعر جو پڙاڏو ڪَنِ نه پوندو. سندس شاعرانيءَ "خستوريءَ جي خوشبوءِ سڀ ولايتَ واسي ڇڏي آهي." شاه ئي آهي جنهن ۾ هڪ وڏي شاعر جون ڪُلي لياقتون موجود آهن. سندس خيالي قوت جو هڪ وڏو پرياڻ هيءُ آهي، ته جيئن جيئن اسين سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

شعر تي اونهو غور ڪنداسين، تئن تئن اسان ۾ نئين نئين حيرت اُتپن ٿيندي. ٻين شاعرن جي خيالي قوت پڻ چڱي آهي، مگر شاه جي دَرَ کي ٻه نه رسي سگهندا. شاه جو ڪلام، خواه خلوت ۾ پڙهبو خواه محفل ۾، خواه ڪنهن مثال يا ٽيڪا طور ڪتب آڻبو، ته نيون نيون خوبيون اسان جي اچرج جو ڪارڻ ٿينديون، ۽ سندس طبع جي فراوانيءَ جي شاهدي ڏينديون. ۽ وري وري پڙهڻ سان سندس شعر ۾ ضرور اهڙي ڪا نئين نزاڪت نظر چڙهندي، جا اڳي اک کان گسي ويئي هئي. اهڙو ڪو ورلي ليندو جنهن کي شاه جي مهراڻ مان معنيٰ جا موتي هٿ نه آيا هجن، يا جو سياڻپ ۽ ساڃاه جي سبق پرائڻ کان محروم رهيو هجي.

جي تون بيت ڀائين، سي آيتون آهين.
وڃيو مَنُ لائين، پريان سندي پارَ ڏي.

ڪنهن به شاعر جي بزرگي اوتري قدر قبول ڪئي ويندي، جيتري قدر منجهس جمال جي مشاهدي ماڻڻ جي قابليت آهي؛ ۽ جيتري قدر مشاهدي جي ڪري سندس جيءَ ۾ جذبا ۽ اُمنگ اٿن ٿا. جمال جا پڻ ڪيترائي قسم آهن، جهڙوڪ طبيعي، جسماني، اخلاقي ۽ روحاني. مگر در حقيقت سڀ حسن جو مول هڪ ئي آهي؛ ۽ جنهن جنهن ويس ۾ پاڻ کي پڌرو ڪري ٿو، تنهن تنهن ويس جي پسڻ سان نينهن کي نوان نوان نيش اچن ٿا. دنيا ۾ ادنيٰ مان ادنيٰ انسان به حسن تي حيران آهي، ۽ ڏانهس رغبت رکي ٿو. مگر اها رغبت اڪثر منجهس پنهنجي ڪامنا پوري ڪرڻ جي اِڇا اُتپن ڪري ٿي، پر ته اها اِڇا ڪيترو به اڻَ لکي هجي. اهڙو ماڻهو صرف مشاهدي سان گهٽي تائين ريجهه رهاڻ ڪرڻ جو قابل نه آهي، ستنئي پنهنجي ڪامنا سڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جو ئي سندس اصلي ۽ آخرين مقصد آهي. اهوئي سبب آهي جو هو قدرتي توڙي صنعتي حسن جي نظاري مان سگهوئي ڪَڪِ ٿيو پوي. پر شاعر جي حالت ۾ ٻهريون ئي ٻهريون اثر، جو حسن جي مشاهدي ڪري متس پيدا ٿئي ٿو، سو آهي سندس "وجود جو ورق" ڌوئي صاف ڪرڻ. سندس ساري هستي سونهن واريءَ شيءِ جي مشاهدي سان پرجيو ٽمٽار ٿيو پوي؛ پوءِ اها شيءِ خواه ڪو قدرتي نظارو هجي، جهڙوڪ چمن جو ڇهڇٽو، درياه جي لس ليٽ، چنڊ جي چٽائي، تارن جي جهرمر، ڪَڪَرن جي ڪارونيار وغيره وغيره؛ خواه انساني حسن جو جلوو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

هجي، جهڙوڪ سپرينءَ جي سونهن، لالن جو لبيس، معشوق جو ناز ۽ سندس هار سينگار وغيره وغيره. شاعرُ اهڙي مشاهدي ۾ پاڻ کي مَحوَ ڪيو ڇڏي ۽ پنهنجي شخصيت کي وساري خود شيءِ جي آرسي بنجيو پوي. اهڙي وقت ۽ اهڙيءَ حالت ۾ پروڙيل حقيقت نس پس اها شيءِ نہ آهي، مگر خود "سونهن جو سَرُ" جنهن مان اها شيءِ ڦٽي نڪتي آهي. پروڙيندڙ ۽ پروڙيل شيءِ ٻئي پنهنجو پاڻ وڃايو ليءِ ٿيو وڃن. يوسف نالي شاعر اها حالت هن ريت نِروار ڪئي آهي.

محبوب کي صورت ميں گم هوکے ويکهہ نظارا، آپِ سارا.

شاعر کي نہ فقط اهڙو نشڪام يا لاطمع مشاهدو نصيب ٿئي ٿو، مگر ان جي اظهار ڪرڻ لاءِ پڻ سندس دل ۾ هڪ زبردست جنبش جاري ٿئي ٿي. ۽ سيمابي صورتون، جي مشاهدي بعد سندس اکيان تَري رهيون آهيون. تن کي هڪ محڪم ۽ سهڻي شڪل ڏيئي، ٻين انسانن جي دلين ۾ پڻ اهڙن جذبن اثارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جهڙا مشاهدي وقت سندس دل ۾ اُٿپن ٿيا هئا. هو هاڻ پاڻ کي، گويا هڪ پيغمبر يا داعي ڪري سمجهي ٿو. حق ۽ حسن جو هوڪو ڏئي ٿو، ۽ انسان ذات جي آنتيءَ ۽ آسايش جو ڪارڻ بنجي ٿو؛ ۽ ماڻهو پڻ اهڙي اعليٰ اِنسان وتان حياتيءَ ۽ حياتيءَ جي سچي مقصد جو سبق پليءِ پت پرائي سگهن ٿا. سندس پيغام هڪ قسم جو الهام آهي. مولانا رومي فرمائي ٿو؛

شاعري جزويست از پيغمبري - جاهلانش ڪفر دانند از خري

پر شاعر ۾ نہ فقط حسن جي مشاهدي ۽ حقيقت جي پروڙ جي قابليت هئڻ گهرجي، مگر اُن سان گڏ هڪ ٻئي هنر جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي شاعري صنعت چئجي ٿو. شاعر ان صنعت جي وسيلي، پنهنجن خيالن ۽ جذبن کي اهڙن عمدن ۽ اثرائتن لفظن ۾، اهڙيءَ سليس مگر رنگين عبارت ۾، اهڙن نون ويسن ورنن ۾، ۽ اهڙي ڍنگ ۽ طرز سان بيان ڪري ٿو، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جون دليون بي اختيار ڇڪجيو وڃن، ۽ اها نقش ڪيل تصوير سندن اکين اکيان پيئي ڦِري. ازانسواءِ وزن ۽ قافيي جو پڻ ضرور آهي، جنهن جي ذريعي شاعر جو ڪلام وڌيڪ لطيف ۽ لذيذ ٿئي ٿو. پر ڪلام اهڙو هئڻ گهرجي، جو ماڻهن جي دلين تي بجليءَ جهڙو اثر پيدا ڪري. انهيءَ لاءِ ڪن ٻين خاصتن جو شاعر ۾ هئڻ پڻ واجب آهي، جن جي دوران شعر جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

حسن هيڪاري نکريو نروار ٿيو پوي. اها ڪامل شاعر جي آخرين منزل آهي. اِهي خاصيتون آهن: فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش.

فصيح ڪلام اهو آهي، جنهن ۾ هرهڪ لفظ اهڙو ڪم آيل هجي، جنهن جي اُچار ڪرڻ ۾ زبان کي ڪابہ تڪليف يا هٽڪ نہ ٿئي. اهو نمونو نہ فقط ڪڏهين ڪڏهين، مگر هميشه شاعر جي ڪلام ۾ اختيار ڪيل هجي، نہ تہ سندس ڪلام کي فصيح نہ چئبو. بلاغت اها آهي، جو ڪلام وقت ۽ حال جي مطابق هجي. اِنسان ۾ طرح طرح جا پُور ۽ جذبا اُٿن ٿا: ڪڏهين غم ۽ غصو، ڪڏهين ڪل ۽ خوشي، ڪڏهين ڳڻتي ۽ فڪر، ڪڏهين مستي ۽ مدهوشي، ڪڏهين عشق ۽ محبت، ڪڏهين بيتابي ۽ بيقراري وغيره وغيره. شاعر کي اهي سڀيئي حالتون اهڙيءَ صفائيءَ چٽائيءَ ۽ درستيءَ سان مختصر، مگر مائيدار لفظن ۾ بيان ڪرڻ گهرجن، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جو ڌيان ڇڪيو وڃي، ۽ سندس سحرنگاريءَ تي موهت ٿي پون.

سلاست جي معنيٰ آهي تہ ڪلام ۾ اهڙا لفظ آيل هجن، جي روزمره ماڻهو استعمال ڪن ٿا، ۽ استعارا، تشبيهون، ۽ ٻيون ڪلامي صنعتون اهڙيون ساديون ۽ سوليون هجن، جو ماڻهو هڪدم پروڙي سگهن، ۽ هرهڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي فهم ۽ لياقت آهر ان مان لطف ۽ مزو حاصل ڪري سگهي. سڀ ڪان سهڻو شعر انهيءَ کي چئبو آهي جو ڪو ماڻهو ان کي پڙهي يا ٻڌي تہ ازخود ايئن چوي تہ "سچ آهي"، ۽ ان جي سلاست سادگي ڏسي، دل ۾ اچيس تہ اهڙو ڪلام "آءُ پڻ چئي سگهان ٿو"، مگر جڏهين چوڻ جي ڪوشش ڪري، تہ وايون بطال ٿيو وڃنس. ابن رشيق قيرواني پنهنجي ڪتاب 'العمدة' ۾ اهڙي شعر بابت هيئن ٿو چوي:

فَا ذَالقيلَ اَطمَعَ اَلنّاسُ طُرّاً وَاِذَا رِيمَ اَعجَزَ اَلمُعجزِ ينَا *

جدت جي هيءَ مراد آهي، تہ شاعر کي گهرجي تہ مضمون اهڙا علحدا علحدا اختيار ڪري، جن تي ٻين شاعرن پنهنجي طبع آزمائي نہ ڪئي هجي؛ يا جيڪڏهن ڪئي هجين، تہ بہ انهن کي اهڙي طرز ۽ نموني ۾ ادا ڪري، جو ائين معلوم نہ ٿئي تہ ڪنهن جو نقل يا تتبع ڪيو اٿس. ازانسواءِ پنهنجو مطلب اهڙن نون نون طريقن سان بيان ڪري، ۽ هڪڙي خيال کان ٻئي خيال

* جڏهن اهڙو شعر چيو وڃي تہ سڀ ماڻهو طمع ڪن تہ اسين بہ هوند اهڙو چئي وجون؛ مگر جڏهن ڪوشش ڪن تہ انهن کي عاجز ڪيو وجهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

ڏي وڃڻ ۾ اهڙي ڪاريگري ڪتب آڻي، جو پڙهندڙ جو ڌيان تنهن تي نہ وڃي. ۽ پڻ سندس لفظن ۽ جُملن ۾ اهڙو جوش ۽ اَثر هجي، جو پاڻنجي تہ اهي لفظ ۽ جملا اندر مان اُدما ڏيئي نڪتا آهن.

شاه عبداللطيف ۾ مٿيون ڇاڻايل لياقتون هر طرح هيون. رواجي شاعرن جي ڪلام تي غور ڪبو تہ ڏسبو تہ ہُسنو ئي ہُسو آهي. يا تہ رڳو حُسن جون هاڪون ۽ عشق جون صدائون آهن. يا تہ رڳو تصوُف ۽ ويدانت جا متا مڙهيل آهن؛ يا تہ فقط وحدانيت جي واڪاڻ آهي، يا تہ رڳو ڀڳتي مارڳ جي پَلٽ آهي. اهو حال نہ فقط سنڌي شاعرن جو آهي، مگر اڪثر ڪري هندستان جي ٻين ڀاڱن جي شاعرن جو پڻ. پر شاه عبداللطيف جو شعر طرح ڀاتين جو آهي؛ نهايت رنگين ۽ گوناگون آهي. هر قسم جي شاعريءَ جو اُستاد هو. سنڌ ڇڏيو، هندستان ۾ بہ سندس مَٽَ ڳولڻ مشڪل آهي. سندس نالو دنيا جي نامي ڪنهن شاعرن جي دفتر ۾ داخل ٿيڻ جو هر وجه لائق آهي. شاه جي شاعراڻي ذات اهڙي اعليٰ درجي جي هئي، جو شاعريءَ جو ڪوبہ فن نہ آهي، جنهن ۾ سندس دماغ درياءَ جي لهرنِ وانگر ڇوليون نہ ماريون آهن. هر طرح جا مضمون سندس خيالي خزاني ۾ ميسر آهن؛ ۽ هر قسم جون خوبيون سندس عبارت ۾ موجود. مختلف موقعن لاءِ سندس عبارت مختلف آهي هر طرف ڪان سندس ذات باڪمال هئي. جيڪڏهن صرف شاعر ڪري ليکبس تہ شاعرن جو شاه هو؛ جيڪڏهن صوفين جي صف ۾ شمار ڪبس تہ فاني في الله هو؛ ۽ جيڪڏهن عاشقن جي قطار ۾ ڳڻبس تہ عاشقن جو تاج هو. سندس ڪماليت جو دامن نهايت وسيع هو.

لَيسَ عَلَي الله بِمُستَنکَر، اَن يَجَمعَ العَالَمَ فِي واحد. *

●

* خدا جي لاءِ مشڪل نہ آهي جو ساري عالم کي هڪ شخص ۾ سمائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

# فصل ٦

# شاه جي شعر جو مضمون ۽ عبارت

**شاه جي شعر جا قسم - (١) صوفيانو: تصوف شاه جي شعر جو مکيہ پايو آهي- صوفيانو ۽ فلسفي طريقو - پارسي شاعرن جو اثر - وحدت ۽ ڪثرت - پاڻ سڃاڻڻ ۽ پاڻ وڃائڻ - اناالحق - مذهبن جي غلط فهمي - (٢) ناصحانو: عمدي طرز - تواضع ۽ خاڪساري - جرات ۽ حشمت - توڪل ۽ سعيو - اخلاص ۽ وفا - چڱن جي دامن - (٣) عاشقانو: مجازي عشق - سهڻيءَ جي سونهن - معشوق جي جفا - عاشق جي وفا - قمر ۽ ڪانگل قاصد - چانگي تي سواري - وصال - عشق ذات پات ڪي نٿو ڏسي - نوري ۽ ڄام تماچي - فارسي غزل - تمثيلي شعر - شاه ۽ رومي - واقعہ نگاري - سيرت نگاري - لاطمع عشق - حقيقي عشق - (٤) طبيعي: قدرت جا نظارا - انسان جي دل تي سندن اثر - (٥) رزمي ڪربلا جو قضيو - مرثيو - (٦) مديحي: قصيدو - نبيءَ جي نعت - سنڌ جي حاڪمن ۽ سپڙ جي ساراه - (٧) ظريفانو: شاه جي گنڀيرائي - شاه ۽ حافظ و ڳنڌ تي ٺٺولي - عبارت ۽ استعارا.**

شاه جو ڪلام، مضمون جي مدنظر تي هيٺين جدا طبقن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:
(١) صوفيانو (٢) ناصحانو (٣) عاشقانو (٤) طبيعي (٥) رزمي (٦) مديحي (٧) ظريفانو.

تصوف، شاه جي شعر جي، گويا تاڃي ۽ پيٽو آهي؛ يا جيڪر تصوف، سنڌس شاعراني عمارت جو مکيہ پايو ڪري ڄاڻجي. جيتوڻيڪ سندس شعر جا مضمون علحدا علحدا آهن؛ تڏهين بہ تصوف هڪ سر وانگر آهي، جنهن تي اهي مضمون موتين جيان مڙهيل آهن. اهڙيءَ صنعت ۽ جِدت سان، شعر جي پَلَٽ ڪئي اٿس، جو ظاهريءَ طرح مضمون جي ڪثرت معلوم پيئي ٿي مگر اندروني طرح مڙيئي وحدت آهي اها وحدت ۾ ڪثرت ۽ ڪثرت ۾ وحدت،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

سندس صوفياڻي خيال جو نتيجو آهي. ڪن ڪن سُرَن ۽ بيتن ۾، تصوف ڏوَنهيءَ جيان ڏهيو پيو آهي، پر ڪن ڪن ۾ تہ پڙڪو ڏيو پنيٺ ڪيو وڃهي. رواجي شاعرن تصوف جا باريڪ نڪتا ۽ عبارتون، جهڙوڪ گل ۽ بلبل، ناز ۽ نياز، شراب ۽ ساقي وغيره، هڪ نظم جو سينگار سمجهي، هرويرو ڪٽي پنهنجي ڪلام ۾ ٽنبيون آهن. جلال الدين روميءَ، اهڙن شاعرن بنسبت 'مثنويءَ' ۾ چيو آهي:

لفظ درويشان بدزدد مردِ دون، تابخواند برسليمي اين فسون.

شاه جو صوفيانو ڪلام حال آهي، ۽ نہ قال. جيڪو ذڪر ڪري ٿو، سو سندس انهيءَ حالت جو گويا هڪ آئينو آهي. پنهنجو ئي آزمودو ۽ تجربو بيان ڪيو اٿس، نہ فقط ٻين کان ٻُڌَل ڳالهيون؛ ۽ نڪي ڪي فيلسوفن وانگي منطقي حجتون ۽ دليل پيش ٿو ڪري. عالَم ۽ عالَم جي شين جي وِماسَ، ذات ۽ صفات جي باريڪ نُڪتن جي موشڪافي، قِدَم ۽ حُدوث جي لاحَل مسئلن جي نوَس نوَس، - اهو آهي فيلسوفن جو طريقو، جنهن مان هٿ نہ حاصل. قاضي قاذن چوي ٿو:

ڪَنزُ، قدُوري، ڪافيَہ، جي پڙهي پَروڙين سَبُ
تہ منڍِي ماڪوڙِي ڪَوهَ ۾ ، پيئي ڪَجي اَبُ.

مشهور يوناني محقق اَفلاطونَ، انهيءَ طريقي بنسبت هِنَ چوي ٿو:

"هن عالَم جون شيون، جن جي ڄاڻ اسان کي پنهنجن حواسن جي رستي ئي پئجي سگهي ٿي، تن کي ڪا سچي هستي نہ آهي، مگر هڪ قسم جي اضافي بُود. مٿن غور ڪرڻ سان اسان کي حق ۽ حقيقت جي خبر اصل پئجي نہ سگهندي. جيستائين اسين انهن جي کوجنا ۾ مشغول آهيون، تيستائين اسين انهن ماڻهن وانگر آهيون، جي ڪنهن غفا ۾ رهندڙ هجن، جتي اهڙو ڄوڪنيو ٻڌل هجن، جو پنهنجو مٿو بہ ورائي نہ سگهن، ۽ پٺيان هڪ ٻاه جو مچ پيو ٻرين. اهڙيءَ حالت ۾ اسين ڪنهن بہ شيءِ جو، پنهنجي سامهون ديوار تي فقط پاڇوئي ڏسي سگهنداسين؛ ۽ خود پنهنجو ۽ ٻين جو بہ پاڇي کان سواء ٻيو ڪي بہ ڏسي نہ سگهنداسين. اهڙيءَ حالت ۾ اسان جي فيلسوفي رڳو پاڇن بنسبت ئي بحث مباحثو ڪري سگهندي. مگر اهي شيون جن جو اسان


Scanned by CamScanner

فقط پاڇو ڏٺو آهي، سي خود ڇا آهن، ڪٿان آيون آهن ۽ ڪاڏي ٿيون وڃن، تن جو اسان کي پَرو پئجي نہ سگهندو."

پر صوفي، ظاهري حواسن کي ترڪ ڏيئي، 'اندر جي تاڙي لاهي'، معرفت جو مشاهدو، منجهئين ماڻي ٿو. صوفي ڇاڻي ۽ ٻڌي نٿو، مگر ڏسي ٿو. سندس علم، عين اليقين آهي. چون ٿا تہ جڏهين حڪيم بوعلي سينا، ابوسعيد ابوالخير مشهور صوفيءَ سان ملاقات ڪري موٽيو، تڏهين ابوسعيد حاضرين کي چيو "آنچہ او مي داند، من مي بينم." يعني "جيڪي هو ڄاڻي ٿو، سو آءٌ ڏسان ٿو."

تصوف جا متا، ڪيترن فارسي شاعرن نظم ۾ بيان ڪيا آهن؛ مثلاً فريدالدين عطار 'مَنطق الطير' ۾؛ حڪيم سنائيءَ 'حديقة الحقيقة' ۾؛ محمود شبستريءَ 'گلشن راز' ۾؛ ۽ جلال الدين روميءَ 'مثنويءَ' ۾. انهن بزرگن جو اثر، خاص ڪري روميءَ جو، شاه جي صوفياني شعر تي گهڻي قدر معلوم ٿئي ٿو. مگر شاه ڪنهن جي تقليد نہ ڪئي آهي. پنهنجي ئي بي نظير نموني ۾ اهي مضمون ادا ڪيا اٿس. صوفياني مضمون کي عاشقانو ۽ خيالي لباس پَهرائي، مروج محواري ۾ بيان ڪري ٿو.

صوفيانو شعر رسالي ۾ جاءِ بجاءِ ٽڙيو پکڙيو پيو آهي. اهڙو ڪو سُر نہ آهي، جنهن ۾ سِڌيءَ يا اَڻ سِڌيءَ طرح، ظاهري يا باطني نموني ۾، منظوم ٿيل نہ آهي. ڪن ڪن سُرن، جهڙوڪ 'ڪلياڻ' ۽ 'آسا' ۾ تہ پلتجي "پاريون ٿو ڪري."

دَهري خدا جا منڪر آهن، سوفسطاين کي خدا جي هستيءَ ۾ شَڪ آهي، ۽ فيلسوف منطقي دليل جا محتاج آهن؛ مگر شاه عبداللطيف جي نظر ۾ سارو عالم، زمين ۽ آسمان، سج چنڊ ۽ تارا، وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا، ماڻهو ۽ مرون، - سڀ خدا جي هستيءَ جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن. مگر نهايت پيدائيءَ جي ڪري ناپيدا آهي. هيءُ "عالَم جو آءٌ ساڻ پريو ٿو پير ڪري" ۽ قسمين قسمين نامن ۽ روپن سان چٽيو پيو آهي، سو درحقيقت وحدت ئي آهي. ڪثرت ۽ دوئي وهم جي پيدائش آهي.

وَهَم وسارِياس، نا تہ پنهو آءٌ پاڻَ هُئي.

حَق حقيقي هڪڙو آهي. ڪثرت وحدت آهي؛ وحدت ڪثرت. خالق ۽


Scanned by CamScanner

مخلوق، شاهد ۽ مشهود، عاشق ۽ معشوق، مروُن ۽ موُر، پکي ۽ پکڻ - سڀ پاڻ آهي. نہ فقط الله کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين آهي. مگر جيڪي آهي، سو سڀ الله آهي.

ڪوڙين ڪاياڻون تُهجيون، لڳن لکَ هَزارَ
جيُ سَيَڪهہِ جيَ سين، دَرَ سَنَّ ڏارو ڏارَ
پِريمَ تُهجا پارَ، ڪِهڙا چَئِي ڪيَ چُٺان.

انهيءَ حق حقيقيءَ کي سڃاڻڻ جو رستو آهي، دل جي آرسيءَ تان دوئيءَ ۽ ڪثرت جي ڪَٽَ اُتارڻ:

اندرُ آئينو ڪري، پِرين سو پَسيجِ
اِنهيَ راهَ رَميج، تہ مشاهدو ماٿيـن.

پر اندر ڪئن اُجارجي؟ نہ ڏيهہ ڏورڻ ۽ جهنگل جهاڳڻ سان، نہ فقط روزن ۽ نمازن سان، مگر پاڻَ وڃائڻ سان، ڇاڪاڻ تہ پنهنجو پاڻ ئي هڪ 'جاڏي جبل' جنهن حق جي آڏو اچي ٿو ۽ دوئيءَ جو ڪارڻ بنجي ٿو.

پاڻَ پردو پاڻ کي، سُٽِي ڪَرِ سنيالَ.

پر پاڻ ڪئن وڃائجي؟ رياضت جي رستي، قربانيءَ ۽ ايثار جي رستي، عشق جي رستي، ۽ مرشد ڪامل جي معرفت. هاڻ اهو پاڻ وڃائڻ آهي درحقيقت پاڻ سڃاڻڻ، ۽ پاڻ ميڃائڻ آهي خدا کي سڃاڻڻ.

"مَن عَرَفَ نَفسَہ‘ فَقَد عَرَفَ رَبَّہ"
نابُودِي نيئي عَـبَدَ کي اَعليٰ ڪِيئو.

جڏهن سالڪ پاڻُ ماري، پاڻ سڃاڻي، فنا في الله ٿئي ٿو، تڏهن از خود سندس اندر ۾ 'اناالحق' جو نعرو وڄڻ لڳي ٿو. انهيءَ حالت ۾ ساري ڪائنات ساڻس لاءِ ٿيو منجهس سمائجيو وڃي، ۽ عالَم جي هرهڪ جزي مان اِهو ئي آواز پيو نڪري:

جَرِ ٿَرِ تِکَ تَوار، وَڻِ ٽَڻِ وائِي هيڪَڙِي
سَڀِيئِي شيءِ ٿيا، سوُرِيَ سزا وار
هَمہ منصوُرَ هزارَ، ڪِهڙا چاڙهئو چاهڙهيان.

جو شخص اهڙيءَ منزل تي رسي ٿو، تنهن جي نظر ۾ مذهبن ۽ ڪوفن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

پاڻ ۾ لڙائيءَ غلط فهميءَ ڪان آهي؛ ڇو ته حقيقت جي پوري پوري خبر ڪنهن کي به ميسر نه آهي.

چون نديدند حقيقت سر به افسانه ردند.

سڀ تانگهي ۾ ٽاڪوڙا هڻي رهيا آهن. سندن حال به انهن انڌن جي آچار آهي، جي هڪ هاٿيءَ کي ڏسڻ ويا هئا. اگرچه هرهڪ جزوي طرح پنهنجي پنهنجي خيال موجب پورو هو، مگر ڪلي طرح سڀيئي فاش غلطيءَ ۾ هئا:

مُئي هاٿي سين مامرو، آڇي پئو انڌن
مَنارَين هَٿن سين، اکيـين ڪينَ پَسَنِ
في الحَقيقَتِ فيلَ کي، سَڄا سُڃاڻَنِ
سندي سَردارَن، بَصيرتَ بينا ڪَري.

اِهي آهن تصوف جا مول مسئلا، جن کي شاهه پنهنجي بي نظير ٻوليءَ ۾ گهٽيءَ ڇڻائيءَ سان بيان ڪيو آهي. ازانسواءِ شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جي جدا جدا منزلن، قضا ۽ قدر، رضا ۽ تسليم، تجلي ۽ استتار وغيره ڏي پڻ سندس ڪلام ۾ هرهنڌ اشارا ليندا.

شاهه جي ناصحاني شعر جي وڏي خوبي هيءَ آهي، جو هر ڪا مت ۽ نصيحت اهڙيءَ دلپذير طرز ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ ڏئي ٿو، جو پڙهندڙ جي دل ۾ ازخود چُڀيو وڃي. ناصح کي جيڪڏهن انهن باريڪ نڪتن جي خبر نه هوندي، جن جي وسيلي نصيحت جي ناگواري ۽ ڪَڙائي دور ٿي وڃي، ته سندس نصيحت قبول پوڻ جي ماڳ مورَاهين ملالت ۽ نفرت پيدا ڪندي. شاهه دنيا جو هرهڪ جزو پنهنجي حڪيماڻيءَ اک سان ڏسي ٿو، ۽ خسيس خسيس شين مان پڻ اخلاقي سبق وٺي، ان کي دلچسپ ۽ خوبصورت لباس پهرائي، پڙهندڙ جي اڳيان پيش ڪري ٿو. اخلاقي تعليم جو دامن سندس هٿان هرگز ڇڏايو نٿو وڃي. نصيحت جو دروازو هميشه کليو پيو آهي، ۽ قدم قدم تي نيڪ صلاح جا موتي منظوم ٿيا پيا آهن. مگر ڪن سُرَن ۾ ته نج ناصحانو شعر ئي نظر اچي ٿو، جهڙوڪ سر 'يمن ڪلياڻ' جي اڱين فصل جي آخر ۾، سر 'سينهن ڪيڏاري'، سر 'ڪاپاڻي' وغيره ۾.

اِنسان کي نمي کمي هلڻ گهرجي. سيني سان من ماري ميڻ ڪرڻ گهرجي، ڪينو ۽ ڏمر نه ڌارجي، ڇو ته منجهائن ڏولائو ۽ ڏک حاصل ٿئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

مطلب تہ شاه جي عاشقاني شعر جو مضمون پارسي غزل جهڙوئي آهي، مگر شاه پارسي غزل جو هروبرو تتبع نٿو ڪري. پارسي غزل ۾ صبا پيغام پهچائيندڙ آهي، پر شاه جو سنيهو رسائيندڙ آهي قَمَرُ يا ڪانگ. ازانسواء پارسي غزل ۾ شراب، ساقيءَ، مطرب، باغ راغ وغيره جي گهڻي پٽاڙ ڪيل آهي، مگر شاه ۾ اهڙو ذڪر ڪو ڇڙو ليندو. شاه جو طريقو هر طرح نئون آهي، ۽ سنڌ جي حالتن تي پورو. سندس اشارا ۽ استعارا، ڪنايا ۽ تشبيهون، مڪاني حالتن جي مطابق آهن.

يوناني ڏندڪٿائن ۾ عشق کي هڪ نهايت سهڻي مگر انڌي جوان جي تصوير ڏني اٿن. سندس هٿ ۾ تيرڪمان آهي. جنهن جي سيني تي تير هڻي ٿو، تنهن جي دل ۾ عشق جو وِڻاءُ ٿيو پوي، پوءِ پل تہ معشوق ڪير بہ هجي. عشق هڪ عجب اسرار آهي، جنهن جو ذات پات سان واسطو نہ آهي. سنسڪرت ڪاوِيَنِ ۾ 'مَدَنَ' جي مورت بہ اهڙي ئي ڪڍي اٿن، مگر تفاوت رکو هيءُ تہ هو 'اننگ' يعني بي جسم روح آهي. چام تماچيءَ جهڙو هاڪارو حاڪم، هڪ ڪِڪيءَ هاڻيءَ مهاڻيءَ جي عشق جي چنبي ۾ گرفتار ٿي، سندس غلام بنجي، ڪيس پنهنجي پٽَ - راڻي ڪري ٿو. نُوريءَ جي صديقي پنهنجو گيرب ۽ گاءُ ڦٽو ڪري، پاڻ کي سندس پد تي آڻي ٿو.

ڪو جو ڪامَڻُ مي، آهي اکَڙيُ ۾
تَنُ تماچِيَ چامَ جو، نايو پايو ني
عِشقُ اِيَ ڪري، جن چارو چامَ ڪلي ڪئو.

سر 'ڪاموڏ' سارو عشق جي عيش و عشرت بوس و ڪِنار، ناز و نياز ۽ وصل جي ميٺ ۽ مزي سان پريل آهي. شاه اهو سڄو واقعو نهايت نزاڪت سان بيان ڪيو آهي.

هيٺ جَرُ مَٿي مجَرُ، پاسي ۾ وتَراه
اچي وچي وچ ۾، تماچِي جي ساءَ
لڳي اُتَرَ واءَ، ڪِنجهرُ هندورو ٿيئي.

نج مجازي عاشقاني شعر کان سواء، ٻئي هڪڙي قسم جو شعر جو شاه ڳايو آهي، سو مجازي بہ آهي، حقيقي بہ آهي؛ ٻنهي جو وچ آهي. انهيءَ شعر کي جيڪر تمثيلي شعر ڪري ڇئجي. سندس اڏاوت جو مکيہ بنياد آهن عشقي


Scanned by CamScanner

قصا ۽ ڪهاڻيون، جي عام ماڻهن ۾ مروج آهن. اهو نمونو جلال الدين روميءَ به اختيار ڪيو آهي. پر شاهه ۽ روميءَ جي وچ ۾ هي تفاوت آهي، جو رومي سڄي آکاڻي منڍ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين ڪٿندو، لاڏندو، لمندو، بيهندو، اندروني مطلب ۽ معنائون ڪڍندو، وچيو توڙ ڪي پهچي؛ ۽ ڪڏهين ڪڏهين ته آکاڻيءَ ۾ آکاڻي اٿيو وڃي، جنهن ڪري البت مونجهارو ٿيو پوي. پر شاهه جو طريقو علحدو آهي. آکاڻي سڄي ڪٿي به ڪانه ٿو ڪٿي، فقط ڪي دلچسپ واقعا يا حالتون نقش ٿو ڪري؛ ۽ ائين سمجهي ٿو ته آکاڻي سندس پڙهندڙن کي اڳيئي معلوم آهي. شاهه جو نمونو به مشهور انگريزي شاعر شيڪسپيئر وانگي ناٽڪ جهڙو اهي. هي هڪ نئون نمونو آهي، جو سنڌ جي ٻئي ڪنهن به شاعر استعمال ۾ نه آندو آهي. انهيءَ شعر ۾ شاهه جي شعور جون ڪُل خوبيون نکري نروار ٿين ٿيون. شعر جون سڀيئي وصفون، جهڙوڪ واقع نگاري، قدرتي ۽ انساني حسن جي تصوير، سيرت نگاري، خيالي قوت، عبارت، صنايع بدايع وغيره. هتي جهڙيءَ ڪماليت کي رسيون آهن، تهڙو ٻئي ڪنهن به هنڌ نه. اهڙو پختو ۽ سهڻو شعر پنجن سرن ۾ چيو اٿس؛ سر 'سهڻيءَ' سر 'سَسئيءَ'، سر 'مومل راڻي'، سر 'ليلا چنيسر'، ۽ سر 'ماروئيءَ' ۾. انهن سرن ۾ واقعن جي تصوير اهڙن موزون ۽ مناسب اکرن ۾، چٽائيءَ ۽ صفائيءَ سان ڪئي اٿس، ۽ انسان جي اندر جا طرح طرح جا پور ۽ جذبا اهڙيءَ سچائيءَ سان ورنن ڪيا اٿس، جو پڙهندڙ جي دل هڪدم چڪجيو وڃي. جيتوڻيڪ انهن قصن ۾ آيل سورما ۽ سورميون پاڻ اکين سان نه ڏٺيون هئائين، تڏهين به انهن کي پنهنجي خيالي قوت جي وسيلي، اهڙو جيئرو جاڳندو بنايو اٿس، جو پڙهندڙ ائين پيو ڀانئي ته جڻ پاڻ کين روبرو ويٺو ڏسي ۽ ساڻن ڳالهائي ٻولهائي. جيتوڻيڪ شاهه سهڻيءَ کي درياهه ۾ ٻڏندو ۽ لهرن ۾ لڙهندو، پنهنجي جسماني اکين سان هرگز نه ڏٺو هو، پر تڏهين به ڏسو ته ڪهڙو نه واقعي بيان ڪيو اٿس؛

گهڙي گهڙو هَٿ ڪري، الاهي ٿُهار
جِنگهه جَرڪي واتَ ۾، سِسِي کي سِنسارَ
چُوڙا، ڀِيڙا چڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙيس وارَ
لکين چُهٽيس لوهٽيون، ٽيليون ٽڙَ نئون ڏارَ
مڙيا مَڇَ هزارَ، ڀاڱا ٽيندي سوهِڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

پنيوران ٻاهر نڪري، جهنگل جهاڳيندي، وڻَ وِلاڙيندي، ٽَڪرَ ٽاڪيندي، مِرَن سان اوريندي، واري وسائيندي، ورلاپ ڪندي، پنهل جو پير کڻندي، هيڪلائي هاڙهي ڏي هلي ٿي. پڙهندڙ ائين پيو ڀانئين تہ هر حال ۾ هر منزل ۾ سسئيءَ سان ساٿي آهي.

ڏُکيَ سنديون ڏُنگرين، پَسو پٿُون پونَ
مُٺي پڇاڻا مُنڌَ کي، روجهہَ رُڄن ۾ رونَ
پُٺا اِيهين چونِ، تہ مُئيَ آسان کي ماريو.

سيرت نگاريءَ ۾ پڻ بي مثل آهي. جيتوڻيڪ سندس سُورميون سچيون عاشقاڻيون آهن، تڏهن بہ هر هڪ جي سيرت ۽ چال نرالي نرالي آهي. سهڻي آرپار سهڻي آهي. سندس عشق بي انتها آهي، سندس سِڪ ۽ سُور جو سَنڌو نہ آهي. تن ۾ سدائين پرينءَ جي تؤنس اٿس. ڪامي ۽ ڪچي، لڄي ۽ لوچي پيئي. سندس عشق جي آساٽ درياهن کي بہ درهم ڪيو ڇڏي.

سَهسين سائرَ ٻوڙيُون، منڌ ٻوڙيو مِهراڻُ
وَہَ وجايو ڀاڻُ، هَٿِي ڪَنڌُ ڪِپَنِ سين.

سسئي پڻ سچي عاشقياڻي آهي. مگر ڪڏهين ڪڏهين سندس دل ۾ اهي خيال بہ اٿن ٿا تہ ناحق عشق ۾ پاڻ اڙايم:

رَتيَ جي رِهاڻِ، جيُ اَڙايُم جيڏيُون.

ڪڏهين ڪڏهين خودي بہ ڏيکاري ٿي، ۽ پنهنجي دوست کان ڏار ڪندڙن تي ڪاوڙ ۽ غصو ڇنڊي ٿي.

ڀايَم جي سَرواڻَ، ڇُلائيندَمِ ڇَپَرين
ڪايَم هُندَ ٻِلاڻَ، اُتَ گَڏايَمِ اُن جا.

ڪڏهين ڪڏهين پڇتائي ٿي تہ پرديسي پرينءَ سان جو پريت پاتيم، ۽ چوي ٿي:

ديسيِ سيڻ ڪِجَنَ، پَرَديسيِ ڪِهڙا پِرينِ.

ڪڏهين تہ ڏکن ڏاکڙن ۽ ڏولائن ڪري اهڙو ڪڪ ٿئي ٿي، جو اچانڪ سندس وات مان نڪري وڃي ٿو تہ:

ڪوءِ هاڙو، ٻَنِ هوتُ، ڪوءِ پُنهو، ٻَنِ پريَتَنُو
مادَرِ مون موتُ، پَسَڻا ٻِرائيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

پر آخر ۾ خود انهن خيالن ۽ خطرن کي ٺي ڪه وجهي، سر جو سانگو لاهي، پنهونءَ جي پارَ ڏي ڪاهي پوي ٿي. سڀ مشڪلاتون خوشيءَ سان برسر ڪري ٿي، ۽ اهڙي ثابت قدم رهي ٿي، جو نيٺ پنهونءَ جي پير تي پٽون ٿئي ٿي.

مِرُون ڪِينمِ ماسُ، تہ پِيي هَڏَ هلندمِ هوت ڏي.

مومل راجڪماري آهي. سندس شڪل شبيه، هلت چلت ۽ ويس ورن شاهاڻو آهي. سندس سونهن لاثاني آهي. پنهنجي اکين جي الماس سان ڪيترائي پنڊت، پير، مير ۽ فقير گهائي وڌا اٿس. نهايت چتر ۽ چالاڪ، مغرور ۽ بي پرواهه آهي. ڪنهن جي عشق جي ڦيندي ۾ ڦاسڻ جي نہ آهي. گهڻيئي راول سندس سونهن جي سرهاڻ تي ڀوُنرن جيان ڀنيولجي تي آيا، مگر سوڍيءَ سيني کي سِجهائي تي وڌو.

ڳُجَرِ ڪي ڳجميلَ جيوُن، تارَن ۾ تَبَرَوُن
هٿي حاڪمِيَنِ ڪي، زورَ پَرِيُون زَبَروُن
ڪاڪ ڪنڌيِ ڦَبَرون، پَسو پَرَ ڏيهِيَنِ جيوُن.

اهڙي نہ آهي، جو ڪنهن جي ٻاهرئن ڏيک ويک يا شان شوڪت تي موهجي وڃي. چترائيءَ ۽ چالاڪيءَ، ذهن ۽ ذڪاءَ جي ڪهوري آهي. جڏهين راڻي کي سياڻپ ۽ دانائي ۾ پاڻ کان سرس ڏسي ٿي، ان لاءِ سندس اندر ۾ ازخود عزت جاڳي ٿي، جا عزت منجهيو اونهو عشق ٿيو پوي.

ڳُجَرِ گهٽا گهائيا، پاٽا لَڳس گهاءُ
مَنڌَرِي مُلاءُ، لڳس ڪانُ ڪَپارَ ۾.

انهيءَ نينهن اُتپن ٿيڻ بعد، اگرچہ راڻو غلط فهميءَ وچان ساڻس رُسي وڃي ٿو، ۽ ڏوهُ مڙوئي سندس آهي؛ تڏهن بہ مومل ماڙيون ۽ محلات ڦٽا ڪري، سندس تات طلب ۾، ڪاڪ جا ڪانگ اُڏائي ٿي، ۽ جوڳڻ بنجي در در ڀِيڪ ڪري ٿي.

حالُ قربانُ، مالُ قربانُ، ڪهوريان لُڌاڻو
فدا ٿِي فَقيرِ جو رُسِي مَ راڻو
مِينِ سِينِ ماڻو، مناسِبُ نہ مَنڌَرا.

ليلا بہ راجڪماري آهي، مگر عقل ۽ سمجهہ ۾ مومل جي اَبتڙ آهي. اول ۾ چاڳلي ۽ چلولي آهي. مٿين ۽ موتين، هار ۽ سينگار، سينڌ ۽ سُرمي سان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

’عمر مارئيءَ‘ کان سواءِ متي ڄاڻايل قصن جي پڇاڙي تعزيہ جهڙي آهي، يعني عاشق پنهنجي مقصد کي مرڻ بنا حاصل نٿو ڪري. مارئي بہ ذري گهٽ موت جي ڪناري تي آهي. مطلب تہ جيستائين عاشق جيئرو آهي، ۽ پنهنجي پاڻَ جي ڄاڻَ اٿس، تيستائين ڏک ۽ ڏاکڙا، محنتون ۽ ڪشالا ڪڍڻا پونس ٿا. پر جڏهين پاڻ ماري فنا ٿئي ٿو، تڏهين ئي وصال جو ورق وري پويس ٿو. انهن سيني قصن مان شاه نيٺ وڃيو ساڳيو مطلب ڪڍي؛ ۽ ورَ ڏيئي حقيقي عشق سان لڳائي، صوفياني مول متي ”مُوتُوا قَبلَ اَن تَمُوتوا“. يعني ”مرڻ کان اڳي مَرو“ کي ثابت ڪري ٿو.

مَرَڻا اَ ڳي جي مُئا، سي مَري ٿيا نہ ماتِ
هوُندا سي حياتِ، جِيَڻا اڳي جي جِئا.

سر ’سورٺ‘ ۾ شاه حقيقي عشق جي آٽيو ڇيهہ ڪري. سهڻي ۽ سسئي، مومل ۽ مارئي جڏهين عِشق ۾ جيءَ اڙائين ٿيوَن، تڏهين ڪين ڪا اهڙي مثال (سڌ)ڪانهي، تہ ڪو طرحين طرحين جون تڪليفون ۽ مصيبتون سهٽيون پونديونِ؛ ۽ جڏهن اهي تڪليفون ۽ مصيبتون برسر ڪن ٿيوَن، تڏهين بہ اها خبر نہ اٿن تہ ڪو فراق ۾ ئي موت نصيب ٿيندنِ. اُميد ۽ آسري تي توڙ تائين پيئيون تڪڻ. پر راءِ ڏياچ ڄاڻي ٻجهي، دل و جان، رضا ۽ خوشيءَ سان حق جي رستي ۾ پنهنجو سر فدا ڪري ٿو. اهڙيءَ نشڪام ۽ لاطمع قربانيءَ ۾ سالڪ جي اعليٰ سعادتمندي آهي. هو پنهنجي حقيقي محبوب يعني مرشد ڪامل جي فقط اشاري تي تن، من ۽ ڌن نثار ڪري ٿو.

سَوءِ سِرَن پائي، جي تَند برابر توريان
اُتَلَ اوڏاهين تيي، جيڏاه بِيجَلُ ٻُرائي
سَڪٽون هَڏ آهي، سِرَ ۾ سَجَڻُ ناه ڪين.

حقيقي عشق ڪا سٿري ڳالهہ نہ آهي. سندس پهريون ئي پهريون شرط آهي، جان، جُسي ۽ جيءَ جي هيڪاند پڇڻ. سورَي عاشق جو سينگار آهي، مَرَڻُ ۽ مونڻ سندس لاءِ مِٺو آهي. الله ڪارڻ پنهنجو لِڱَ ۽ لَحم وڍڻ سندس مرڪ آهي. عاشق جو ڪم آهي پنهنجو سورَ سڪائون ڪري بہ سانڍڻ.

سپيريان جي سورَ جو ماڙُهن ڏجي نہ مَنجهہ.

عاشق کي گهرجي تہ سختين ۽ مصيبتن ۾ سَترو رهي، واڙيءَ ڦل جيان پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

وِهسي. هيءَ ته هڪڙي سسي اٿس، پر جي ڪٽي سَوَ سِسيون هجنس، ته به دوست جي هڪ دَمَ برابر به نه آهن.

مُلِ مَهنگو قَطرو، سڪَڻُ شهادَتَ
آسان عبادَتَ، نَظر نازُ پِرِيَنِ جو.

پرينءَ جي پارَ جي مڙيئي مٺائي آهي، ۽ ظاهري مدائيءَ ۾ عاشق جي ڀلائي آهي. انهن سختين جي رستي ئي عاشق پنهنجو پاڻُ فنا ڪري، اندر ۾ معشوق جو آستان بنائي سگهي ٿو.

جمله معشوق، ست و عاشق پردهُ - زندهء معشوق است و عاشق مردهُ.

اهڙيءَ حالت ۾ معشوق، خود عاشق جو عاشقَ بنجيو پوي، يعني جڏهن عاشق پاڻ ک شهيد ڪري معشوق جو لائق ڪري ٿو، تڏهين معشوق کي به سندس تات طلب ٿئي ٿي. جيڪڏهن اَجايلَ پاڻيءَ جا ڳولائو آهن، ته پاڻي به اَجايلن جو ڳولائو آهي.

تو جَنين جي تات، تَنِ پُڻِ آهي تُهجي
فَاذ ڪُرُوني اَذ ڪُرَ ڪُمِ اِيَ پَروڙج باتِ
هَتِ ڪاتِي، ڳَڙ واتِ، پُڄَڻ پَرِ پِرِيَنِ جي.

حقيقي عشق صوفين جو مول مقصد آهي ۽ شاهه انهيءَ تند کي گهڻو تاڻيو آهي. وڌيڪ تفصيل تصوف جي بيان ۾ ڪيو ويو آهي.

قدرت جا نرمل نظارا، جبلن ۽ ماٿرين جي سانت ۽ ايڪانت، شاهه جي جان لاءِ اهڙيون ضروري هيون، جهڙي سحر ۽ صاف هوا اِنسان جي ڦڦڙن لاءِ، يا جڻن پاڻي مڇيءَ لاءِ. سندس مشاهدي جي قوت نهايت سگهاري هئي، ۽ پنهنجا تجربا بلڪل وٺندڙ ۽ دلچسپ لفظن ۾ بيان ڪيا اٿس. رسالي ۾ ڍنڍن ۽ ڍورن، ندين ۽ نهرن، برن ۽ بحرن، ٽَڪرن ۽ ٿَرن جو هرهنڌ ذڪر ڪيل آهي. سر 'سارنگ' ۾ برسات جو دلڪش بيان ڏنو اٿس، ۽ سر 'مارئيءَ' ۾ ٿر ملڪ جو سربستو احوال ڪيو اٿس، ۽ سر 'سراڳ' ۽ 'ساموندڙيءَ' ۾ وري درياءَ ۽ سمنڊ جا عجيب نقش ڪڍيا اٿس. انهيءَ طبيعي شعر ۾ شاهه جي شاعرانِي قوت ۽ خوبي اعليٰ درجي جي آهي.

جڏهين ڪو طبيعي نظارو بيان ڪري ٿو، تڏهين گهٽي اينگهه نٽو ڪري، رڳو هڪ به مکيه وصفون، نهايت صفائيءَ سان نقش ڪري ٿو؛ ۽ پوءِ


Scanned by CamScanner

يڪدم وڃيو انهن جي اندروني ڳجهارت ڏي اشارو ڪري، ۽ اِنسان جي حال سان لڳائي. ڪن ڪن شاعرن جي عادت ٿيندي آهي، جو ڪنهن ڳالهه کي ڪٿندا آهن ته ان کي پڇاڙي رکندا آهن، ۽ طرحين طرحين جي وهمي رنگن ۽ روپن سان ٿڦيندا اٿس؛ ۽ پنهنجي دل جون معنائون ۽ مطلب پيا ڪڍندا آهن. پر شاه قدرت جي جدا جدا نظارن جي هوبهو تصوير ڏئي ٿو، ۽ انهن ۾ ڪَابہ اجائي رنگيني ۽ گلڪاري نٿو ڳڏي. ڏسو ته بادل جي برڪا، وِڄن جا چمڪا، رعد جي رڙ، پَلرَ جي پالوٽ، ڪهڙن نہ مختصر، مگر مائيدار لفظن ۾ بيان ڪئي اٿس:

اَڄُ رَسيلا رنگَ، بادلَ ڪَڍِيا برجَنِ سين
سازَ، سارنگيون، سُرندا، وڄائي برجَنگَ
صراحيون سارِنگَ، پلٽيون رات پَيامَ تي.

بادل جي رِمِ جهِم، تاڙي جي تنوار، ۽ پَپيهي جي 'پاڪَهان' يڪدم شاعر جي مَن ۾ وَرَنِ ڪان وڇڙيل واندين جو خيال پيدا ڪري ٿي.

کُٽڪَنِ ڪاندُ چِت ڪئو، جهڙُ پَسيو جهجهَنِ
وَرَ ري واندين آڏنَا، پَکا سي مَ پُسَنِ
اُترُ ڏاه اُن جا تہ ڪه کي ڪارُون ڪَنِ
وارثُ وَرِي تَنِ، اَچي شال اولو ڪري.

مشهور سنسڪرت شاعر ڪاليداس پنهنجي ڪاوِيہ 'ميگهہَ دُوت' ('ڪڪرن جو قاصد') ۾ برسات جو بيان ڪندي ساڳيو ئي خيال ظاهر ڪيو آهي:

"جڏهن سکي اِنسانَ جي دل بہ جهڙَ ڏِسي جهڄيو پوي، تڏهن ويچار ڪريو تہ اُنهيءَ شخص جو ڪهڙو حال هوندو، جو پرينءَ سان ڳِلُ لڳي ڳالهين ڪرڻ جو ڳولائو آهي، مگر ڏوُر ڏيهہ ۾ آهي."

درياه جا ڏوُر ڏسي شاعر جي دل تي دهشت ٿئي ٿي، ۽ اهو نظارو بيان ڪندي ڪيس ڳڻتي وٺي ٿي، تہ ويچارا وڻجارا جي الله جي آسري، ٻيڙين ۾ وکر وجهي، ڏورانهن ڏيهن ڏي ويا آهن، تن جي جان ۽ مال کي شلَ جوکو نہ ٿئي.

ڪوُها ڪالَ ڪَٽِي، اُن وڏا اُترَ آسري
الا جهري مَ اُن جي، اَولَي جي اٿي
وڻجارَنِ وَٽِي، وکَرُ وِڏو ٻيڙيين.


Scanned by CamScanner

نفرت سان نهارين ٿيون، ۽ ڪين چون ٿيون:

يَڄي آيين پڇٽا، لڄايِيءِ مون يارَ
ويٺيون ڪَنِ ڪُوارَ، مُڏَ مَتاها جَن جا.

پر جيڪي بهادر آهن، ۽ سر فدا ڪرڻ کان نٽا ڪسن، تن جي زالن لاءِ به فخر جي ڳالهه آهي، ڪئين نه اهي دلاور زالون پنهنجي مانجهي مردن کي همٿائين ٿيون:

مَرُ مَرِين آءُ رُوئين، موٽي ڪانڌَ مَ آءُ
مَيُڻ تو پُٺاءُ، ڪَچا ڪَنمِ جيڏِيُون.

دنيا گذرگاه آهي. مڙس اهو جو ڏَرمَ ڀَڏِ، يعني غزا ۾ لڙي سر ڏئي. اڳي پوءِ نيٺ مرڻو آهي، تنهن ڪري ڇو نه فرض ادائي ڪندي ساهه ڏجي.

گهوڙَن ۽ گهوٽنِ جيَڻُ ٿورا ڏِيَهڙا
ڪڏهِ منجهه ڪوٽنِ، ڪڏهِ واهِي رڻ جا.

مطلب ته سڄي سُر ۾ لڙائيءَ، مردانگيءَ، شجاعت ۽ فرض ادائيءَ جا بلڪل چٽا، دردانگيز ۽ دلسوز بيان آهن. لفظن جي ڪثرت، تشبيهن ۽ استعارن جي نزاڪت، جدت ۽ جوش جهلڪو ڏيئي رهيا آهن. ڪن ڪن بيتن ۾ 'مرثيي' جي لغار لڳل آهي. انهن ۾ جا دلسوزي ۽ رقت رچيل آهي، سا پٿر کي به پاڻي ڪيو ڇڏي. سنڌ ڏيهه ۾ 'مرثيا' گهڻئي چيا آهن، جهڙوڪ سيد ثابت علي شاهه، مگر شاهه جو ڪلام انهيءَ باري ۾ جيتوڻيڪ ٿورو آهي، ته به بي مثل آهي.

مديحي شعر لکڻ جو رواج مشرق ۾ ايامن کان جاري هو. اهڙي شعر کي عربستان ۾ 'قصيدو' ڪري چوندا هئا، ۽ اصل پيدائش به اتي جي آهي. عرب انهيءَ قسم جي شعر ۾ ڪماليت کي وڃي رسيا هئا. 'قصيدي' جو مضمون اڪثر ڪري ڪنهن امير يا حاڪم جي تعريف هوندي هئي، ۽ شاعر کي اهڙي مدح لکڻ جي عيوض انعام اڪرام ملڻ جي تمنا هوندي هئي. انهيءَ لالچ تي ڪيترن نالائق ۽ ڪميڻن ماڻهن جي پڻ ساراهه، نهايت رنگين عبارت ۾ ڪئي ويندي هئي. شاهه پڻ انهيءَ شعر ۾ پنهنجي طبع آزمائي ڪئي آهي. مگر ڪنهن لالچ جي. ڇاڪاڻ ته سندس ممدوحن مان ڪوبه حيات نه هو. فقط سندن چڱين خصلتن ۽ سخاوت جون ساکون ڳڌيون هئائين، جنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

ڪري ٿي، ۽ نہ ڪنهن خود غرضيءَ ڪري، انهن کي پنهنجي ڪلام جي وسيلي هميشه لاءِ زندي رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. اگرچہ اهو شعر گهٽو ڪونہ چيو اٿس. تہ بہ جيڪو چيو اٿس، تنهن مان سندس خيال جي ڳوڙهائي، لفظن جي پختگي ۽ عبارت جي نزاڪت خوب ظاهر آهي. سر 'سارنگ' ۾ نبيءَ سڳوري جي نعت نهايت چيدن لفظن ۾ چئي اٿس؛

اڳيان ميگهہ مَلار، صورتَ تُهجي سَڀُ جَڳُ موهيو.
سجدو فيلَ في الحالِ ڪئو، پَسي مُطلب نورُ نراڙَ
ڄاپَڻِ وقت ڄامَ جي، ڪرئا ڪوٽَ ڪُفارَ
اَگي آسمانَنِ جو، توکي ڪَاريو سيرُ سَتارَ
وَلَسَوفَ يُعطيڪَ رَبُّڪَ، توسين قادرَ ڪئا قرارَ
قادرَ پاڻَ قَسَمُ ڪئو، خاڪ قَدَمن جو ڪَلتارَ
آهين ڪرمَ ڪريمَ جا، اَحمَدَ ساڻُ اَپارَ
اُڪَنڊئا جي ابرَ ڪي، سَرَها ٿئا سَنگهارَ
موڪَلَ ٿِيي ميهَنِ ڪي، دوست هٿا دلدارَ.

سر 'بلاول' ۾ سنڌ جي اڳاڻن سخي حاڪمن، ڄام ڄکري، راهوءَ، ابڙي، سمي وغيره جي سنجيدي ساراه ڪئي اٿس. ڏسو تہ ڄام ڄکري جو سياءُ کهڙن نہ جامع لفظن ۾ ظاهر ڪيو اٿس؛

ڏمرئو تہ ڏي، پَرچِيُ و تہ پاڻَ پَري
جُنگَ ڄکري کي،ٻِئي ڇگيون ڇتَ ۾.

سر 'پرڀاتي' ۾ وري لس ٻيلي جي مشهور رحمدل حاڪم سپڙ سخيءَ جي واکاڻ ڪئي اٿس. سپڙ سخي هڪ اعليٰ درجي جو انسان هو، ۽ سوالي خالي نہ موٽائيندو هو. شاه انهيءَ وصف کي نهايت سهڻي نموني ۾ بيان ڪيو آهي؛

ڏاتارُ تہ تون، ٻئا مڙئي مَڱڻا
ميہَ مُدائت ا وسڻا، سَدا وسين تون
جي گهَرِ اَچين مون، تہ ميربائي مانُ لَهان.

شاه پنهنجي شعر ۾ هميشه مان ۽ شان سان نظر اچي ٿو. مٿس ڪنهن بہ قسم جي هلڪڙائي يا اجائي مسخري ڪانهي. حافظ ڪڏهين ڪفر تو بڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

ڪڏهين موالين جيان لاتيون پيو ڪري، ۽ ڪڏهين ملن ۽ مولوين تي خندو ٿو ڪري، پر شاه هميشه ڳورو ۽ گنڀير رهي ٿو. ڪيس هميشه اهو خيال هوندو هو تہ سندس ڪر آهي ماڻهن کي پنهنجي شعر جي وسيلي اوچي درجي تي آڻڻ. انهيءَ ڪري ظريفانو شعر گهٽ چيو اٿس. سر 'بلاول' جي چوٿين فصل ۾ البت خوش مزاجي ڏيکاري اٿس. پنهنجي هڪ فقير و ڳنڊ سان طرحين طرحين جا چرچا ڪهيا ڪيا اٿس. انهيءَ شعر ۾ بہ ڪنهن جي تقليد نہ ڪئي اٿس، مگر پنهنجو نئون نمونو اختيار ڪيو اٿس. مثال طور هڪ ٻہ بيت ڏجي ٿو:

آسُورَ سندو آسرو، و ڳنڊ کي وڏو
جُسي ۾ جڏو، پر ڪِنَڻَ تي ڪُرا ڪٽي.

ٻاندو ٻيلي نہ ٿئو وارو اَڄُ ويو
ٻِيڙُ ٻَنڊِ ٻئو، سونُهاري سَيدَ ڏي.

مضمون جي لياقت کان سواء شاه جي شعر جي عبارت اڪثر ڪري هڪجهڙائي آهي. منجهس ڪنهن قسم جي پيچيدگي يا ابهام ڪونهي. ساري رسالي ۾ ابهام جا ڪي ٻہ ٽي مثال مس ملي سگهندا. مگر اهي بہ اهڙا آهن، جو آسانيءَ سان سمجهي سگهجن ٿا. مثلاً:

جا هڙَ اَندر جِيءَ، ساهڙَ ڏني ساهَ کي
سا هَڙَ ڇُڙي نہ ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ ريءَ
ساهَڙُ ميڙِ سَميعَ، تہ ساهَڙَ ڇُڙي ساهَ جي.

وَرَ ۾ ڪونه وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وڏو ڪيو.

اگرچہ شاه عربيءَ ۽ پارسيءَ جو ماهر هو، تڏهين بہ نج سنڌي لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪيا اٿس، جن جو وٽس اَکٽ خزانو هو. اها وصف سندس ساريءَ حياتيءَ ۽ هلت چلت جي موافق آهي. جڻ تہ هو نهايت وطن دوست هو. انهيءَ حب الوطنيءَ جا مثال، رسالي ۾ گهڻا موجود آهن. سندس دل ۾ هميشہ سنڌ ۽ سنڌ جي شين لاءِ بيحد پيار هوندو هو. ڏسو تہ جڏهن سر سارنگ' ۾ برسات جو بي نظير بيان ڪندو پيو وڃي، تڏهين ڪئن نہ پهريائين پهريئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

پنهنجي ديس جو خيال پويس ٿو،

سايَمِ سدائين ڪرين، مَٿي سندُ سُڪارَ
دوستَ تون دلدارَ عالم سڀُ آبادُ ڪرين.

نہ فقط نج سنڌي اکر ڪم آندا اٿس، پر استعارا ۽ تشبيهون بہ اهڙيون ساديون ۽ سليس آهن، جو عامين ۾ عامي ماڻهو بہ سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. سندس معلومات ۽ تجربو ايتري قدر ڪشادو هو، جو اهڙي ڪا صنعت يا فن نہ آهي، جنهن جي اصطلاحن سان پنهنجو ڪلام نہ سينگاريو اٿس. ويجن، خلاصين، مهاڻن، ماڇين، لهارن، واڍن، ڪڙمين، ڪنيرن، ڪورين، ڪاساين، ساڍن، فقيرن وغيره جو روزمره جي عبارتن ۽ اصطلاحن کان پليءَ پَتِ واقف هو، ۽ انهن کي نهايت خوبيءَ سان پنهنجي شعر ۾ درج ڪيو اٿس. جمادات، نباتات ۽ حيوانات جي طرحين طرحين نالن ۽ وصفن جو چڱو مايو هوس. ڳائي جي علم ڏانهن پڻ اشارا ڪيا اٿس. زناني عالم جي وات ۾، جي لفظ اڪثر ڪري هوندا آهن، سي پڻ نهايت نزاڪت سان ڪتب آندا اٿس، جهڙوڪ، 'مُنِي'، 'آئِي'، 'ٻَڙِي' 'هارِي' 'مُئِي'، 'مارِي' وغير، هر شيءِ کي اڪيچار نالن سان سڏيو اٿس. مثلاً اٺ کي 'چانگو'، 'توڏو'، 'ڳونرو'، 'ڏاگهو' وغيره، ۽ تير کي 'ٻاڻ'، 'ڪانُ'، 'تنگر'، 'سِيلو'، 'پِيلو'، 'لورِي' وغيره.

انسان جي دل کي 'نِهائِيءَ' سان مشابهت ڏني ٿو. جيڪڏهين نهائين برابر ڏڪيل نہ هوندي، ۽ منجهائنس ٻاڦ ٻاهر پيئي نڪرندي تہ رڃ بربار پچي نہ سگهندا. اهڙيءَ طرح، جيڪڏهين عشق جي آهہ. عام کي سلبي تہ عشق ڪچو ٿي رهندو.

نِيهائِيءَ ڪان نيهُ، سِکُ مُهجا سُپرين
سڙي سارو ڏيهُ، ٻهرِ ٻاڦَ نہ نڪري.

عشق جي بيحد سورن کي 'ٻاڙَ ٻڌي نارَ' سان پيٽ ڪري ٿو. جڏهين پاڻي پَڙهاڏي ۾ ڦَرهين پوڙو ٿيندو آهي، تڏهين مالهہ کي ڦرهين سان ٻڌي ڇڏيندا آهن، جنهن ڪري نار نهايت هلڪو ٿي پوندو آهي، ۽ پاڻي جهجهو ڪڍندو آهي

سُورَن سانگهارو، ڪڏهہ تان ڪونہ ڪيو
آيَلِ اوپارو ٻاڙَ ٻَڌو ٻوڙَ وَهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

عاشق کي پرينء جا گوندر ۽ غم ’ولين‘ جيان وکوڙي ٿا وجن، ۽ هو دنيا ۾ ’هرڻ‘ يا ’هماء‘ وانگي سرگردان آهي، سندس درد واري دانهن ’کوئل‘ جي ’کوڪ‘، ’چتونء‘ جي ’چانگهار‘ ۽ ’ڪونج‘ جي ’ڪرڪي‘ جهڙي آهي. عشق ’وسيهر‘ نانگ آهي. نينهن ’سيپاٽي‘ ۽ ’شينهن‘ جنهن کڏهين ڏاپڻ جو نہ آهي. معشوق ’آسمان‘ مثل عاشق کان دور آهي، سندس ترَ ۽ تِروڪڙيون ’تارن‘ جهڙيون آهن، ۽ سندس اکيون ’الماس‘ يا ’انبوريء‘ جهڙيون.

گجگوڙ جو آواز ’منڊل‘ ۽ ’مردنگ‘ جهڙو آهي. انڊلٺ جا رنگ ’چُنِيء‘ جي ’چِڻ‘ جهڙا آهن. خوفناڪ جبل ۽ ٽَڪَرَ ’هيبتَ جا هاٿي‘ آهن. مرشد ڪامل ’باز‘ يا ’هماء‘ جهڙو اعليٰ همت آهي، جو هن ڌرتيء کان مٿي پرواز ڪري ٿو، مگر نوڪي گرو هڪ ’ڳجهہ‘ وانگر آهي، جا ڏونڊ جي عاشق آهي. سچو سالڪ ’هنجَ‘ مثل آهي، جو پاتال مان پڻون ڳولي ڪڍي ٿو، ۽ ڪُوڙو فقير ’ڪنگ‘ مِثل آهي جو ڪني ڍَبي مان مڇيون ماري ٿو. اهڙا انيڪ مثال ملي سگهندا.

مطلب تہ مٿي جاٿايل خوبين ڪري، شاه جو ڪلام ڳهڙجي، ماڻهن جي دلين ۽ حياتيء سان هڪ ٿي ويو آهي، ۽ سندس ڪيترا بيت عام جام پهاڪن طور ڪتب اَچن ٿا. جا ئي وڏي ثابتي آهي سندس بزرگيء ۽ ڪماليت جي. جڻن چنڊ جي ڪشش ڪري وير چڙهندي آهي، ۽ آسپاس وارن وارياسن مڪانن تي، مهراڻ جا موتي اُڇليندي آهي، تئن شاه عبداللطيف جي شاعراڻي طبع ٻہ اِلهام جي اثر هيٺ موج ۾ اچي، هن دنيا جي ويراني تي چولون ماري، اَمل ماڻِڪن جي اوتَ ڪئي آهي.

موج چون بر اوج شد آن بحرِ زخار از شرف
لؤلؤي منظوم بر ساحل فگند از هر طرف.

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

# فصل ۷

# شاه جو نظم

شعر ۽ نظم - شاه وزن جي گھٽي دقت نہ ورتي آهي - هندستاني دوهو - دوهي جي بناوت - سنڌي دوها - شاه جو طريقو - تجنيس حرفي - هندستاني راڳ ۽ راڳڻيون.

فصل پنجين ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ شعر ڇا آهي، ۽ پڻ اشارو ڪيو ويو آهي، تہ وزن ۽ قافيو شعر جا ضروري شرط آهن. علم عروض جي عالمن موجب شعر جون حدون، لفظن اندر ئي مقرر هئڻ گهرجن. انهيءَ حالت ۾ شعر کي نظم بہ ڪري ڪوٺين ٿا. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي شاعر چئي سگهجي ٿو، اگرچہ سندس نظم تمام سٺو نہ هجي. وري جيڪڏهين ڪنهن ماڻهوءَ جو نظم ڪيترو بہ سٺو هوندو، تہ بہ ان کي شاعر نہ چئي سگهبو. اگرچہ وزن ۽ قافيو، شعر جو حسن ۽ لذت وڌائين ٿا، تڏهين بہ اهي هڪ قالب جي مثل آهن، جنهن ۾ شعر پلٽيو وڃي ٿو. پر نظم ۾ جيستائين شاعراڻو روح نہ هوندو، تيستائين ان کي سچو شعر نہ سڏبو.

شاه عبداللطيف جي ڪلام کي هر طرح شعر چئي سگهجي ٿو؛ مگر منجهس وزن جي گهٽي دقت نہ ورتي ويئي آهي. وزن جي باري ۾ شاه لاءِ بہ رستا کليل هئا؛ يا تہ ڪيس عربي علم عروض جي بحرن موجب، پنهنجي شعر کي نظم ۾ آڻڻو هو؛ يا تہ انهن کي ڇڏي، ديسي طريقو اختيار ڪرڻو هو. اگرچہ پاڻ عربي علم عروض کان چڱيءَ پر واقف هو، مگر جنهن صورت ۾ بحرن ۾ تصنع ۽ تڪلف گهڻو آهي، ۽ سندن پيچيدگيون شعر کي مصنوعي بڻايو وجهن؛ تنهن صورت ۾ عربي علم عروض جو تتبع نہ ڪيائين. جهڙيءَ طرح نج سنڌي لفظن جي استعمال ڪرڻ ۾ پنهنجي حب الوطنيءَ جي شاهدي ڏني اٿس، اهڙيءَ طرح وري پنهجي شعر جي نظم ڪرڻ ۾ بہ، پنهنجي آزاد طبعي ۽ وطني حب ڏيکاري اٿس.

جنهن وقت کان ولي پراڪرت، سنسڪرت کان ڇڇي ڌار ٿي، تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

وقت کان وٺي هندستان ۾ جيڪو شعر چوڻ ۾ ايندو هو، تنهن ۾ سنسڪرت 'ڇند شاستر' جو تتبع نہ ڪيو ويندو هو. مگر هڪ قسم جو رواجي وزن، جنهن کي 'دوهو' يا 'دهرو' ڪري چوندا هئا، تنهن ۾ نظم چوڻ ۾ ايندو هو. مشهور چارڻ چند برداءِ، جنهن اٽڪل سنہ 1200 عيسويءَ ڌاري، راجا پرٿوي راج چوهاڻ جا ڪارناما 'پرٿي راج سَنَ' نالي ڪتاب ۾ نظم ڪيا آهن، تنهن بہ 'دوهو' وزن ڪم آندو آهي، برج ڀاشا ۾ لکيل شعر اڪثر ڪري دوهرن جي صورت ۾ هوندو هو. 'تلسي ڪرت' رامائڻ پڻ انهيءَ وزن ۾ نظم ٿيل آهي. ڪبير ڀڳت ۽ گورونانڪ صاحب جون ٻاڻيون بہ دوهرن ۾ لکيل آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾، شاه کان اڳ ۾ جيڪو شعر چيل هو، سو گهڻو ڪري انهيءَ نموني ۾ هو. شاهہ عبدالڪريم بُلڙيءَ واري ۽ قاضي قاضن جو ڪلام بہ انهيءَ قسم جو آهي.

دوهي جي لفظي معنيٰ آهي 'ٻيڻو'، يعني 'مثنوي'. هرهڪ دوهي ۾ ٻہ ٻہ مصراعون هئڻ گهرجن، جن جي پڇاڙيءَ ۾ ساڳيو قافيو هئڻ گهرجي. هڪ هڪ مصرع ۾ ٻہ پَدَ هئڻ گهرجن. انهن چئن پدن مان پهرئين ۽ ٽئين پد ۾ تيرهن تيرهن ماترائون هئڻ ضروري آهن؛ ۽ باقي ٻئي ۽ چوٿين پد ۾ يارهن يارهن ماترائون. دوهي جي ڪل اٺيتاليهہ ماترائن مان، گهٽ ۾ گهٽ چار ضرور چوٽيون هئڻ گهرجن؛ باقي چوئيتاليهہ ماترائون ڊگهيون هجن يا ڇوٽيون، تہ حرڪت نہ آهي. ماترائن جي جدا جدا تقسيم موجب، دوهري جا ڪيترائي قسم ٺهي سگهن ٿا.

جيتوڻيڪ دوهي لکڻ جي اصلي ترتيب اِها آهي، جا مٿي ڏيکاري ويئي آهي؛ پر تڏهين بہ سنڌي دوهي ۾ هرهڪ شاعر پنهنجي خيال موجب، گهٽ وڌ ماترائون استعمال ڪيون آهن. شاه عبداللطيف انهن دوهرن ۾ ٽئين قسم جي ڦيرگهير ڪئي. هڪڙو تہ اڳين جو دستور هوندو هو، جو اڪثر ڪري دوهري جي ٻئين ۽ چوٿين پد جو قافيو ساڳيو رکندا هئا، مگر شاه ان جي بدران پهرئين ۽ ٽئي، يا ٻئي ۽ ٽئي پد کي قافيو بڻايو. وٺو شاه ڪريم جو هڪ دوهرو:

هيوُن ڏجي حبيبَ کي، لڳَ ڳڏجن لوڪَ
ڳُڏيون ۽ ڪَروتُون، اِي پُڻ سَگَرَ توڪ.

هاڻي هن دوهري ۾، ٻئي ۽ چوٿين پد جي آخر ۾ قافيا 'لوڪ' ۽ 'توڪ'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

آهن. شاه جو نمونو هيئين؍ طور آهي.

سُورِيَ متي سيڻَ، ڪِهڙي ليکي سَنَرا
جليهَ لڳا نيڻَ، تي سُورِيائي سيجَ تِي.

يا

ڪاتِي تِکي مَ ٿِيـي مَرُ مُنِيائي هوء
مانَ وِر مَنِ توء، مون پِريان جا هَنَّرا.

انهي؍ ڦيرگهير ڪري، بتين ۾ وڌيڪ پختگي ۽ لذت پيدا ٿئي ٿي. ٻي وڏي تبديل جا شاه دوهري ۾ ڪئي، سا هي؍ آهي جو بيتن ۾ ٻن مصراعن جي بدران، وڌيڪ مصراعون. وجهڻ لڳو، ويندي نون ۽ ڏهن تائين؛ ۽ پدن ۾ پڻ ماترائن جو هڪ جيترو عدد نه رکيائين. ڪن بيتن جي بناوت اصلوڪي هندستاني دوهي جهڙي آهي، يعني منجهن ٻه مصراعون آهن؛ ۽ پهرئين پد ۾ تيرهن ماترائون آهن، ته ٻئي ۾ يارهن. ڪن بيتن ۾ ته وري هرهڪ پَدَ، ڏهن يا يارهن ماترائن جو ٺهيل آهي. ڪٿي ڪٿي ته هڪ پد ۾ نَوَ ماترائون آهن، ته ٻئي ۾ ڏه يا يارهن. مطلب ته شاه جي آزاد طبع، هن ڳالهه ۾ به ڪنهن جي تقليد نه ڪئي آهي؛ مگر پنهنجو نئون ۽ سهڻو طريقو اختيار ڪيو اٿس.

شاه، هڪڙي ٻي ناپيد صنعت ڪم آندي آهي، جنهن جي ڪري نه فقط علم عروض جي مصنوعي بحرن ۽ ارڪانن جي اُوڻائي ڍڪجيو وڃي ٿي، پر پڙهندڙ جي دل هڪدم ڇڪجيو، رقص ۾ اچيو وڃي. اها خاصيت موزن شعر ۾ به ورلي ملي سگهندي. اها صنعت هي؍ آهي جو تجنيس حرفي نهايت نزاڪت ۽ خوبي؍ سان استعمال ڪئي اٿس؛ ۽ اهڙو ڪو بيت مشڪل ملندو، جنهن ۾ ڪم نه آيل هجي. انهي؍ مان اڻين نه سمجهڻ گهرجي ته ڪوشش ڪري، هرويرو اها تجنيس ڪٽي تِقي اٿس، جئن ڪي هاڻوڪا مصنف ۽ شاعر ڪن ٿا، جنهن جي ڪري سندن عبارت جڙَتو ۽ بي سوادي بنجيو پوي. شاه، تجنيسي لفظ اهڙا پورا ۽ معنيٰ دار استعمال ڪيا آهن، جو ڪيترو به غور ۽ ڪوشش ڪبي ته انهن کي بدلائي نه سگهبو.

پر شاه جي ڪلام جو پورو پورو مزو، ان کي سُرَ سان آلاپڻ مان اچي ٿو. انهي؍ ڪري ئي رسالي کي سرن موجب ڻاهي بيهاريو اٿن. ڪن سرن تي اصلوڪن هندستاني راڳن ۽ راڳڻين جا نالا رکيا اٿن، ۽ ڪن تي وري مضمون جي مدنظر تي. واجب آهي ته هت هندستاني راڳ جي علم جو ٿورو ذڪر


Scanned by CamScanner

ڪجي. تہ پڙهندڙن کي هرهڪ سُر جي سرنامي جي اصل جي پوري خبر پوي.

هندو لوڪ، سال کي ڇهن رُتُن ۾ وراهين ٿا. هرهڪ رُتِ لاءِ خاص راڳ رٿيل آهي. راڳ جي اصلي معنيٰ آهي 'روح جو ريلو' يا 'جذبو'. انهن ڇهن راڳن جا نالا آهن؛ ڀيروَ، هندول، ميگهہ، سريراڳ، ڏِيپڪُ ۽ مالڪوسُ. هندو ماڻهو راڳن کي تَمثيلي طرح ديوتائون ڪري سڏيندا آهن. هرهڪ ديوتا کي پنج ڀاريائون (زالون)، ۽ آٺ پٽ آهن. انهن زالن کي راڳڻيون ڪري ڪوٺين ٿا، پر پٽن جو ايترو مانُ نہ آهي جيترو راڳن ۽ راڳڻين جو، يعني اڪثر ڪري انهن ٻنهي جي ڳائڻ جو رواج گهڻو آهي.

ڏينهن ۽ رات کي ڇهن حصن ۾ وراهيو ويو آهي. هرهڪ حصي لاءِ ڌار ڌار راڳ مقرر ڪيو ويو آهي.

ڀيروَ ۴ بجي صبوح کان وٺي ۸ صبح بجي تائين.

هندولُ ۸ بجي صبح کان وٺي ۱۲ بجي منجهند تائين.

ميگهہ ۱۲ بجي منجهند کان وٺي ۴ بجي شام تائين.

سريراڳ ۴ بجي شام کان وٺي ۸ بجي شام تائين.

ڏِيپڪُ ۸ بجي شام کان وٺي ۱۲ بجي رات تائين.

مالڪوسَ ۱۲ بجي رات کان وٺي ۴ بجي صبوح تائين.

چونڊا آهن تہ هرهڪ ديوتا کي پنهنجي پنهنجي راڳ ٻڌڻ جي فرصت، مٿئين ڄاڻايل مقرر ڪيل وقت تي ئي ٿي سگهي ٿي. پر اِهي راڳ ۽ راڳڻيون، جڏهن بہ دل چوي، تڏهن ڳائي سگهجن ٿا؛ سواءِ ميگهہ جي، جو اڪثر ڪري برساتي موسمر ۾ ڳايو ويندو آهي. پر ڪيترن ڳائيندڙن ۽ ڳوين جي دل تي وهر ويٺل آهي تہ بيوقتو راڳ ڳائڻ بدسوڻ آهي.

هندن قديم يونانين وانگر، انهن راڳن ۽ راڳڻين کي مجسم ڪري، هرهڪ جي سندس مضمون موجب دلڪش تصوير ڪڍي آهي. مثلاً، ڀيرو، کي شِوَ وانگر ٽي اکيون آهن، پيشانيءَ تي چنڊ پيو چمڪيس؛ گنگاندي سندس جَٽائن مان پيئي وهي، مٿي تي واسينگ نانگ ويڙهيل اٿس، ۽ ڳچيءَ ۾ کوپرين جي ڪنٺي پيل اٿس. هندول سوني هندوري ۾ پيو لڏي؛ سندس چوڌرد ڪيتريون ئي اپڇرائون بيٺل آهن، جي هندوري کي بہ پيئون لوڏين ۽ راڳ بہ پيئون ڳائين. ميگهہ جو ورنُ ڪارو آهي، پيلي پوشاڪ اٿس، هٿ ۾ تکي ترار اٿس، ۽ ڪَڪَر تي سوار آهي. سريراڳ، هڪ سهڻو جوان آهي، پوشاڪ سفيد پيل اٿس، لالن ۽ بلورن جي مالها ڳچيءَ ۾ پيل اٿس، ۽ هٿ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

ڪَنول گل جهليو بيٺو آهي. ديپڪ کي ٻاهه جهڙا چلڪندڙ ڪپڙا پهريل آهن، پيشانيءَ مان آلا پيا نڪرنس، ۽ هڪ مست هاٿي تي سوار آهي. عام اعتقاد آهي ته انهيءَ راڳ کي جيڪڏهين ڪو پوريءَ طرز تي ڳائي ته سندس اندر مان ٻاهه اُيري، ڪيس جلائي ڇڏي. مالڪوس هڪ تازو توانو جوان آهي. جنهن جي مُنهن مان رت پيو ڇٽي، اکيون نشي ۾ مخمور اٿس، هٿ ۾ لٺ اٿس، لباس نيلو اٿس ۽ موتين جي مالها ڳچيءَ ۾ پيل اٿس.

راڳڻين ۽ پٽن جا نالا جٺن جٺن رسالي ۾ ايندا ويندا، تٺن تٺن انهن جو ذڪر ڪيو ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

# فصل ٨

## شاھ جي سنڌي

شاه جي سنڌي ۽ هاڻوڪي سنڌي - سنڌيءَ جو عربيءَ ۽ فارسيءَ سان بنيادي واسطو نہ آهي - عربي صورت خطيءَ جي خامي - علم لغات جي اڻ واقفيت - لغت نويسيءَ جون چڪون - مثال - سنسڪرت جا ٽي درجا - سنسڪرت مان ڦٽل ٻوليون: پالي، پراڪرت، اپڀرنش - ٻوليءَ جي بگڙجڻ جا سبب: تلفظ جي تڪليف، تواريخي تبديليون، قومن جي لڙه وچڙ، اصلوڪي لفظ جا ٻہ چار قسم، جھونن لفظن جو متروڪ ٿيڻ، نون لفظن جو استعمال - ٻوليءَ جو بگاڙو ان جو سڌارو آهي - تديو - تتسم - ديسي لفظ.- علم لغات جي ضرورت.

شاه جي سنڌي، هاڻوڪي سنڌيءَ کان البت ڀُئي ڏؤل جي آهي. اِهوئي سبب آهي، جو ماڻهن کي شاه جي شعر پڙهڻ ۽ ان جي مَعنيٰ سمجھڻ ۾ قدري مشڪلات ٿئي ٿي. هڪڙو تہ شاه جا لفظ ۽ محَاورا نج سنڌي آهن، ٻيو تہ ڪيترا لفظ ۽ نحوي بناوتون اهڙيون آهن، هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ رواجي طور استعمال ۾ نٿيون اچن؛ ٽيون تہ ڪي اهڙا لفظ ڪتب آيل آهن، جن جون معنائون يا تہ متروڪ ٿي ويون آهن، يا تہ منجھن گھٽي تبديلي ٿي ويئي آهي؛ ۽ چوٿون تہ شاه جي تلفظ ۽ هاڻوڪي تلفظ ۾ البت تفاوت آهي. هاڻ ڀھرئين ڇاڻڻ گھرجي، تہ سنڌيءَ ٻوليءَ جو اصل بنياد ڪهڙو آهي، ۽ پڻ ڪھڙن سببن ڪان ان ۾ ڦير ڦاريون ٿيون آهن.

عام ماڻهن جي دلين ۾ وهم ويٺل آهي تہ سنڌي ٻولي، عربيءَ ۽ پارسيءَ مان نڪتل آهي، ڇو تہ اڄ ڪلھ عربيءَ ۽ پارسي جو استعمال وڌندڙ آهي؛ ۽ ٻيو تہ سنڌي عربي صورتخطيءَ ۾ لکجڻ ۾ اچي ٿي. پر اهي ٻئي سبب عارضي آهن. درحقيقت سنڌيءَ جو عربيءَ ۽ فارسيءَ سان بنيادي ناتو اهڙو آهي، جهڙو سنڌيءَ جو چينيءَ ۽ جپانيءَ سان. سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا آواز آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned by CamScanner

جن جي اُچار لاءِ عربي صورتخطي ڪافي نہ آھي؛ ۽ ھاڻوڪي صورتخطي جا سنہ 1861ع عيسوي ڌاري ڪئپٽن سٽئڪ نالي ھڪ عملدار ناھي تيار ڪئي، تنھن ۾ گھٽيون خاميون رھجي ويئون آھن. انھيءَ ڪري ھڪ وڏو صدمو، جو سنڌي ٻوليءَ کي رسيو آھي، سو ھيءُ آھي جو ماڻھو ان جي اصل ۽ بنياد کان اڻواقف رھجي ويا آھن. عربي صورتخطيءَ جي واقفيت ڪري، شاگردن کي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ عربي ۽ فارسي ٻولين جي تحصيل ڪرڻ ۾ سھوليت ٿئي ٿي؛ ۽ ديوناگري اکرن جي سکڻ جي خطري کان سنسڪرت ٻولي جنھن مان اصل سنڌي ٿي نڪتي آھي، تنھن جو ڪوبہ اڀياس ڪيو نٿو وڃي. انھيءَ بي پرواھي جو نتيجو اھو ٿيو آھي، جو سنڌيءَ ۾ ڪابہ خاطر خواہ ترقي يا سڌارو نہ ٿيو آھي. علم لغارت، جنھن جي رستي اھا ترقي ممڪن آھي، تنھن جو ڪنھن بہ سماءُ نہ لڌو آھي. خود سنڌي لُغت نويسن بہ علم لغات جي اصولن ۽ سنڌيءَ سان ٻين مشابھت رکندڙ ٻولين جي کوجنا نہ ڪئي آھي، انھيءَ سبب کان سندن لغتون اڌُريون ۽ خام رھجي ويون آھن؛ ۽ ڪيترن نج سنڌي اکرن جي معنيٰ پوري ۽ صحيح نہ ڏني ويئي آھي. البت ڏکي بازيءَ جي ڪمي ڪانھي. شاھ جي رسالي ۾ ڪيترا لفظ آھن، جن جي معنيٰ تہ صفا اوٹ تي ڪئي ويئي آھي. لغت نويسيءَ جا اھڙا انڌا رستا، سنڌي ۾ ٺي اختيار ڪيا ويا آھن. جيستائين ماڻھو سنڌيءَ جي باترتيب تحصيل نہ ڪندا، تيستائين ڪنھن بہ ترقيءَ جي اُميد رکڻ اجائي آھي. نموني طور بہ چار مثال پيش ڪجن ٿا:

ڪَرَھو نہ ڪِي ڪانُ، پيرين آءُ نہ پُڄَڻِي.

ھاڻ ھن مصرع ۾ 'ڪانُ' سنسڪرت لفظ 'ڪاندا' مان نڪتل آھي، جنھن جي معنيٰ آھي 'گھوڙو'. مگر ڪي معنيٰ نويس 'ڪي' ۽ 'ڪانُ' ڳنڍي 'ڪيڪان' ڪري ٿا پڙھن؛ وري عجب آھي تہ معنيٰ برابر 'گھوڙو' ڪن ٿا. ھاڻ اھو 'ڪيڪان' لفظ بہ لغتن ۾ درج ٿي، سنڌيءَ ٻوليءَ جو ھڪ جزو بنجي پيو آھي. وٺو ٻيو مثال:

وَرُ وٺي واٽَ ٿيا ، پنھوُ چامرُ پَھَسَ.

ڪي لغت نويس، 'پھس' جي معنيٰ 'جوانمراد' يا 'اوچتو' لکن ٿا. جا معنيٰ نسورو يَٽُ آھي. اھو لفظ پراڪرت آھي، جو اصل سنسڪرت لفظ 'پَرسَھيہ'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

مان نڪتل آهي، ۽ معنيٰ اٿس، 'زور زبردستيءَ سان.' ولو ٽيون مثال:

تارا تيلِيَ روءِ، لڏا لالَنَ اُپرِين.

هاڻ ڪي معنيٰ نويس 'تيلِي روءِ' جي معنيٰ ڪن ٿا، 'جنهن جو منهن تيليءَ (تيل فروش يا تيلي راجا) جهڙو هجي، يا 'جنهن جو منهن تيل وانگر چمڪندڙ هجي'، يا جنهن جو منهن تِيليءَ جهڙو هجي'. پر حقيقت ۾ نڪو 'تيلي' ڪنهن 'راجا' جو نالو آهي، ۽ نڪي اُن جي معنيٰ 'تيل فروش' يا 'تيل جهڙو چمڪندڙ' آهي، ۽ نڪي ڪي شاه جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ سِيڻن ولايت مان ماچيس ۽ تيليون ايندڙيون هيون، جو شاه تارن کي تيلين سان مشابهت ڪئي هوندي. 'تيلي' برابر آهي پراڪرت 'تيرِس' جي، جو هاڻوڪيءَ سنڌيءَ ۾ وڏيڪ بدلجي 'تهڙي' ٿي پيو آهي؛ ۽ 'روءِ' جي معنيٰ آهي 'رِيت'؛ ۽ ساريءَ مصرع جي معنيٰ آهي تہ "اي لالَن لڏا تون تهڙيءَ ريت سهڻو ۽ صاف ٿو اُپرين، جهڙو منهنجو محبوب آهي." اهڙا مثال انيڪ آهن، جن جي 'معنيٰ ۽ شرح' واري ڀاڱي مان خبر پئجي سگهندي.

هِهڙا هاچا ٿِين، ٻُري هينَ ڀنيورَ ۾.

انهيءَ لاءِ ضروري آهي، تہ سنڌيءَ ٻوليءَ جي اصل ۽ بنياد جي هِت ٿوري اُپٽار ڪجي؛ تہ پڙهندڙن کي شاه جي سنڌيءَ جي پوري پروڙ پوي، ۽ لفظن جا اشتقاق جي 'معنيٰ ۽ شرح' واري ڀاڱي ۾ ڏنا ويا آهن، ۽ جن ڪيترين عام طرح قبول ڪيل معنائن ۾ فرق پيدا ڪيو آهي، سي آسانيءَ سان سمجهي سگهن.

سنڌيءَ ٻوليءَ کي، 'بگڙيل' يا 'فاسد سنسڪرت' ڪري چئجي تہ روا آهي؛ يعني سنسڪرت لفظن ۽ نحوي بناوتن ۾، هزارها سالن گذرڻ ڪري، ايتري ڦيرڦار ٿي ويئي آهي، جو سنسڪرت اچي سنڌيءَ جي صورت ورتي آهي، سرسري نظر ڪبي تہ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جي وچ ۾، هاڻ ڪا ظاهريءَ طرح گهٽي مشابهت معلوم نہ ٿيندي. سنسڪرت مان نہ رڳو سنڌي، مگر هندستان جون ٻيون آرين ٻوليون، جهڙوڪ گجراتي، مرهٽي، پنجابي، هندي، بنگالي، اڙيا وغيره بہ ڦٽي نڪتيون آهن، ۽ انهن ٻولين جي هڪ ٻئي سان نهايت گهٽي موافقت آهي.

هِت اسين اهو بحث نہ ڪنداسين تہ ڏاڏي آدم جي ڏينهن ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، يا ٻولين ۾ اصل پيد ڪئن پيدا ٿيو، وغيره.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

سنڌي ۽ مٿي ڄاڻايل ٻيون ٻوليون، هڪڙيءَ وڻ جون شاخون آهن ۽ اهو وڻ آهي سنسڪرت. سنسڪرت لفظ جي اصلوڪي معنيٰ آهي ’ڪامل يا صفا ٿيل‘. عام طرح سنسڪرت نالو آخرين درجي واري سنسڪرت کي ڏنو ويندو آهي. سنسڪرت جا ٽي درجا آهن؛ قديم، وچولو ۽ آخرين. سنسڪرت اها ٻولي آهي، جنهن ۾ هندستان جي قديم آرين جا ويدَ، پُران، سَمِرتيون، تاريخون وغيره لکيل آهن. اڄ ڏينهن سوڏو هندو لوڪَ، پنهنجي ڪِريا ڪَرم، پوڄا پشتا وغيره ۾ اها ٻولي ڪتب آڻيندا آهن. ڪڏهين ڪڏهين وَدوان پَنڊِتَ، اچا تائين انهيءَ ٻوليءَ ۾، هڪ ٻئي سان ڌرمي ڳالهين تي بحث مباحثو ڪندا آهن. مگر اڄ ڪلهه عام طرح اها ٻولي، دنيا جي ڪنهن هنڌ به ڳالهائڻ ۾ نه ٿي اچي. ڪو وقت هو جڏهن سنسڪرت، آريه لوڪن جي رواجي ٻولي هئي. انهيءَ کي هزارها ورهيه ٿيا. رواجي ماڻهن جي وات ۾ اصلوڪي سنسڪرت رفته رفته بگڙجڻ لڳي؛ ۽ اصلوڪي حالت بدلائي ٻئي درجي تي آئي، جنهن کي وچولي سنسڪرت چئجي ٿو. انهيءَ حالت کي رسڻ کان پوءِ پڻ ان ۾ وڌيڪ ڦيرڦار ٿيڻ لڳي. انهي آخرين درجي واريءَ سنسڪرت کي ’پُراڻڪ سنسڪرت‘ ڪري سڏين ٿا.

اول درجي واري سنسڪرت، جنهن کي ’مها سنسڪرت‘ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو، تنهن ۾ رگ ويد سَنهِتا، يَجُر ويدَ جا مَنتر ۽ اَٿَروَ ويدَ جو ٿورو حصو لکيل آهي. وچولي سنسڪرت ۾ ويدن جو هڪ ڀاڱو جنهن کي برهمن ڪري ٿا چون، لکيل آهي. آخرين سنسڪرت ۾ هندن جو شعر جهڙوڪ رامايڻ، مها ڀارت، سمرتيون، ڪاليداس جا ناٽڪ وغيره لکيل آهن. آخرين درجي تي پهچڻ بعد، سنسڪرت ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو رواج گهٽو گهٽ ٿي ويو، جو ته انهيءَ عرصي ۾، ماڻهن جي محاوري ۾ اهڙي قسم جون ڦير ڦاريون ٿي ويون هيون، جو لکيل سنسڪرت ۽ عام محاوري ۾ نهايت گهڻو تفاوت پئجي ويو هو. انهيءَ محاوري کي ’پراڪرت‘ ڪوٺيو وڃي ٿو. ’پراڪرت‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’عامي يا رواجي‘.

ڪهڙي سمي ۾ پهريائين سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ايڏي وڏي تبديلي ٿي، جو هوءَ ڦري ’پراڪرت‘ ٿي پيئي، تنهن جو پورو پتو پئجي نٿو سگهي. سڀ کان جهوني ’پراڪرت‘ جنهن جي اسان کي خبر پئجي سگهي ٿي، تنهن کي ’پالي‘ ڪري ٿا چون. مهاراجا اشوڪَ (272 - 232 ق.م) جي ڏينهنِ ۾ ’پالي‘ عام جام ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي. انهيءَ ڳالهه جي ثابتي، مهاراجا اشوڪَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

انهن ساڳين ئي سببن ڪري، اڄا بہ ڦرندي ۽ بدلبي پيئي وڃي. جا سنڌي شاهہ عبداللطيف جي زماني ۾ مروج هئي، تنهن کان هاڻوڪي سنڌي البت ڦريل آهي. شاهہ جي سنڌي اٽڪل ٻہ سؤ ورهيہ جهوني آهي. اڄ کان ٻہ سؤ ورهيہ پوء، سنڌي ٻوليءَ جي جيڪا حالت وڃي بيهندي، سا ضرور هاڻوڪيءَ حالت کان قدري مختلف ٿيندي. اسان جي اکين اڳيان ئي ٻوليءَ ۾ روزمرہ وڃن تبديليون ٿينديون، جي اصلوڪي ٻوليءَ کي بدلائي، ٻي حالت ۾ آڻيو ڇڏين. ڪڏهين ڪڏهين تہ تمام ٿوري عرصي ۾ ئي نهايت گهڻو ڦيرڦار پئجو وڃي، ۽ ڪڏهين ڪڏهين تہ نهايت آهستي آهستي.

انهيءَ تبديل جا سبب، خود اِنساني سُڀاءَ تي مدار رکن ٿا. رڳو خود ٻولي اِنسان جي حياتيءَ جو مقصد نہ آهي. ٻولي فقط هڪ وسيلو آهي، جنهن جي مدد سان ماڻهو پنهنجا خيال هڪٻئي سان ظاهر ڪري سگهن ٿا. ٻوليءَ جي حرفن ۽ لفظن جو اُچار ڪرڻ البت ڪشالي ڳاڙهو آهي. آواز پيدا ڪرڻ ۾ ڪيترن عضون جي مدد گهرجي. مثلاً ڦڦڙن، نڙيءَ، ڄڀَ، ڪاڪڙيءَ، ڪَليَن، ڏندن، ڏاڙن، چپن، نڪ وغيرہ جي. هاڻ انهن عضون جي مختلف تحريڪ سان مختلف آواز نڪري سگهن ٿا. اهي تحريڪون نهايت باريڪ ۽ مشڪل آهن، خاص ڪري جڏهين ٻہ يا ٽي 'حروف صحيح' گڏي اُچارڻا ٿا پون. اهڙيءَ حالت ۾ ڄڀ کي ڀهريائين هڪڙو وَرُ ڏيڻو، وري ٻيو يا ٽيون ور ڏيڻو ٿو پوي. صحيح تلفظ ڪرڻ ۾ البت دقت ٿئي ٿي، هاڻ اِنسان جو سڀاءُ آهي تہ جيتري قدر دقت گهٽ ٿي سگهي، اوتري قدر گهٽ ڪجي. هرڪو ماڻهو چاهيندو تہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ جئن ٿورو ڪشالو ٿئيم تئن چڱو. اهو آهي هڪ مول سبب، جنهن جي ڪري لفظن جي اُچار ۾ بگيڙو پوي ٿو، ٻارن کي غلط اُچار ڪرڻ جي عادت ٿيندي آهي. جيڪڏهين انهن جو اُچار مائٽن جي ڪوشش سان ۽ مڪتبن ۾ پڙهڻ ڪري، وقت بہ وقت سڌاريو نہ وڃي، تہ جيڪر ٿوريئي عرصي ۾ ٻوليءَ ۾ اهڙو ڦيرڦار پئجي وڃي، جو اُن جي اصلوڪي حالت شايد سڃاڻي نہ سگهجي. تعليم جي رستي، ٻوليءَ کي بگڙجڻ کان گهڻي قدر روڪي سگهجي ٿو. ٻيو هڪ سبب جو ٻوليءَ کي بگڙجڻ کان روڪي ٿو، سو هي آهي جو هرهڪ ماڻهوءَ کي ڪوشش ڪري صحيح اُچار ڪرڻو پوي ٿو، نہ تہ ٻيا ماڻهو سندس مطلب سمجهي ڪين سگهندا. ازانسواءِ قوم ۽ قبيلي جو بہ خيال رکڻو پوي ٿو؛ جو تہ جيڪڏهين


Scanned by CamScanner

ڪم اچي ٿو، جنھن ’وِرڌ آوستا‘ ۾، پر وري بدلجي ’ٻُڍو‘ ۽ ’وَڏو‘ بہ ٿي پيو آهي، ۽ انھن ٻنھي لفظن جي معنيٰ ۾ پڻ تفاوت آهي.

ٻوليءَ جي بدلجڻ جو ٻيو هڪ سبب هي بہ آهي، تہ ڪي جهونا لفظ ۽ اصطلاح وچن متروڪ ٿيندا، ۽ انھن جي جاءِ وچن نوان لفظ وٺندا. اها تبديل اڪثر ڪري تڏهين ٿيندي آهي، جڏهين ڪا ڌاري ٻولي ٻرَڪُ ٿيڻ لڳندي آهي، جنھن مسلمانن جي ڏينھنِ ۾ فارسي ۽ عربي، ۽ هاڻ انگريزن جي ڏينھن ۾ انگريزي. ماڻھو سمجهندا آهن تہ جهونا لفظ ڪم آڻڻ تھذيب جي برخلاف آهي. مثلاً شاهہ جي رسالي ۾، ’آڙِ‘، ’ڪِري‘، ’ٻونءِ‘، ’گوندر‘، ’ٻَڪي‘، ’ويچ‘، ’پرين‘ وغيره ڪتب آيل آهن. هاڻوڪيءَ سنڌيءَ ۾ اهي لفظ عامي سمجهيا وڃن ٿا، ۽ انھن جي عيوض ’حڪم‘، ’پرهيز‘، ’زمين‘، ’غم‘، ’دوا‘، ’طبيب‘، ’محبوب‘ وغيره وڌيڪ رواج ۾ آهن.

انھن متي ڄاڻايل سببن ڪري، ٻوليءَ ۾ رفتي رفتي اهڙي ڦيرڦار پئجي وڃي ٿي، جو اصلوڪي ٻولي مٽجيو ٻي صورت وٺيو بيھي.

هندستان جون هاڻوڪيون آريہ ٻوليون جڏهن ڪان پراڪرت مان ڦٽي الڳ ٿيون، تڏهن ڪان منجهن ٻيون بہ تبديليون ٿيڻ لڳيون، تان جو هاڻي منجهن سندن اصل ۽ بنياد جا ڪي ٿورائي اهڃاڻ وڃي رهيا آهن. پر هڪڙي ڪري جنھن ڳالھہ کي ٻوليءَ جو بگاڙ چئجي ٿو، سو درحقيقت ان جو سڌاروئي آهي، ڇو تہ اهڙي بگاڙي ڪان سواءِ ڪنھن بہ ٻوليءَ ۾ ترقي ٿيڻ محال آهي. پر سنڌي ٻولي، جنھن وقت ڪان وٺي پراڪرت مان ڦٽي جدا ٿي، تنھن وقت ڪان وٺي منجهس ڪو گهڻو ڦير نہ ٿيو آهي، خصوصاً شاهہ جي سنڌيءَ ۾، يعني تہ سنڌيءَ ٻوليءَ گهٽي ترقي ڪانہ ڪئي آهي.

جيڪڏهين شاهہ جي سنڌيءَ تي ويچار ڪبو، تہ معلوم ٿيندو تہ منجهس گهڻا لفظ اهڙا آهن، جن کي پراڪرت نحوين ’تَدڀَو‘ ڪري سڏيو آهي، جنھن جي معنيٰ آهي ’انهيءَ جهڙا‘ يعني سنسڪرت جهڙا، مگر نہ عين ٻين سنسڪرت. مثلاً، سنڌي ڪوئِلُ = سنسڪرت ’ڪوڪِلَ‘، گڏهہ ’گردَڀَ‘، ڪاتئرُ = ’ڪاتَرَ‘، سائرُ = ’ساگَرَ‘ وغيره.

نج سنسڪرت لفظ، شاهہ جي سنڌيءَ ۾ نھايت ٿورا لڀندا. اهڙن لفظن کي ’تَتسَمَ‘ ڪري ٿا سڏين. مثلاً ’ڌَرمَ‘ ’ڪَرمَ‘ ’پَرمَلَ‘ وغيره ’تتسَمَ‘، ماڻھن جي زبان ۾ ڦري ڪئين ’تَدڀَوَ‘ ٿين ٿا، تنھن جا بہ قائدا ۽ قانون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

مشهور پراڪرت نحوين، جهڙوڪ وَرَ رُچِي ۽ هيمچَندرَ جاچ ڪري، پنهنجي ڪتابن ۾ لکي ڇڏيا آهن. اهي ايترا آهن، جو انهن جو هن هنڌ باترتيب بيان ڪرڻ ناشدني ڳالهه آهي. انهيءَ مضمون تي هڪ خاص ڪتاب لکيو ويو آهي، جو اميد ته جلدئي ڇپايو ويندو.

انهن قاعدن جي اونهي اڀياس سان، ۽ پڻ سنڌيءَ سان مشابهت رکندڙ آريه ٻولين جي قدري واقفيت سان، 'تَدڀَوَ' پنهنجي اصلوڪي سنسڪرت صورت ۾ آڻي سگهجن ٿا. انهن مان گهڻا ته اهڙا آهن جو سولائي سان ڳولي سگهجن ٿا، مگر ڪن ڪن ۾ ته اهڙي گهڻي تبديل ٿي ويئي آهي، جو البت مشڪلات ٿيو پوي. مثلاً، سنڌي 'هَنجُون' (ڳوڙها) = سنسڪرت 'اَشرو' 'سانگ' (ترار يا ڀالو) = 'شڪتِي'؛ 'هيجُ' (شوق) = 'هِردَيَه' وغيره.

'تَستَمَ' ۽ تَدڀَوَ لفظن کان سواءِ ٻيا هڪڙي قسم جا لفظ، جي سنڌي ٻوليءَ ۾، خصوصاً شاه جي سنڌيءَ ۾ لڀن ٿا، تن کي 'ديسي' ڪري ٿا سڏين. اهي لفظ 'پراڪرت' ٻولين ۾ پڻ موجود هئا، جتان هاڻوڪين آريه ٻولين ۾ به اچي ويا. انهن 'ديسي' لفظن جون ٻه جهونيون لُغَتون موجود آهن، جي جين ڌرم وارن جي ٻن مشهور آچارين لکيون. هڪڙيءَ جو نالو آهي 'پائيلڇِي'، جا ڌَنپالَ آچاريه يارهين عيسوي صديءَ ۾ لکي؛ ۽ ٻيءَ جو نالو آهي 'ديسي نام مالا'، جا هيمچندر آچاريه ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ لکي. 'ديسي' لفظ اهي آهن، جي اڻ آري ٻولين مان ورتل آهن. مگر ڪيترا لفظ، جن کي ڌنپال ۽ هيمچندر 'ديسي' ڪري لِکيو آهي، سي در حقيقت 'ديسي' نه آهن. علم لغات ۾ هن وقت ايتري ترقي ٿي رهي آهي، جو ان جي وسلي، گهڻي کوجنا بعد، ڪيترن 'ديسي' لفظن جو به سنسڪرت سان لاڳاپو ڏيکاري سگهجي ٿو. مثلاً ڌنپال ۽ هيمچندر موجب 'ٻَيلَ' (ڍڳو) 'ديسي' لفظ آهي، پر اهو لفظ اصل سنسڪرت 'ٻلِيوردَ' مان نڪتل آهي، يا 'ٻولڻ' = 'بروُ'؛ 'ڇاڇ' = 'تَڪرَ' وغيره. پر تڏهين به سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا اهڙا لفظ آهن، جي برابر 'ديسي' آهن؛ ۽ جن جو سنسڪرت سان ڪو واسطو ڪونهي. مثلاً: 'ڀِڳڙي'، 'ڏنگي'، 'ڍِينگ'، 'جُنگ' وغيره.

انهن مٿين ٽن قسمن جي نج سنڌي لفظن کان سواءِ، ٻين ٻولين مان نڪتل لفظ به شاه جي سنڌيءَ ۾ نظر اچن ٿا؛ جهڙوڪ عربي، فارسي، ترڪي، بلوچي وغيره. اهي لفظ به ايامن کان سنڌي ٻوليءَ ۾ اچي، نج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سنسڪرت لفظن وانگر بگڙجي ۽ بدلجي، سنڌس هڪ جزو بڻجي پيا هئا، ۽ شاهہ اهڙن لفظن کي سنڌن بگڙيل حالت ۾ استعمال ڪيو آهي.

هاڻ جنهن صورت ۾ شاهہ جي ڏينهن جي ڪا لکيل لغت موجود نہ آهي، جنهن مان جيڪر خبر پئجي سگهي، تہ رسالي ۾ استعمال ڪيل لفظن جي اُن زماني ۾ پوري ۽ صحيح معنيٰ ڪهڙي هئي، تنهن صورت ۾، اسان کي لاچار علم لغات جي ئي مدد وٺڻ جو ضرور آهي، نہ تہ معنائون ۽ سمجهاڻيون اوتَ تي ڪڏهن پونديون. علم لغات ئي اسان کي سنئين دڳ تي لائيندو. انهيءَ رستي شاهہ جي ڪلام تي گويا هڪڙي قسم جي نئين روشنائي وجهي سگهجي ٿي. تقليدي معنائن جي عيوض اسان کي سچيون ۽ صحيح معنائون حاصل ٿي سگهن ٿيون، جي نہ فقط شاهہ جي شاعراڻي شعور سان موافق آهن، بلڪ شاعراڻي بزرگيءَ ۽ اونهائيءَ کي بہ پڌرو ڪن ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

# فصل ۹

## شاه جون نحوي بناوتون

شاه جي سنڌيءَ جي نحوي بناوتن جي پراڪرت سان مشابهت - حالتي پڇاڙيون - جنس بي جان - ضميرن جي حالت اضافت - ضميري نشانيون - فعل معروف - فعل مرڪب - اسم مرڪب - ظرف ۽ حرف جي هاڻ متروڪ ٿي ويا آهن.

شاه جي سنڌيءَ جي نحوي بناوتن جي مشابهت پراڪرت سان، هاڻوڪيءَ سنڌيءَ کان وڌيڪ آهي. جيڪي نحوي قاعدا ۽ قانون، مشهور پراڪرت نَحوِيَن، وَرَرُچِيءَ ۽ هيمچندر بيان ڪيا آهن، سي گهڻو ڪري شاه جي سنڌيءَ سان لاڳو آهن.

شاه جي سنڌيءَ ۾ پراڪرت وارين 'حالتي پڇاڙين' جون گهڻيون نشانيون نظر اچن ٿيون، جي هاڻوڪيءَ سنڌيءَ مان يا تہ گم ٿي ويون آهن، يا تہ وڃن ٿيون آهستي آهستي گم ٿينديون؛ ۽ اُنهن جي عيوض 'ظرف' يا 'حرف جر' لڳايا وڃن ٿا. هڪڙي 'حالت'، جنهن کي سنسڪرت ۾ 'آپادان' يا 'هيتو وِڀَڪتي' ڪري ٿا چون، تنهن جي 'عدد واحد' جي پڇاڙي 'آت' آهي، جا پراڪرت ۾ بگڙجي 'آدو' ٿئي ٿي. مگر اِها پڇاڙي جهونيءَ سنڌيءَ ۾ بدلجي 'آءُ' ٿي پيئي ۽ وري گهٽجي 'آ' جي سادي صورت ورتائين، ۽ بعضي وري 'ئُون' ٿيو ٿي پيئي. هاڻ انهن سڀني پڇاڙين جا قسم، شاه جي سنڌيءَ ۾ ڪم آيل آهن. مثلاً؛

هيجا = هيج مان، هيج سان. گهراءُ = گهر مان، گهر ڪان.

نرتُون = نرت مان، فرت سان.

اها 'ئُون' شاه 'عدد جمع' ۾ بہ ڪم آندي آهي. مثلاً؛

ڏاگهَنئُونَ = ڏاگهن ڪان. اکينئُونَ = اکين ڪان.

ڪُلنئُونَ = ڪُلهن ڪان، ڪلهن تان.

هاڻوڪيءَ سنڌيءَ ۾ 'آ' کي غنو ڪري، 'آن' ڪيو اٿن. ۽ فقط اها پڇاڙي ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

عام طرح مروج آهي. مثلاً؛

گهران، وچان وغيره.

’عدد جمع‘ ۾ ’ئون‘، هاڻ بلڪل ورلي ڪم اچي ٿي، ۽ اُن جي عيوض ’حرف جرّ‘، جهڙوڪ ’کان‘، ’مان‘ وغيره ڪتب اچن ٿا.

سنسڪرت ۾ ’مڪاني حالت‘ جي پڇاڙي ’اي‘ آهي، جا پراڪرت ۾ گهٽجي ’اِ‘ ٿيو پوي. اِها پراڪرت واري پڇاڙي، شاهه جي سنڌيءَ ۾ هوبهو ڪم آيل آهي. مثلاً؛

هنڌِ = هنڌ تي.ڪنڌِ = ڪنڌ ۾، ڪنڌ تي.

ازانسواءِ شاهه خود ’اسم‘ جي ’حالتي صورت‘ کي بہ ’مڪاني حالت‘ واريءَ معنيٰ سان استعمال ڪري ٿو. مثلاً؛

سوري چڙهڻ= سوريءَ تي چڙهڻ. انگهن چاڙهڻ= انگهن تي چاڙهڻ.

پر موجوده سنڌيءَ ۾ ’اسمن‘ جي مُڪاني حالت‘، ڪنهن ’حرف جر‘ يا ظرف‘ جي ذريعي ڄاڻائي سگهجي ٿي، سواءِ انهن ’اسمن‘ جي، جن جي آخر ۾ ’اَ‘ آهي.

شاهه جي سنڌيءَ ۾ ’حالت اضافت‘، اڪثر ڪري ’حالتي صورت‘ جي رستي ٿي، بنا ڪنهن ’حرف جر‘ ڳنڍڻ جي استعمال ڪيل آهي. مثلاً؛

اِي ڪم عاشقن = هي ڪم عاشقن جو. قُلين ڄاڻون = قُلن جون ڄاڻون.

’حالت ندا‘، ’حالت فاعليءَ‘ جي صورت ۾ ٿي، سواءِ ڪنهن ’حرف ندا‘ جي ڳنڍڻ سان، ظاهر ڪيل آهي. ڪڏهين ڪڏهين تہ ’اسمن‘ توڙي ’فعلن‘ کي فقط ’هُ‘ گڏڻ سان ’حالت ندا‘ جو مقصد حاصل ويو آهي. مثلاً؛

ويچ = اي ويچ. نجاه = اڙي توهين نجو. ڪنداه = اڙي توهين ڪندا.

سنسڪرت ۽ پراڪرت، ٻنهي ۾ ٽي ’جنسون‘ موجود آهن؛ ’جنس مذڪر‘، ’جنس مؤنث‘ ۽ ’جنس بي جان.‘ هندوستان جي هاڻوڪين آريہ ٻولين مان فقط گجراتيءَ ۽ مرهٽيءَ ۾، اهي ٽائين اهي ٽيئي ’جنسون قائم آهن؛ باقي ٻين ٻولين مان ’جنس بي جان‘ متروڪ ٿي ويئي آهي. هاڻوڪيءَ سنڌيءَ مان پڻ گم ٿي ويئي آهي. پر شاهه جي سنڌيءَ ۾ انهيءَ ’جنس‘ جا ٿورا گهڻا آثار معلوم ٿين ٿا. ڪن لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ’اوَن‘ آيل آهي مثلاً؛ ’پريشوَن‘ ، ’هيوَن‘. اِها پڇاڙي پراڪرت ۾ ’بي جان جنس‘ جي نشاني آهي ۽ پڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

’حرف جملو‘ ۾ ’پ‘ ’پي‘، ’پي‘ = پڻ. ’توءِ‘ = تنهن هوندي ٻه.
’جيلاهه‘، ’جيله‘، ’جيلان‘ = جنهن صورتَ ۾، جاڪاڻ تہ، جيڏانهن. ’تيلاهه‘،
’تيله‘، ’تيلان‘ = تنهن صورت ۾، تنهن ڪري، تيڏانهن. ’تي‘ = تنهن
ڪري.

’تيلي روءَ‘ = تهڙيءَ طرح. ’مَچَڻ‘ = متان. ’جَمُ‘ = جڏهن، جيڪڏهن.
’ڪ‘، ’ڪين‘ = يا. ’مَرَ‘ = پل تہ. ’وَرَ‘ = بهتر.

’حرف ندا‘: ’پس‘ ’پسو‘ = ڏس! ڏسو!. ’ٻرٻر!‘ = افسوس افسوس!.
’وارو‘ = فرياد! مدد!. ’وو وو!‘ = آڙي آڙي،
هاءِ هاءِ!. ’لو‘!. ’الو!‘ = واه واه!، ڏسو!

شاه جيڪي لفظ ڪم آندا آهن، تن مان گهڻن جو تلفظ اُنهن جي اصلوڪي پراڪرت لفظن جهڙو آهي. هاڻوڪيءَ سنڌيءَ ۾ ڪيترن لفظن ۾ هرويرو ’نون غنہ‘ يا ’ه‘ زياده وڌي ويندو آهي. مثلاً:

| هاڻوڪي سنڌي | شاه جي سنڌي | پراڪرت | سنسڪرت |
|---|---|---|---|
| نِينهن | نيـه | نيه | سنيـه |
| هِنيون | هيُون | هِئون | هِردَيـ |
| ڪالهه | ڪال | ڪال | ڪلَيَ |
| مَلـه | مَلَ | مَل | موکيـ |

●


Scanned by CamScanner

# فصل ١٠

# رسالي جي تصنيف ۽ تاليف

رسالي کي ڪراڙ جي ڍنڍ ۾ ٻوڙڻ - وري لکجڻ - ٻين شاعرن بابت ساڳيون روايتون - شاعر پنهنجو ڪلام هرگز ضايع نہ ڪندو - اٿاون جا ٻہ سبب - رسالي ۾ ٻين شاعرن ۽ سگهڙن جي بيتن جي وچور - ٽرمپ صاحب جو ڇاپو - بمبئي ڇاپو - سرڪاري ڇاپو - مرزا قليچ بيگ جو ڇاپو - مرزا صاحب جو رسالي نسبت رايو - هي ڇاپو.

شاہ عبداللطيف جڏهين وجد جي حالت ۾ ايندو هو، تڏهين بي اختيار ويندو هو ٻـت چوندو، جي بروقت سندس فقير لکي وٺندا هئا. مولانا جلال الدين رومي بہ ساڳيءَ طرح پنهنجو ڪلام چوندو هو، جو هڪدم سندس مريد ۽ دوست حسام الدين چلپي لکندو ويندو هو. عام اعتقاد آهي تہ شاہ وفات ـن ٿورو اڳ، رسالي جا نسخا فقيرن کان وٺي، 'ڪراڙ' جي ڍنڍ ۾ اُڇلائي ڦٽا ڪيا، ڇو تہ اِهو خيال اچي پيس تہ متان ماڻهو سندس معنوي ڪلام جي رمز نہ پروڙي، گمراهيءَ ۾ گرفتار ٿين. ڪي چون ٿا تہ رسالي جو هڪ اڌ نسخو، ڪنهن فقير وٽ رهجي ويو؛ ۽ ڪي وري چون ٿا تہ رسالن نهوڙڻ تي، شاہہ جي مريدن ۽ فقيرن واويلا مچائي ڏني. شاہ کي رحم اچي ويو، جنهن پنهنجي هڪ مريديائيءَ مائي نيامت (نعمت)، جنهن کي گهڻا بيت بر زبان ياد هئا، فرمايو تہ مريدن کي اهي بيت لکارائي. جڏهين اهو نسخو تيار ٿيو، تڏهين شاہ ان کي پنهنجي نظر مان ڪڍي، تصديق ڪئي؛ ۽ فرمايائين تہ سندس ڪيترو ڪلام، صحيح نقل ڪيو ويو هو. انهيءَ نسخي کي 'گنج' ڪري ٿا سڏين. اوائل ۾ اهو 'گنج'، شاہ صاحب جي وڏي خليفي تمر فقير جي سپرد ڪيو ويو؛ ۽ اڄا تائين سندس پويان ان جي حفاظت ڪندا اچن. 'گنج' ۾ شاہ جا بيت، بنا ڪنهن ترتيب يا سلسلي جي درج ٿيل آهن. شاہ صاحب جي وفات کان ٿورو ئي پوءِ، فقيرن بيتن کي مضمون موافق بيهاري، سرن جي صورت ۾ آندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

هاڻي، اهڙي قسم جون آڪاڻيون، ٻين مشرقي شاعرن بنسبت پڻ ٻڌنيون ويندڙيون آهن. امير دولتشاه سمرقنديءَ، پنهنجي ڪتاب "تذڪرة الشعراء" ۾ پڻ ڪيترن شاعرن بابت اهڙيون روايتون آنديون آهن. مثلاً چوي ٿو ته مظفر هرويءَ مرڻ ڪان ٿورو وقت اڳ، پنهنجو 'ديوان' درياءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيو، انهي لاءِ ته ڪائنس پوءِ، سندس شعر جو نڪو ڪو قدر ڪري سگهندو، ۽ نڪا ڪا ان جي معنيٰ سمجهي سگهندو! چوندا آهن ته مشهور فارسي شاعر حافظ، پنهنجا غزل ڪرين تي لکندو، مٽ ۾ وجهندو ويندو هو، جي سندس نوڪر ٻهاري ڪٺي ٻاهر ڦٽا ڪندا هئا! پر سندس گهرو دوست محمد گل اندام، جنهن سندس 'ديوان' گڏ ڪيو، سو ته اهڙي ڳالهه ڪري ٿي ڪانه ٿو. هو چوي ٿو ته "آءٌ بار بار حافظ کي سمجهائيندو هوس ته اهي پنهنجا بي نظير گوهر هڪ لڙهيءَ ۾ پوئي ڇڏ ته تنهنجي همعصرن ۽ پوئين لاءِ هڪ سينگار ٿين؛ مگر هو هميشه هيءُ عذر ڏيندو هو ته ماڻهن ۾ قدر شناسي ڪم آهي."

اها ڳالهه بنه اعتبار جوڳي نه آهي ته ڪو شاعر پنهنجو ڪلام ناحق ضايع ڪندو. ڏسو ته انسان، پنهنجي اولاد جي پرورش ۽ پرگهور ڪرڻ ۾، ڪيتري نه دقت ۽ هلاڪي وٺي ٿو؛ انهيءَ لاءِ ته سندس وفات ڪان پوءِ سندس دَرُ ڪليل رهي. ته پوءِ ڪٿن شاعر چاهيندو ته پنهنجا روحاني دادلا، يعني شاعراڻا خيال، جي هن رڳن جو رت ڏيئي اُپايا آهن، تن جو پنهنجي هٿن سان گهات ڪري؟ مشهور انگريزي شاعر ملٽن ڪهڙي نه سهڻي ۽ پوري ڳالهه ڪئي آهي ته "ڪتاب عمدي تصنيف، هڪ اعليٰ انسان جي جگر جو خون آهي، جنهن کي هو واسي ڏوڻي، هميشه جي جياپي لاءِ سانڍي رکي ٿو." خود شاعرن کي به پنهنجي ڪلام جي قدر شناسي ٿئي ٿي. ڪيترن شاعرن پنهنجي ڪلام جي دوام جي خواهش، پنهنجي شعر ۾ اظهار ڪئي آهي. سچو شاعر هميشه حق ڳائي ٿو، ۽ حق ڪڏهين به مرڻ يا مارجڻ جو نه آهي. اَلحَقُّ يَعلُو وَلاَ يُعلَيٰ. فردوسي شاهنامي ۾ پنهنجي شعر بہ نسبت چوي ٿو:

بنا هاي آباد گردد خراب، ز باران وز تابش آفتاب.
پيءِ افگندم از نظم ڪاخ بلند، ڪہ از باد و باران نيابد گزند.

اهڙيءَ طرح ڪيترن وڏن شاعرن، پارسي توڙي عربي، جن مان ڪن کي اولياءِ ڪري به ليکيو وڃي ٿو، پنهنجي شعر جي پايندگيءَ جو ذڪر ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

مولانا رومي به فرمائي ٿو؛

بعد از وفات تربتِ ما در زمين مجوي
در سينه هاي مردمِ عارف مزارِ ماست.

شاه عبداللطيف جيتوڻيڪ ٻين شاعرن وانگي، سڌيءَ طرح سان اهڙو اشارو ڪونه ڪيو آهي، پر تڏهين به هيٺين بيت ۾ آڻ سڌيءَ طرح، اهو خيال ظاهر ڪيو اٿس؛

سَنڌَرَ سين سَڳُ ڪري، پَرَ ڪَنديِن پياس
ڪيرَ ٻرَهَمڻِ ڪَنِ جي، ڪيرُ جاٽي ڪيٽاسِ
هُندَ نه سِندَ سُياسِ، هِنَ پُرِيين ڪِيَسِ پَڌرِي.

وقت آيو آهي جو شاه جي پڌرائي، سندس شعر جي ذريعي ديسان ديس ٿي ويندي؛ ۽ ڪهڙو عجب جو سڌيئي سندس سخن جو سڳنڌ، وچي ولايت کي به واسي؟

اهڙن اُناون ۽ بناون جا به سبب پائنجن ٿا. هڪڙو ته اهي شاعر، جن کي اولياء پڻ ڪري ليکيندا آهن. تن جي حالت ۾ سندن مريد ۽ فقير سمجهندا آهن، ته شاعري انهن جي ڪرامتن ۽ اچرجن اڳيان تچ به نه آهي. هو شاعرن جي ولايت تي گهڻو زور ڏيندا آهن، ۽ سمجهندا آهن ته شاعري سندس شان وٽان نه آهي. دولتشاه به مشهور صوفي شاعرن به نسبت اهو ساڳيو خيال ظاهر ڪيو آهي. هرهڪ اهڙي شاعر لاءِ چوي ٿو ته ”شاعري دون مرتبهٔ اوست“، يعني ’شاعري هن جي مرتبي کان گهٽ‘ آهي. ٻيو سبب هيءُ آهي، ته اهڙي شاعر جي مريدن ۽ معتقدن کي خيال ٿيندو آهي، ته متان ماڻهو سمجهن ته ڪلام نهايت ٿورو آهي، يا منجهس ڪچايون آهن؛ تنهن لاءِ اهو بهانو پيش ڪندا آهن، ته جيڪو اصلوڪو شعر هو سو گم ٿي ويو آهي؛ باقي نقل وچي رهيو آهي. اهڙيون ڳالهيون رڳو مَتِيَن موڙهل ۽ ڳنڍيِن ڳوڙهل ماڻهن جي ويساه وڌائڻ لاءِ رچيون وييون آهن. هندو پنڊت به چوندا آهن ته سندن مشهور ڪاويه مهاڀارت، جنهن جهڙو لنبو ڪتاب دنيا ۾ ڪو ورلي ليندو، سو اڃا به گهڻو لنبو هو. پر عالمن جو رايو انهيءَ ڳالهه جي اصل اُبتڙ آهي. اهو ڪتاب اصل ۾ پاڻ ننڍو هو، مگر وقت جي عرصي ۾، ڪيترن ٻين ماڻهن به پنهنجا شعر ٺاهي ڪري منجهس ٽنبيا آهن؛ جنهن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

هاڻوڪيءَ صورت ۾ مهاڀارت هڪ جهنگ بڻجي پيو آهي. شاهه جي رسالي سان پڻ اهڙيائي ڪار ڪئي ويئي ته ڏسجي. سُرَن جا سُرَ ۽ بيتن جا بيت، رسالي جي قلمي توڙي ڇاپي نسخن ۾ درج ٿيل آهن، جن جي تصنيف جو شاهه عبداللطيف سان ڪو واسطو ڪونهي. ڪيترن پارسي شاعرن، جهڙوڪ حافظ، حڪيم سنائي، محي الدين، جلال الدين رومي وغيره جا غزل، قصيدا ۽ مثنويون به شاهه جو ڪلام سمجهي رسالي ۾درج ڪيون ويئون آهن. اٽڪل پنجاهه ڪن بيت، شاهه عبدالڪريم بُلڙيءَ واري جا، ۽ چار پنج بيت قاضي قاضن جا به رسالي ۾ جاءِ بجاءِ داخل ڪيا ويا آهن. ازانسواءِ ڪيترن ٻين گمنام سنڌي سگهڙن، جهڙوڪ ڏوهي، ڪتي، مگيل، عيسو، خميسو، ڪيسر، قطب، لاکو، لکمير وغيره جا ٻي حَسا بيت پڻ، شاهه جي ڪلام ۾ شمار ڪيا ويا آهن. ڪي بيت، جهڙوڪ عنات جا، اهڙا آهن جو پريان ئي معلوم پيو ٿئي ۽ شاهه جي بيتن جو جواب آهن. وري ڪي هندستاني، پنجابي، سرائڪي وغيره وايون ۽ ڪافيون، جي آيامن ڪان ناچن ۽ مسخرن کان ٻڌبيون آهن، سي شاهه جي سنجيدين ۽ من موهيندڙ ڪافين جي عيوض، ٽرمپ صاحب واري نسخي کان سواءِ، ٻين سيني نسخن ۾ ڏنيون وييون آهن. هيٺيان سر ۽ داستان جي گهڻو ڪري سيني نسخن ۾ نظر اچن ٿا، سي گهڻي تفحص ۽ غور کان پوءِ، ۽ بيروني ۽ اندروني ثابتين بعد معلوم ٿيا آهن ته شاهه جو ڪلام نه آهن.

(۱) سر سسئي آبريءَ جي آخر ۾ تيهه اکري.

(۲) سر ٻيراڳ هندي. هن سر ۾ شاهه عبداللطيف جو نالي ماتر به بيت ڪونهي. ڪيترن مشهور هندي شاعرن، جهڙوڪ گورو نانڪ صاحب، ڪبير ڀڳت، دادو، سمن، پرمانند، ڪالو وغيره جي ٻاٿين جو انتخاب ڏنل آهي. سر جي پڇاڙيءَ ۾ مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنويءَ جي جدا جدا دفترن مان، اوليائن جي ساراهه وارا بيت درج ڪيا ويا آهن؛ ۽ آخرين وائي، مشهور حڪيم سنائيءَ جي تصنيف ڪيل مناجات آهي.

(۳) سر هير رانجهو. هن سر جي ٻولي نڪي نج پنجابڪي آهي، نڪي نج سرائڪي؛ بلڪ سيالڪي پيئي معلوم ٿئي. هير رانجهوءَ جو قصو ساري پنجاب ۾ اهڙو مشهور آهي، جهڙو عربيءَ ۾ 'ليليٰ ۽ مجنون' ۽ پارسيءَ ۾ 'شيرين ۽ فرهاد' . هير، چوچڪ سيال جي ڌيءَ هئي، جو ضلعي مظفر ڳڙهه جي هڪ ڳوٺ رنگپور ۾ رهندو هو. رانجهوءَ جو اصلوڪو نالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

’ڏيڏو‘ هو، مگر ذات جو رانجهو جٽ هو. انهن ٻنهي عاشقن جو قصو ڪيترن ئي پنجابي شاعرن نظم ڪيو آهي، جهڙوڪ نامودر پٽواري، وارث شاه وغيره. رسالي ۾ ڏنل قصو بہ ڪنهن انهي طرف جي شاعر جو چيل آهي.

(۴) سر برو سنڌي ڇوٽڪو. هي سر فقط ٽرمپ صاحب واري نسخي ۾ ئي ڏنل آهي. بيتن جي بناوت ۽ منجهن جيڪي خيال آيل آهن، سي اهڙا رواجي ۽ بيسواد آهن، جو پڙهڻ سان ئي پڌرو آهي تہ ڪنهن سگهڙ جا ٺهيل آهن.

(۵) سر رامڪلي. ٽرمپ صاحب جي نسخي ڪان سواءِ ٻين سيني نسخن ۾، هرهڪ داستان ۾ ڪيترا بيت آهن، جي شاه جا چيل نہ آهن. بمبئي ڇاپ رسالو تہ سيني ڪان گوءِ کڻي ويو آهي. داستان ٻئي ۾ سنياسين ۽ جوڳين جي ٻارهن ڏينهن جي ڪريا ڪرم جو بيان ڏنل آهي، پر مذڪور ڇاپ ۾ ٻين ارڙهن ڏينهن جو بيان بہ ڳنڍي، مهينو مڙئي پورو ڪيو ويو آهي. اهي زائد بيت، هڪ شاه جي مريد ولي محمد هالپوٽي جا چيل آهن. ازانسواءِ سر رامڪليءَ جي آخر واري ’تيهہ اکري‘ پڻ شاه جي چيل نہ آهي.

(٦) سر ڪاپائتيءَ جي پڇاڙيءَ واري مت. اها مت فقط ٽرمپ صاحب واري نسخي ۾ ڏنل آهي، ۽ پارسي نظم ’مسمط‘ جي طرز تي چيل آهي. اها پڻ شاه جو ڪلام نہ آهي.

(٧) سر مارئي. هن سر جو داستان ڏهون، جنهن جي سٽ سٽ ۾ قرآن شريف جي هڪ نہ ٻئي سُورة جو هرويرو نالو درج ڪيو ويو آهي، تنهن ڪي ڪنهن بہ صورت ۾ شعر چوڻ مناسب نہ آهي. ازانسواءِ چون ٿا تہ اهو داستان هارون شاه هنگوري جي دماغ جو دمپختو آهي. اهڙيءَ طرح داستان ٻارهين ۾ بہ ڪا شاعراڻي خوبي ۽ لياقت نظر نہ ٿي اچي. ڪنهن سگهڙ: شاه صاحب جا اڳين داستانن ۾ ڪم آيل لفظ ۽ اصطلاح گڏي ڳنڍڳانڍ ڪري هڪڙو خودڪشيد و داستان ڪري بنايو آهي.

(٨) سر ڍول مارئي. هي سر ڍنڪيءَ ٻوليءَ ۾ آهي ۽ پٽ واري نسخي ۾ نہ ڏنو ويو آهي. انهيءَ مان ئي ثابت آهي تہ اِهو سر شاه جو ڪلام نہ آهي.

(٩) سر ڏناسري. هن سر ۾ خود شاه عبداللطيف جي مدح ۾ بيت چيل


Scanned by CamScanner

آهن؛ ۽ پڻ ڪٿي ڪٿي شاه حبيب ۽ شيخ عبدالقادر جيلاني وغيره جي
سناراه ڪيل آهي. شڪ نہ آهي تہ اهي بيت ڪن فقيرن ۽ مريدن جا
لکيل آهن.

(١٠) سُر بسنت و بهار. هيءُ سر بلڪل نئيو آهي، ۽ هڪ داستان ۾ ٺي
سمايل آهي؛ ۽ گهڻو ڪري منجهس 'لاڪي' جا بيت ڏنل آهن. ازانسواءِ
پڻ واري نسخي ۾ بہ عدم پيدا آهي.

ڊاڪٽر آرنسٽ ٽرمپ پهريون ٺي شخص هو، جنهن شاه جي رسالي کي اونده مان ڪڍي، روشنيءَ ۾ آندو. هن صاحب کي جيتوڻيڪ برطانيہ سرڪار پئسي جي چڱي مدد ڪئي، تڏهين بہ گهٽي خرچ سبب، ڪيترا سر 'مارئي' سميت ڇپائي نہ سگهيو. ٽرمپ صاحب پنهنجي ديباچي ۾ چئي ٿو تہ ڪيس بہ جهونا عمدا قلمي نسخا هٿ آيا، جن کي هڪ هوشيار پڙهيل ڏيهيءَ پيڻي ۽ صحيح ڪري، سندس لاءِ نسخو تيار ڪيو، جو هن سنہ 1866ع عيسوي ۾، جرمني جي لپسيا شهر ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. شاباس آهي هن صاحب جي همت ۽ سرجوشيءَ کي. پاڻ علم لغات جو ماهر هو ۽ رسالي جي ڇپائڻ ۾ سندس هڪ مقصد هيءُ بہ هو تہ علم لغات لاءِ آتساه پيدا ٿئي. پر افسوس جو نسخن مقابل ڪرڻ جو ڪم سچو پنهنجي سر نہ ڪيائين. متي ڇاڻايل ڏيهي صاحب انهن نسخن جو پورو قدر نہ ڪيو؛ جنهن ڪري ٽرمپ واري رسالي ۾ ڪيتريون خاميون رهجي ويون. هڪڙو تہ صورتخطي خود ٽرمپ صاحب جي چونڊ موجب، نہ آهي اصلوڪي نہ هاڻوڪي، مگر سندس خود بناوتي. ٻيو تہ تلفظ گهڻو ڪري 1866ع عيسويءَ وارو ، ۽ نہ اصل نسخن وارو استعمال ڪيو ويو آهي. ٽيون تہ نسخن جون ڪي پڙهٽيون ڏيهي صاحب کي سمجهڻ ۾ نہ آيون آهن، جن جي بدران خود ڪشيدڻيون پڙهٽيون ڏنيون ويون آهن. هڪ وڏي خوبي منجهس هيءُ آهي تہ جيڪي وايون درج ڪيون ويون آهن، سي در حقيقت شاه جون آهن، جن جي عيوض ٻين ڇاپن، ۽ خود پڻ ۽ بلڙيءَ وارن نسخن ۾، ناچن ۽ مسخرن واريون وايون داخل ٿيل آهن. پر ڪيترن سالن کان ٽرمپ صاحب وارو رسالو اڻ لڀ آهي.

سال 1867ع عيسوي ۾ وري قاضي ابراهيم جي سعيي سان، شاه جي رسالي جو هڪ سنگي ڇاپو، بمبئيءَ ۾ پڌرو ڪيو ويو. ڪن ماڻهن جي دل تي وهم ويٺل آهي تہ اهو ڇاپو اصلوڪي رسالي جو سچو نقل آهي. پر هن ڇاپي جهڙو ردي نسخو ڪڏهين هٿ نہ ايندو. سنڌ ۾ جيڪو بہ ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

ڪچري جهڙو ڪلام، جو شاه جي نالي ڳائيندا آهن، يا جيڪي بيت مسخرا مجلس ۾ رائد وجهندي چوندا ويندا آهن وغيره، سي سڀ سواءِ ڪنهن تميز جي، منجهس ٺڪيا ويا آهن. ازانسواءِ هن نسخي جي صورتخطي اهڙي آهي، جنهن جي پڙهڻ ۾ گهڻي تڪليف ٿئي ٿي.

سنه 1900ع ۾، سنڌ جي تعليم کاتي به شاه جو رسالو هاٿوڪيءَ صورتخطيءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. انهي رسالي جي ’منڍ‘ ۾ چيل آهي، ته اهو ڇاپو پٽ واري نسخي ۽ متي ڇاٽايل ٻن ڇاپن کي ”پيٺي ۽ سڌاري تيار ڪيو ويو آهي.“ جيتوڻيڪ رسالي کي سڌارڻ جي هام هنئي ويئي آهي، تڏهين به اسان کي رڳو صورتخطي جو سڌارو ئي نظر اچي ٿو. هڪڙو ته ڪابه تڪليف هن باري ۾ نه ورتي ويئي آهي، ته شاه جو سچو ڪلام ڪهڙو آهي، جو جيڪر جڙتو ڪلام کان ڇني ڌار ڪجي؛ ٻيو ته علم لغات جي اڻ ڄاڻائيءَ کان شاه جي ڏينهن وارو تلفظ هرويرو بدلائي، اُن کي عاملڪو لباس پهرايو ويو آهي، ڄڻ ته هاٿوڪو حيدرآباد وارو تلفظ ئي صحيح آهي؛ ٽيون ته قلمي نسخن جون ڪيتريون صحيح پڙهڻيون ڦٽيون ڪري، قياسي پڙهڻيون اختيار ڪيون ويون آهن؛ ۽ چوٿون ته ڪنهن به تميز ۽ تنقيد کان سواءِ متي ڇاٽايل ڇاپي وارن رسالن مان ورتل ڪي سر ۽ بيت زياده ڏنا ويا آهن. انهيءَ سرڪاري رسالي جا، هيل تائين ٽي ڇاپا هڪ ٻئي پٺيان ڪڍيا ويا آهن، پر ٽيئي اهي ئي آهن.

وري سنه 1913ع ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجو ڇاپو پڌرو ڪيو، جنهن ۾ هن صاحب گهڻي تڪليف وٺي سيني اڳين ڇاپن، خصوصاً بمبئي ڇاپي وارا وڌيڪ بيت داخل ڪيا. انهي لاءِ ته پڙهندڙ کي جدا جدا ڇاپن ۾ ڏنل بيت هڪڙيئي هنڌ آسانيءَ سان ملي سگهن.

مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجي ڪتاب ’شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو احوال‘ ۾، شاه جي رسالي ۾ جيڪي جڙتو ۽ ڌاريا سر ۽ بيت اچي ويا آهن، تن جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو ته ”صحيح ۽ سچو نسخو شاه جي رسالي جو اڃان به گهربل آهي. سگهوئي ڪنهن علم واري کي دل ۾ خيال پوندو جو اهڙو ڪتاب ڇاپائي پڌرو ڪندو، ته پڙهڻ وارا پڙهي، خوش ٿي، دعا خير جي ڪندا.“ ۽ پڻ ’سگما‘ پنهنجي ڪتاب ’سنڌ بابت ٿورو ذڪر‘ ۾ وڏي افسوس سان اهڙي ساڳي شڪايت ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

هاڻ سڀ ڇاپيل رسالا ۽ پٽ ۾ ٻلڙيءَ وارا جهونا قلمي نسخا مقابل ڪري، ڏاريا ۽ جڙتو سر ۽ بيت، ڪهٽي غور ۽ تنقيد بعد رد ڪري، شاه جي رسالي جو حتي المقدور سچو ۽ صحيح نسخو تيار ڪيو ويو آهي. لفظن جي هِجي هاڻوڪيءَ صورتخطيءَ ۾ ڏني ويئي آهي؛ مگر تلفظ لاڙيءَ ٻوليءَ وارو قائم ڪيو ويو آهي. انهيءَ جا سبب هي آهن: هڪڙو ته شاهه جا ابا ڏاڏا، جهڙوڪ شاهه عبدالڪريم لاڙ جي نزديڪ رهندا هئا ۽ خود شاه عبداللطيف جو به لاڙ سان گهڻو لهه وچڙ هو. جنهن ڪري سندس تلفظ لاڙي هو؛ ٻيو ته پٽ ۽ ٻلڙيءَ وارن جهونن قلمي نسخن ۾ ڏنل تلفظ لاڙي آهي. ٽيون ته لاڙ جي پاسي جا ڳوٺاڻا ماڻهو اڃا تائين اهو تلفظ ڪندا اچن؛ ۽ چوٿون ته اهو تلفظ اصلوڪن اشتقاقن جي مطابق آهي. گهڻو تفاوت رڳو انهن لفظن ۾ آهي، جن ۾ هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ 'نون غنہ' ۽ 'ه' اچن ٿا. جن جو ذڪر فصل نائين جي پڇاڙيءَ ۾ ڪيو ويو آهي.

چانڊ چونڊ بعد به شاه جو ڪلام جهجهوئي آهي، جنهن ڪان وڏيڪ ڪهڙو به اعليٰ درجي جو شاعر مشڪل چئي سگهندو. جئن ڪنهن چمن ۾، گلاب جي ٻوٽي کي ولين ۽ وڻ وڪوڙي، ان جو ذاتي حسن ۽ جلوو جهڪو ڪري ڇڏينديون آهن؛ تئن ڏارين ۽ بيگانن بيتن به شاه جي ڪلام جي اصلي سوڀيا تي ڇاپا وجهي، ان کي البت بي رونق بنائي ڇڏيو هو. اميد ته هاڻ شاه صاحب پنهنجي نوراني جمال ۽ جلال سان نظر ايندو.

ز رويت آستين بردار و گوهر را تماشا ڪن.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned by CamScanner

# اداري جا وڪري لاءِ موجود ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1- مکڙيون ماڪ ڦڙا | مير محمد پيرزادو | 20/= |
| 2- مٽيءَ هاٿا ماڻهو | عبدالواحد آريسر (ڇپائي هيٺ) | |
| 3- ماڻهو ميگهه ملهار | عبدالواحد آريسر | 15/= |
| 4- تاريخ مون کي بيڏوهي قرار ڏيندي | فيڊل ڪاسترو | 25/= |
| 5- عظيم انقلابي عورتون | سنڌيڪار: تاج جويو | 20/= |
| 6- ڦاسيءَ جي ڇانوَ ۾ | جولس فوچڪ | 25/= |
| 7- پاڪستان ۾ قومي سوال | امداد چانڊيو | 25/= |
| 8- فلسفي جو ابتدائي ڪورس | سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو | 50/= |
| 9- ترقيءَ جو غير سرمائيداراڻو رستو | لعل چارڻ | 12/= |
| 10- سوشلزم ماضي، حال، مستقبل | سنڌيڪار: امداد چانڊيو | 10/= |
| 11- سوويت جمهوريت اصول ۽ عمل | چرنتڪو | 15/= |
| 12- چٽاڪانگ جا عظيم انقلابي | ڪلپنا دت / سرواڻ | 22/= |
| 13- چي گويرا جي ڊائري | سنڌيڪار: يوسف سنڌي | 50/= |
| 14- مظلوم قومن جو مستقبل | جام ساقي | 25/= |
| 15- انقلاب جي واٽ | ابو جبران | 30/= |
| 16- بين الاقوامي انقلاب جو راهِ عمل | سنڌيڪار: رشيد ڀٽي | 32/= |
| 17- ويتنامي ڪهاڻيون | رسول بخش پليجو | 25/= |
| 18- لينن جي انقلابي ڪهاڻي | نجم عباسي | 40/= |
| 19- سنڌ جي بمبئي کان آزادي | جي. ايم. سيد | 27/= |
| 20- پريسترائيڪا | ميخائيل گورباچوف/ گهنشام پرڪاش | 80/= |
| 21- تاريخ اسان سان انصاف ڪندي | گل محمد جکراڻي | 20/= |
| 22- فڪر جي آزادي | سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو | 75/= |
| 23- نئين سنڌ لاءِ جدوجهد | جي. ايم. سيد | 62/= |
| 24- پيءُ جا ڌيءَ ڏي خط | جواهر لعل نهرو/ پرويز | 25/= |
| 25- بغاوت | خليل جبران / يوسف سنڌي | 20/= |
| 26- چار گهڙيون چيٽ ۾ | احمد علي رند | 27/= |
| 27- ڏونگر منجهه ڏيئو | بورس پوليوائي/ پرويز | 80/= |
| 28- شاهه، سچل، سامي | محمد ابراهيم جويو | 35/= |
| 29- منهنجي ڪهاڻي | جواهر لعل نهرو | 88/= |
| 30- غدار | ڪرشن چندر/ ولي رام ولڀ | 25/= |
| 31- اسان زنده رهنداسين | ليليٰ خالد / زيب سنڌي | 35/= |
| 32- عورت ۽ قومي آزاديءَ جا انقلاب | آزاد قاضي | 32/= |
| 33- ماءُ (مڪمل) | ميڪسم گورڪي/ گوبند مالهي | 50/= |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

شاه عبداللطيف جهڙو هر وجه ڪامل ۽ هر دل عزيز شاعر، سنڌ ۾ اڃا ڪونه پيدا ٿيو آهي. اهڙو ڪو سنڌي خواندو مشڪل لڀندو، جنهن کي سندس ڪلام جي سِڪ نه هوندي؛ ۽ اهڙو ڪو هنڌ خالي ڪونه هوندو، جتي سندس شعر جو پڙاڏو ڪَنِ نه پوندو. سندس شاعراڻيءَ "خستوريءَ جي خوشبوءِ سڀ ولايت واسي ڇڏي آهي." شاهه ئي آهي جنهن ۾ هڪ وڏي شاعر جون ڪُلي لياقتون موجود آهن. سندس خيالي قوت جي اُڏام هيءَ آهي ته جئن جئن اسين سندس شعر تي اونهو غور ڪنداسين، تئن تئن اسان ۾ نئين نئين حيرت اُٿيِن ٿيندي. ٻين شاعرن جي خيالي قوت پڻ چڱي آهي، مگر شاه جي دَرَ کي ٻه نه رسي سگهندا. شاهه جو ڪلام، خواه خلوت ۾ پڙهبو خواه محفل ۾، خواه ڪنهن مثال يا ٽيڪا طور ڪتب آڻبو، ته نيون نيون خوبيون اسان جي اچرج جو ڪارڻ ٿينديون؛ ۽ سندس طبع جي فراوانيءَ جي شاهدي ڏينديون. ۽ وري وري پڙهڻ سان سندس شعر ۾ ضرور اهڙي ڪا نئين نزاڪت نظر چڙهندي، جا اڳي اک کان گُسي وئي هوندي. اهڙو ڪو ورلي لڀندو جنهن کي شاهه جي مهراڻ مان معنيٰ جا موتي هٿ نه آيا هجن، يا جو سياڻپ ۽ ساڃاهه جي سبق پرائڻ کان محروم رهيو هجي.

(ڪتاب مان ڪنيل ٽڪرو)

A ROSHNI BOOK
Latifyat
Pakistan Rs.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book